
ويريون

# ويريون

(ڪھاڻيون)

حميد سنڌي

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

## حق واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ويريون ۽ ٻيون ڪهاڻيون |
| موضوع : | ڪهاڻيون |
| ليکڪ : | حميد سنڌي |
| ڇاپو پهريون: | 1981ع |
| ٽيون ڇاپيو: | 1995ع |
| ڇپائيندڙ : | اڪبر علي سيال منتظم زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد |
| ڇپيندڙ : | زينت پرنٽرز، ڪوڪر پاڙو، حيدرآباد |
| قيمت : | 12 روپيا |
| ڊجيٽل ايڊيشن: | 2020ع |
| | سنڌ سلامت ڪتاب گهر |
| | books.sindhsalamat.com |

هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو

# ارپنا

**سنڌ جي عظيم شخصيت،**
**سنڌي ادب ۾ منهنجي جيجل**
**بيگم زينت چنا**
**جي نالي**

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”ويريون“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب نامياري ڪهاڻيڪار **حميد سنڌيءَ** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي جنهن ۾ 1978ع تائين ڇپيل ڪهاڻيون شامل آهن. فهميده بلوچ لکي ٿي:

”حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين کي ڪيترائي ڀيرا پڙهيو اٿم. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ اهڙيون ڪهاڻيون ٿوريون لکيون ويون آهن. هن جي قلم جي قوت آهي ۽ قلم اجان سوڌو مستقبل جي آئيني ۾ سوراخ ڪري ڪاغذ تي هلي رهيو اٿس. سنڌ جي معاشري ۽ فرسوده روايتن ۽ مسئلن تي ايڏي اونهائيءَ سان لکي ٿو. هر ڪو لکي ٿو پيار، پيار، پيار ۽ اسان وٽ پيار جو ايڏو ڪو مسئلو نه آهي. اسان وٽ اهڙي ڪوڪلي نفس پرستيءَ جي پيار جي ضرورت ناهي. ان پيار جي ضرورت آهي، جنهن ۾ انگ اگهاڙن ۽ پيٽ بکين جو احساس هجي، انهن لاءِ روج هجي، ماتم هجي. اسان وٽ اهو پيار هجي، جنهن ۾ ڏتڙيل ڌرتيءَ جي گونگن ٻوڙن لاءِ زبان هجي، ڪن هجن ۽ جدوجهد هجي، جنهن ۾ قرباني ئي قرباني هجي. حميد جي لکڻين ۾ اهي سڀ سنيها آهن . آءٌ سمجهان ٿي ته هن جي ڪهاڻين جي مايوسي مايوسي نه آهي، پر مسئلن سان منهن ڏيڻ، ذميوارين سان پيار، مايوسين کي هٽائڻ، زنده رهڻ ۽ ٻين کي جيارڻ لاءِ سوچن جا سلسلا اڻ کٽ ڊهندڙ ٺهندڙ فيصلا سيني ڪهاڻين جي ڪردارن کي شخصيت کي مضبوط بنائڻ لاءِ سرگردان آهن. ويريون جون سڀ ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي جي اوسر ۾ وڏي حيثيت وارين ٿيون.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1981ع ۾ جڏهن ته ٽيون ڇاپو 1995ع ۾ زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد پاران ڇاپيو ويو.

اوهان جو پنهنجو

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ناشر طرفان ٻہ اکر | | 07 |
| اٽاوا پنڌ، اٽاوا لاڙا | حميد سنڌي | 08 |
| پهرين ڇاپي جو مهاڳ | حميد سنڌي | 09 |
| حميد سنڌي هڪ خاڪو | خواجا سليم احمد | 11 |
| ادبي ولين ادبي هيرو هڪ تعارف | ماهتاب محبوب | 14 |
| رايا | | 22 |


## ڪهاڻيون


- ويريون 26
- ڏوپار 31
- روشن اوندھ 35
- جهيٽي 42
- ست پٽيتي 47
- جنت 52
- احساس جي منزل 56
- پري پيو پنيور 60
- ٽڪنڊو 64
- پيار جي ريکا 67
- دربان 71
- هڪ هرٽيءَ جي ڳالھ 77
- سونهن ۽ سوپيا 80
- نوٽ ڏرتي 84

# ناشر طرفان ٻه اکر

# [ڀيريون ڇاپو]

زندگي پبليڪيشن 1958ع ۾ حميد سنڌيءَ جو ڪتاب ”سيمي“ ڇاپي سنڌي ادب ۾ ڀرپور وک کنئي هئي. تنهن کانپوءِ ناصر مورائيءَ جو ناول ”راتيون جاڳن جي“ پڌرو ڪيو ويو. سنت ئي پوءِ سنڌ جي ٻرک افسانه نگارن جا ٻه ڪتاب، جمال ابڙي جي ڪهاڻين جو مجموعو ”پشو پاشا“ ۽ غلام ربانيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو ”آب حيات“ ڇاپي سنڌي ادب ۾ مشهور ڪهاڻيڪارن جي مجموعن جي نه هجڻ جي احساس کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

1960ع ڌاري ”زندگي پبليڪيشن“ سيني اديب ساٿين جي سهڪار سان ماهوار ” روح رهاڻ“ رسالو ڪڍيو. جنهنجو ايڊيٽر هن ڪتاب جو ليکڪ حميد سنڌي هو ۽ جيڪو رسالو 1969ع تائين سنڌي ادب ۾ پيدا ٿيل نون لاڙن جي نمائندگي ڪندو رهيو. ”روح رهاڻ“ انهيءَ وقت ٻه سنڌي ادب ۾ نون لاڙن جي نمايان علامت هو ۽ اڄ ٻه انهيءَ جا پيدا ڪيل اديب اهوئي ادب پيش ڪن پيا، جيڪو وقت جي ضرورت پئي رهيو آهي ۽ ڪنهن ٻه دور ۾ مرٽو نه آهي.

انهيءَ وچ ۾ ”زندگي پبليڪيشن“ جو ڪتابن ڇاپڻ جو پروگرام جاري رهيو، جنهن ۾ حيمد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو ”اداس واديون“ شيخ اياز جي شاعري جا ڪتاب ”جل جل مشعل جل“، ”رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي“ ۽ سندس ”مضمون ۽ خط“ اڇي وڃن ٿا.

زندگي پبليڪيشن جو ٻيڙو زندگيءَ جي سمونڊ تي روان آهي ۽ رهندو. هاڻ اجهو حميد سنڌي جي ڪهاڻين جو نئون مجموعو ”ويريون“ حاضر آهي. هن ۾ 1978ع تائين ڇپيل ڪهاڻيون ڏنل آهن. هيءُ ڪتاب اڳ اڇڻ ڪپي ها پر ڪن اڻٽر سببن جي ڪري دير سان پڌرو ٿي رهيو آهي.

هن کان پوءِ پڙهندڙن جو سهڪار شامل رهيوته جلد ”روح رهاڻ“ ۾ ڇپيل ڪهاڻين، شعرن ۽ مضمونن جا چونڊ ڳٽڪا ڇاپي پڌرا ڪيا ويندا.

وڏيک اميد اٿئون ته سنڌ جو ماڻهو سنڌي ادب سان اهوئي چاهه رکي ساٿ نڀائيندو ايندو، جيڪو سندس وَڙُ آهي.

**منتظم**

# اٽاوا پنڌ، اٽاوا لاڙا

"سيمي" ۽ "اداس واديون" کان پوءِ "ويريون" منهنجي حياتي جا ويهه سال. حياتي به اها جنهن ۾ انهن ڪهاڻين جي ڪردارن سان گڏ گهاريو اٿم. سندن ڏکن مون کي ماريو آهي، سندن خوشين مون کي جياريو آهي. سندن حياتي منهنجي حياتي کان ڪنهن به طرح مختلف نه آهي، ڇاڪاڻ ته منهنجي هر ڪهاڻي سنڌ جي ڪهاڻي آهي ۽ ان جو هر ڪردار سنڌ جي معاشري سان واسطو رکندڙ آهي ۽ مان به انهن وانگر هن معاشري جو اهڙو فرد آهيان، جيڪو ڪڏهن پريءَ ۾ ته ڪڏهن پاڪر ۾. جتي به منهنجي ڪن ڪردارن بغاوت ڪئي آهي، ڪوڙ ۽ ڪپٽ جون ڪڙيون ٽوڙيون آهن يا بنهه مايوس ٿي لنگر لاهي ويهي رهيا آهن، اتي مان به پنتي نه رهيو آهيان ۽ وک وک سان ملايو ڪنيون اچان. ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۽ مٽيءَ ۾ هڪ عجيب پر وڏي مٺيا آهي. اسان جو ماڻهو ٽپي ته درياهه به ٽپي وڃي، نه ته اڌ تي بيهيو رهي. تنهن هوندي به "ٽوٽ ڌرتي" جو ميهاڻي مست اهو چيو ڏئي ته مستن ۾ وڏي مٺيا آهي ۽ مست ٿيڻ لاءِ ڌرتي سان اڻ ميو پيار هئڻ تمام ضروري آهي.

هونئن ته مون کي سڀ ڪهاڻيون ۽ ان جا ڪردار پيارا آهن، پر اهڙيون ڪهاڻيون وڌيڪ پياريون اٿم جن کي جنم ڏيندي کي علامتون ۽ اهڃاڻ منهنجي آڏو هئا ۽ ان جي ڪري ذهني عذاب به ڀوڳيو اٿم. انهن ۾ خاص طور "ويريون"، " ڏوپار"، روشن اوندهه"، " جنت"، " دربان"، "هڪ هرڻي جي ڳالهه" ۽ "ٽوٽ ڌرتي" اچي وڃن ٿيون. شايد انهيءَ ذهني تڪليف ڪري اجان تائين به نيون علامتي ڪهاڻيون " ميل جو پٿر" ۽ " جنهن دل پيتا عشق دا جام" مڪمل ڪري نه سگهيو آهيان. شايد اهي ڏک ۽ ذهني عذاب ايترو ته پيارا اٿم جو جدا ڪرڻ تي دل نه ٿي چوي ۽ سمجهان به اهوئي ٿو ته هاڻ منهنجي ڪهاڻين جا رخ لاڙا ۽ پنڌ اهڙا ئي اٽاوا هوندا.

مان انهن پيارن جو ٿورائتو آهيان، جن منهنجي ڪهاڻين جو پنڌ سجاڻي ٻولاڇاري لائق سمجهيو آهي. رايا سڀ ته هٿ نه اچي سگهيا اٿم پر جيڪو پراڻن توڙي نون ڪاڳرن ۾ داخل مليو اٿم اهو هن ڪتاب ۾ شامل آهي.

مان هتي پنهجي هڪ ساٿيءَ جو، جيڪو سڌ ۾ ساٿي رهيو اٿم، ٿورو ضرور مڃيندس، ڇاڪاڻ ته هن کان سواءِ هيءُ ڪتاب جيڪو ٻه ورهيه پريس فارمن جي صورت ۾ سڙندو رهيو ۽ نڪري نه سگهي ها. ها، مان پياري نانڪ جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان.

شال جيئن منهنجا ساٿيڙا ۽ سانگيڙا جن مون کي وَرُ وَرُ پي جياريو آهي. اڳتي به هئڙن اٽاون پنڌن ۽ لاڙن ۾ اٽائو واءُ ڏسي به منهن نه موڙيندا.

**حميد سنڌي**

# ڀھرين ڇاپي جو مھاڳ

"سيمي" کان " ويريون" تائين، ويريون کان "جاڳ ۽ جنھن جي جيءَ سان" تائين ھڪ وڏو سفر ھو، جيڪو مون نہ پر منھنجي ڪھاڻين ۾ انھن جي ڪردارن طئي ڪيو آھي. مون لاءِ سڀ ڪھاڻيون ۾ انھن جا ڪردار ڏاڍا پيارا ۽ جياپي جو سبب بڻيا آھن. جيئن اسانجي قدرن ۾ ماپن مطابق انسان جوھن ڌرتي تي جياپي جو تصور آدرش رھيو آھي. ان لاءِ انسان ھميشہ مونجھاري ۾ ڀنيلبو رھيو آھي. ڀنيلجي وري سنيلجي حياتي گھارڻ وارو عمل انسانذات لاءِ نوان تجربا ڪٺي پئي آيو آھي. خلقت خدا جي پئي گھاري، مري جيئي، جيئي مري پر گھاري پئي. ڇاڪاڻ تہ ھن ڌرتي جو وھنوار اٿين آھي. سماجي — اقتصادي قدر ڪيس يقينن ناقابل يقين ۾ Unpredictable حالتن ڏانھن ڌڪيندا رھندا آھن. انھن حالتن پٽاندر ھر ماڻھو پنھنجا ويچار خلقي ٿو ۽ پنھنجي ڪردار کي سماج ۾ چٽي بيھارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. مري جھري ۽ پنھنجي ڇاپ ۾ شخصيت کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڪٿي تہ سندس شخصيت سماجي وھنوار پٽاندر آھي تہ ڪٿي سندس شخصيت تہ ڇا پر ھستي ۽ Distort ٿي وڃي ٿي. انھيءَ عمل دوران قدرت ۽ پنھنجا انداز ۾ ماڻ ڏيکاريندي رھي ٿي. ڪي ماڻھو خلقت خدا جي ۾ نڪري نروار ٿين ٿا تہ ڪي ڪنڊڙي وٺي مجذوبن جيان گھارين ٿا. ڪنھن جي واڳ ڏٽيءَ وس تہ ڪو منھن موچارو ڪيو اندر جي پيڙا ۾ پيڙ جي ختم ٿي وڃي ٿو. ھر ماڻھوءَ وٽ پنھنجي حياتي جي ھڪ وٽندڙ، اٽوندڙ يا ڏڪوئيندڙ ڪھاڻي آھي. ھو ڪنھن سان ھڪ سور سلي ٿو تہ ٻئي سور لاءِ ٻڌڻ واري وٽ يا وقت ناھي يا تہ وري ھر ڪنھن کي جو سمورن جي مٺ مٺ پريل آھي تہ ھو منھن چھو ڪري ڦيري ٻئي پاسي ڪري ٿو.
پر قدرت کي جو نوان انداز ۾ ماٺا ڏيکارڻا آھن تہ انھن ماڻھن مان ڪي ماڻھو آھن جيڪي انھن دردوندن جون ڳالھيون ٻڌن ٿا يا چپ چاپ انھن کي ڏسندا ۽ ڪين محسوس ڪندا رھن ٿا. جڏھن ٻين جا سور سندس دک درد جو حصو بڻجن ٿا تہ ھو دانھن ڪري اٿي ٿو ايئن ڪردار تخليق ٿين ٿا. سڀ گڏجي ان spokesman جي معرفت سماج ۾ پنھنجو ڪردار ۾ جاءِ ناھي وجن ٿا. اھو spokesman يا ترجمان منھنجي نظر ۾ اھو ڳالھير آھي، جيڪو صدين کان ٻي زبان پکين، جانورن ۾ انسانن کي زبان بخشيندو رھيو آھي. منھنجي لاءِ اھو ڳالھير اڄ جو ڪھاڻيڪار آھي، جيڪو ھر ماڻھوءَ جي حالتن پٽاندر ڏکن، سکن جي ڪھاڻين جو ڪارو متي تي ڪنيو وتي ٿو ھو ڪا ڏيندو تہ آھي ڪو جو ھنن ڏکن ۾ سکن کي خريدي جيڪي سندس سورن ۾ سکن کان الڳ نہ آھن. ھر ڪھاڻيڪار جون ڪھاڻيون اٿين وڪامن ٿيون. ڪنھن کي سورن جي سٽ ڏين ٿيون تہ ڪنھن کي ڏکن جو درمان بڻجي سک بخشين ٿيون. باقي رھيو ڪھاڻيڪار تہ اھو ٺلھو ڪارو ڪٺي گھر پھچي ٿو تہ وٽس انھن ماڻھن جي ممتا جي مرڪ ۽ ڪين مليل آئت سندس ذھن ۾ ڏيئي جي لاٽ ٻارڻ جو سبب بڻجن ٿا.
ڀھريائين تہ مان پنھنجي پڙھندڙن جو ٿورائتو آھيان جيڪي منھنجي ڪھاڻين جا خريدار ۽ ڏيئي ۾ تيل وجھي جوت جلائڻ جو سبب پي بڻيا آھن. مان ان کان وڌيڪ انھن ماڻھن جو ٿورائتو آھيان، جيڪي ڄاڻ ھوندي ۽ اڻڄاڻائي ۾ مون وٽ ڪردارن جو روپ وٺي ايندا رھيا آھن ۽ مون ڪين ڪڏھن ۽ مايوس نہ ڪيو آھي.

”ويريون“ جي حوالي سان منهنجا ۽ پنهنجا ڪردار ڏسو. ويريون جو محمد ابراهيم، ڏوپار جو باشو، روشن اوندهہ جو علي خان، جهيڙي جي جهيڙي، ست پٽيتي جي پاڳان، جنت جي جنت، دربان جو چاچو علي محمد، هڪ هرڻي جي ڳالهہ، ٿوٽ ڌرتي ۽ ٻيا انيڪ ڪردار ساهہ کڻندا وڙهندا جهڙندا نظر ايندا.
شال اهي سماج جا سرواڻ جيئن. ائين من منهنجي ڌرتي جي ماڻهن جي ڏکن سورن جو درمان ڳڻجي سگهي يا سندس زخمن جي چيٽ ٿي سگهي.

(ٽئين ڇاپي جو مهاڳ)

## خواجا سليم احمد

# حميد سنڌي: هڪ خاڪو

اهو وقت 1960ع جي شروعاتي سالن وارو هو، جڏهن مون هڪ شخص جي باري ۾ ٻڌو، جنهن تازو پنهنجو ادبي رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيو هو. ڪراچي جي ادبي حلقن ۾ هن کي شيخ حفيظ کان سواءِ ڪير ڪو نه سڃاڻيندو هو:

”هو سنو ڇوڪرو آهي پر چاڪليٽي هيرو آهي“ حفيظ آهستي چيو، ۽ جڏهن مون ڪائنس هن شخص جي ادبي حيثيت متعلق پڇيو ته حفيظ ڪلها لوڏي خاموش ٿي ويو.

آخر منهنجي هن سان ملاقات ٿي وئي. جمال رند وٽ سنڌي ادبي سنگت جي ڪچهري هئي ۽ هن اتي ترجمو ٿيل هڪ شيءِ پڙهي، جيڪا موسم جي سونهن متعلق هئي. نهايت بي موقعي ۽ بي مقصد شيءِ. باوجود سندس صاف چٽي لهجي ۽ ڊرامائي انداز جي سندس اهو قلمي زور مون تي نه هليو. هن جو ڇوڪراڻو چهرو، ڊگهو ۽ پريل جسم ۽ پاڻ ۾ گم رهڻ وارو انداز ڏسي مون کي حفيظ جا وڏيڪ تاثرات ياد آيا. ڪمزور شخص پاڻ تي رحم ڪائيندڙ، پنهنجي وڏپڻي جي ويگ جو يقيني مريض.

ٻئي ڏينهن هو مون کي پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ ويندي ئي منهنجي هٿ ۾ پنهنجي ناوليٽ ”حويلي“ جو مسودو ڏنائين. مسودو پڙهي ڪيس صلاح ڏنم ته انهيءَ کي طاق تي رکي ڇڏ. موٽ ۾ هن مونکي سنئي پڪل لذيذ ڪڪڙ کارائي.

ها سائين، هيءَ ذڪر — خير حميد سنڌيءَ جو ئي پيو هلي. هيءَ هڪ اهڙي دوستيءَ جي شروعات هئي جا وقت گذرڻ سان وڌندي رهي آهي. خاص طرح جڏهن اسان کي گڏ رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. 1964ع ۾ اسان ٻئي نرسري ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽر عمر جاگيراڻيءَ سان هڪ فليٽ ۾ ڪجھ مهينا گڏ رهياسين، پر سيپٽمبر- آڪٽوبر 1965ع ۽ جنوري- مئي 1967ع ۾ ترقي پسند اديبن جي مرڪز، اوڏيھ روپ محل حيدرآباد ۾ منهنجو ساڻس گڏ رهڻ بي حد خوشگوار ۽ انيڪ تجربن وارو هو.

19— روپ محل رڳو ٻن ننڍڙن ڪمرن جي زندگيءَ کان وانجهيل جمود واري جاءِ نه هئي. انهيءَ ۾ هڪ اهڙي صفت هئي، جنهن کي بيان ڪرڻ سولو نه آهي، پر ايئن چئي سگهجي ٿو اها بي جان شين ۾ روح ڦوڪيندڙ هئي.

حميد، شمس ۽ مان انهيءَ کي رهڻ ڪرڻ جي جاءِ طور ڪتب آڻيندا هئاسين. ناصر ۽ امداد لاءِ وقتي ڇپر ڇانوَ ۽ اشفاق ۽ حفيظ لاءِ ملڻ ڪرڻ جو هنڌ هو. اسان سڀ غياث سميت ۽ ٻيا ساٿي پڻ هن جاءِ کي وندر ورونهه جي مرڪز طور يا سماجي ادبي ڪلب طور به ڪتب آڻيندا هئاسين. ان سان گڏ هيءَ هنڌ ”روح رهاڻ“ جي ايڊيٽري واري ڪم ڪار جو دفتر به هو.

اهو 19- روپ محل ئي هو، جتي اصل پر گهڻ رخي حميد جو پتو پيم. هتي ئي مون سندس غمگين ۽ خوش، محبت ۽ نفرت، پرسڪون ۽ سخت ڪاوڙيل، بي ڪار ۽ڪرت سان، هيٺو ۽ ڏاڍو،

ٺاهيندڙ ۽ ڍاهيندڙ جا انيڪ روپ ڏٺا. هتي ئي سندس باري ۾ مون پنهنجن شروعاتي خيالن ۾ ڪجهه ڦير گهير ڏٺا. هتي ئي سندس باري ۾ مون پنهنجن شروعاتي خيالن ۾ ڪجهه ڦير گهير آندي ۽ هن جي شخصي لاڙن لاءِ نئين سر ڄاڻ حاصل ڪيم.

خاص طرح اهوئي ڄاتم ته هن جي ڪمزوري هڪ شريف انسان جي ڪمزوري آهي، جيڪو گڏهه چوڻ کان ڪيٻائيندو آهي ته متان گڏهه ڏکوئجي نه وڃي. هن جو ويچاري هجڻ وارو جذبو، جيڪو هاڻ ڪافي ٽڏو ٿي چڪو آهي. حقيقت ۾ ڊرامائيت جي ڪري هو. هيءَ پرجوش ڊرامائيت هن جي طبيعت جو لازمي حصو بڻجي وئي هئي. هو ننڍين ۽ سادين شين کي انهن قدر ۽ قيمت مطابق قبول نه ڪندو هو. هن جي لاءِ هر شيءِ جو وڏو ۽ ڏکيو هجڻ تمام ضروري هو. ننڍيون ۽ خسيس ڪاميابيون ڪيس مٿيري هجڻ جي وهم ۾ مبتلا ڪري ڇڏينديون هيون. جڏهن ته ننڍڙين کان ننڍڙيون ناڪاميون ۽ جذباتي پريشانيون ڪيس پاڻ تي رحم ڪائڻ تي مجبور ڪنديون هيون ۽ اتي اڇي صفا حيران پريشان ٿي بيهي ويندو هو. جيڪڏهن اسانجي هن چاڪليٽي هيرو ۾ ڊرامائيت نه هجي ها ته هو يقينن عرب شيخن جهڙو " حرم " ضرور ٺاهي وٺي ها. جڏهن به سهٽين مان ڪنهن کي به سندس ويجهو وڃڻ جو موقعو ملندو هو ۽ سهٽيون سمجهنديون هيون ته هاڻ سندس جوشيلو ناٽڪيٽو سندن سهڻ کان ڇڙهي ويو آهي ته هو وڃي گهڻ جوشيلي ناٽڪ پٽي وارا ماٺهو هٽ ڪنديون هيون. هن جو هيءُ جذباتي ڊرامائي رخ صرف سهٽن لاءِ ئي نه هو. سندس لکٽين جي نصيب ۾ به ان جو چڱو ڀاڱو آيو آهي ۽ سندس گهٽو ڀاڱو حقيقت ۾ سندس رونق، اوجر ۽ احساس تڏهن بکندو آهي جڏهن هو فضائن ۾ اڏامڻ بجاءِ پنهجا قدم زمين تي مضبوطيءَ سان ڄمائي لکندو آهي.

اتي ئي مون منجهس تنظيمي ۽ وقت نڀائي ڇڙهڻ واريون صلاحيتون ۽ قوتون ڏٺيون. هن جو ڏکين ۽ اٽوٽندڙ حالتن ۾ ماهوار ”روح رهاڻ“ ڪڍڻ، ان جا سالوار جشن ڪرائڻ انهيءَ ڳالهه جو وڏو ثبوت آهي ته اهڙو حيوان آهي، جيڪو يوتوپيائن ۾ رهي ٿو ۽ انهن جي ڪنهن حصي کي عملي صورت ڏيڻ جي قوت رکي ٿو.

”روح رهاڻ“ جي وجود سنڌ ۾ خودشناسيءَ جي احساس کي بيدار ٿيندي ڏٺو ۽ اهرو پاسو ورائيندي ڏٺو، جنهن اڳتي هلي هڪ طوفاني ۽ سيلابي رخ اختيارڪيو. ”روح رهاڻ“ ۽ ان جي جشنن خاص طرح مارچ 1967ع کان پوءِ هڪ سيلاب جي صورت اختيار ڪئي. 1967ع جي شروعات ۾ ”روح رهاڻ“ تي زوري بندش سان حميد جي زندگيءَ جو ۽ ان سان گڏ سنڌي ادب جي تاريخ جو هڪ ڇٽو ۽ نمايان باب پورو ٿيو.

حميد جو هيءُ اٽپورو ۽ اتاولو خاڪو لکندي مون ايتروئي بار محسوس ڪيو آهي، جيترو بار هڪ ڀئي پاري دوست شيخ حفيظ جي باري ۾ ٽيليويزن جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي محسوس ڪيو هيم. هن مرحوم ڪهاڻيڪار دوست جي شخصيت جي نمايان رخن ۽ لاڙن، سندس غير رسمي هجڻ ۽ اڻ ناهه واري طبيعت کي وڌيڪ نمايان ڪرڻ جي خيال ۾ اهڙو ته پري وڃي نڪتس جو ڪيس مورڳو غير ذميوار شخص بڻائي ڇڏيم. حفيظ ڀيو سڀ ڪجهه ٿي سگهيو پئي پر غير ذميوار نه. انهيءَ حرڪت تي مون کي هر طرف کان ڳالهيون ۽ گاريون ٻڌڻيون پيون. خاص طرح رشيد ڀٽيءَ کان اهوئي ڀٽي جنهن کي تازو الهام ٿيو آهي ته منهنجي ۽ شيام جي شخصيت تي حفيظ جو

ٺپو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هن دفعي الزامن جي تيرن جي تکائي ۾ تيزي اچي کان گهٽي وڌي هوندي، ڇاڪاڻ جو حميد ان وقت جي حفيظ کان گهڻو جاندار ۽ حياتي سان ڀرپور آهي، جنهن وقت مون هن جي شخصيت بابت ٿي ويءَ تي ڳالهايو هو.

(10 آگسٽ 1976ع تي انگريزيءَ ۾ لکيل خاڪو، جو 1968ع جي زماني تائين آهي، ترجمو: ح. س. )

## ماهتاب محبوب

# ادبي ولين ادبي هيرو
## هڪ تعارف

جڏهن مون "سنڌي ادبي انڊسٽري" ۾ نئون قدم رکيو هو تڏهن هن جو غائباڻو تعارف اهڙي ته زهريلي طرح سان ذهن نشين ڪرايو ويو هئم جو غير ارادي طور ڪيس ادبي ولين سمجهي ويٺيس. ويتر جو منهنجي ڪهاڻي هڪ رسالي جي ٻانهن ٻيلي هئڻ جي حيثيت ۾ ستون ڪاتي ۽ پروف جي زبردست چڪن سميت شايع ڪيائين ته بدگماني جون پيڙهيون وڏيڪ پختيون ٿي ويون. پر اهي ڪيڏيون ٻه پختيون هجن، بند ڪيڏا ٻه مضبوط هجن. ڪڏهن ڪڏهن سم ۽ دريا جي زور ڪري ان ۾ ڊار پئجي ويندا آهن، ڀري ٻه ويندا آهن.

مون کي ته ڏيان ۾ ئي نه هو ته ڪو هن لاءِ دل ۾ عزت احترام ۽ خلوص جا جذبا پيدا ٿي پوندم.

پيڪن جو گهر ڇڏڻ بعد خبر پيم ته هن جا منهنجي ساهري گهر سان دوستاڻا ناتا آهن. ان ڪري محبوب جي ٻه ساٿس دعا سلام هوندي هئي. گهر ۾ دعوتون هجن يا ٻيا ڪافي فنڪشن، محبوب ۽ هو انهيءَ جوانتظام پنهنجي سر کڻڻ ۾ سدائين اڳيرا هوندا هئا.

محبوب جي ٽرانسفر ٿيڻ ڪري اسين ته پوءِ جلد ئي حيدر آباد کان ڪراچي وڃي رهيا هئاسين تنهنڪري هن سان ملڻ جا ڪي چانس پيدا نه ٿيا ۽ جي ٿيا ٻه ته جاڻي واڻي سامهون نه وئي مانس. هڪ ڀيري اسانجي ڪار جي پرسان هن جي ڪار لنگهي ته پنهنجو هٿ مٿي ڪري محبوب کي وش ڪيائين، تڏهن مون ٻه مٿاڇري نظر سان هن کي ڏٺو هو. هڪ اڌ ڀيري اوچتو سامهون ٻه ٿيم پر ڪا دعا سلام ته ٿهيو مون اکيون ئي ڍڪي ڇڏيون هيون.

ٻه چار سال اڳ ساهراڻي گهر ۾ ڪو ڪاج هو. پبلڪ جي بي حد اصرار تي مونکي ٻه "پردهٔ سيمين" تي اچڻو پيو. نه ته "ڊبل ڊيڪر" واري حالت ۾ گهران نڪرڻ معنيٰ خلق جي خواري. گوڙ گهمسان کان بچائڻ لاءِ انجام موجب محبوب مونکي جلد ئي سڏرايو. ڪاج ۾ آيل زالن سان گهر سٽيل هجي، مان بنا موڪلائڻ جي لڪي لڪي اتان ڪسڪيس ته متان ڪير ترسڻ لاءِ نه چئي. مهمانن کي ماني کارائڻ لاءِ شاميانو لڳل هو. اهو سجو لتاڙي ڪار تائين پهچڻو هئم. شامياني اندر پير رکندي ئي هن کي فل سوٽ ۾ فنڪاراڻي انداز سان ڪرسيءَ تي ويٺل ڏٺم. ڪنڌ مٿي ڪري مونڏانهن نهاريائين. مون پنهنجون نظرون جهڪائي ڇڏيون پر ڏاڍي شڪي ٿيس. آخر مان ٻه ته " سنڌي ادبي انڊسٽري" جي "هيروئن" هيس ۽ هيروئن کي اهڙي حال ۾ ڏسڻ معنيٰ سجو اميج خراب ٿيڻ!

"ڇو آيس مان ان مئي شامياني ۾" ............ سوچيم "ڪاش اهو ڪو ڪارڙو ڪوجهڙو ايڪسٽرا هجي ها ته مان ڪيڏي نه شان سان اتان لنگهي وڃان ها........"وهم گمان ٻه نه هو ته اهڙي گوڙ ۾ ائين اڪيلو سوچن ۾ غرق ملندو. مان ايڏي ٻوري هيس جو جيڪا وک اڳتي کڻان سا ايئن

لڳي چڱ پٽ تي پئي ڪچي. شاميانو ڪٽڻ جو نالو ئي نہ وٺي آخر خبر نہ آهي تہ ڪيئن اچي "ڏوپار" پهتيس. محبوب ڪار ۾ ويٺو هو. مان بہ جهٽ در ڪولي اندر ويهي رهيس.

"اتان ڪار بيهارڻ جي ڪهڙي ضروت هئي" مون ڪسرون ڪڍڻ چاهيون.

" غلطي ٿي، نہ تہ ڇت تي بيهاريان ها..........." هن ويتر ڏنپ ڏنو.

مون مونجهہ مان زالن وانگر ساهہ ڪنيو جيڪي "ڊيل ڊيڪر" تي چڙهہ سڄي جهان تي ٺورو ٺڪينديون آهن.

"شاميانو لڳڻ ڪري پارڪنگ جي ڄي ڪا جاءِ بہ نہ هئي" محبوب نرمائيءَ مان چيو.

"- بہ اتي ويٺو هو، مون کي ڏسي ڇا سوچيو هونداٿين تہ هلڻ کان هلاڪ هوندي بہ ڪاچڻ ۾ تي اتي ويهي." آخر سور سٺو نہ ٿيم. "گهر جو ڪاج هو ڪو پرايو نہ هو."

" پر هن جنهن نظر سان ڏٺو ان ۾ طنز هئي، ٽوڪ هئي!"

"اجايا وهم نہ ڪندي ڪر. هو اهڙو ناهي"

............................

بيگم زينت چنا جي ٽيجهي تي حسب معمول وراندي ۾ هو بہ ڪمن ڪارين ۾ رڌل هو. اوچتو آواز پڌم: "محبوب جا ٻار ڪٿي آهن؟" مان ڏانهس نهاريو تہ چيائين. "پاپي، توهان کي محبوب وٺڻ آيو آهي" هو مون سان گڏجي در تائين آيو. ڪڏهن ڪڏهن فون بہ ڪندو هو: "بابا..........محبوب آهي؟"

"جي نہ ......... ٻاهر ويل آهي." گهڻو ڪري منهنجو اهو جواب هوندو هو.

"چڱو بابا، مان وري پوءِ فون ڪندس."

لهجي ۾ ايڏي پنهنجائپ، ايڏو خلوص، شرافت ۽ اخلاق جو مان محبوب کان پڇڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهيس تہ اهڙي آواز وارو ڪير هو. هن پاڻ ئي نہ ٻڌايو، مان ڪيئن پڇان ها.

هڪ ڀيري محبوب جي گهر ۾ هوندي هن جو فون آيو. تڏهن ئي خبر پيم تہ هو ڪو ٻيو نہ پر حميد سنڌي هو، ادبي ولين!

هاڻ فون تي منهنجي بہ ساڻس دعا سلام ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪا ادبي ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي هئي.

"منهنجي ڀيڻ، توهان کي اسان لاءِ گهڻيون ئي بدگمانيون دل ۾ پيل آهن، پر موقعو مليو تہ مان انهن کي ضرور پري ڪندس."

"اهڙي ڪائي ڳالهہ ناهي، ادا....."

"آهي، بلڪل آهي. تڏهن ئي تہ افسانو لکيو هيوَ، مان پڙهيو هو. ڏاڍو اسان تي چوهہ چنڊيا هيوَ."

"مان تہ چڙو اها ڳالهہ ڪئي تہ ڀينر اڳ ئي گهٽ ٿيون لکن وري جو سندن لکڻيون اهڙيءَ ريت چيچنديون تہ ڪنهن جي دل چوندي لکڻ تي."

"ڀيڻ مان جلد ئي اچي اوهان جون بدگمانيون پري ڪندس."

آواز شخصيت جو آئينو آهي. مونکي ان آئيني ۾ هن جي شخصيت بي داغ نظر آئي، منهنجون بدگمانيون پاڻ مرادو پري ٿي ويون.

حميد سنڌي همدرد انسان آهي هن جو قرب ۾ شفقت ڀريو انداز ڪڏهن بہ ذهن تان ميسارجي نٿو سگهي. بابلا، امان، منهنجي پيءُ ۽ بابا جهڙا پنهنجائپ ۽ قرب جو احساس ڏياريندڙ عزت ۾ خلوص ڀريا پيارا لفظ جڏهن هن جي زبان مان ٻڌبا آهن تہ دل کي راحت ملندي آهي.

پر انهن لفظن جي ميناج مان هر ڪو نہ ڄاڻي. ڪنهن غير سنڌيءَ نينگريءَ کي جڏهن امان ڪري ڪوٺيائين تہ هوءَ ڪاوڙجي پئي هئس. هن ليکي تہ مونکي پاڻ کان وڏو بنهہ ماءُ جيڏو ڪري ٿو سمجهي، پر حميد سنڌي جي وضاحت ڪانپوءِ وڃي نينگريءَ جي ڪاوڙ ٿڌي ٿي. هو اڪثر ڪري چوندو آهي:

”بس ڇا ڪريون، ڪنهن کي بابا ڪنهن کي امان ڪري ٿا ڇئون. سالن جا سال مڙهن جي سرپرستيءَ ۾ ڪم ڪري ڪري مڙها ٿي ويا آهيون. ڪاليجن جو ڊئريڪٽر هئس، تڏهن بہ مڙها عقاب وانگر اکيون وجهيو ويٺا هوندا هئم. هينئر ايڊيشنل ڊائريڪٽر آهيان تہ بہ مڙها غارن ۾ ويٺي ويٺي طلسمي شيِشي مان اهڙو تہ ڏائڻ وارو ڏهڪاءُ ٿا ڏين جو هياءُ ئي روڙيو وجهن. ان کان تہ ميوزڪ ڊائريڪٽر هجان ها تہ ڀلو هيو. پوڙهن جي ڏنل دردن جون، پيڙائيون ڏنون تيار ڪري پنهنجو هياءُ تہ هلڪو ڪيان ها.“

حميد تہ ائين ئي کٽي ڳالهہ ڪئي، پر ان ۾ جيڪو درد ۽ پيڙا هئي. تنهن کي منهنجي حساس دل هڪدم پرکي ورتو. منهنجي صلاح آهي تہ پوڙهن کي جوانن سان ڪم ڪرڻ گهرجي. گڏجي ڪم ڪرڻ سان نہ رڳو جوان جلدي پوڙها ٿيندا پر جلدي لاڏاڻو ڪري ويندا.

زندهہ دل ۽ خوش مزاج پوڙهن کي پوڙهن جي قطار ۾ شامل نٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ انهن جي سات مان جوانن کي ڪو بہ ڇيهو نٿو رسي. البت اهي پوڙها جيڪي اصلي جڙي ٻوٽين مان تيار ٿيل يعني پوڙهائپ جي مڙني خوبين جهروڪ ڪرڪڻ، پٽڪڻ ۽ ڇهتڻ وغيره سان مالا مال هوندا آهن تن کي جوانن کان پاسي رکجي. پوڙهن جو پنهنجو ويڙهو هئڻ گهرجي جنهن ۾ ڪڪڙيون سنڀالڻ، ڪبوتر پالڻ، پاڇيون پوکڻ، گڏ ڪري ٻج چٽڻ کان وٺي سوانح عمريون وغيره لکڻ جهڙا دلچسپ مشغلا هئڻ گهرجن.

مان ڪجهہ سالن کان لڳاتار پنهنجن ماءُ پيءُ ۽ پائرن ڀينرن جي وڇوڙي جا ڏک سهندي آئي آهيان. پر تازو پنهنجي بي حد پياري معصوم، سادي ۽ شريف ڀاءُ شاهہ محمد عباسي جي بيدرديءَ سان ڪيل خون ناحق منهنجو جيءُ بنهہ جهوري ڇڏيو جنهن جو اثر صحت تي پوڻ لازمي هو. محبوب جي گهڻي زور تي بہ مان پنهنجو علاج نہ ڪرايو. علاج تہ جيئڻ لاءِ ڪرائبا آهن.

هن کي بہ ڪا خبر پئي، مونکي مايوس ۽ ملول ڏسي پڇيو هيائين.

”ادي! طبيعت تہ ٺيڪ آهي؟“

”محبوب چوي ٿو تہ علاج نٿي ڪرائين، مان وٺي هلئين ڊاڪٽر ڪريم عباسي وٽ؟“

”مهرباني ادا، اهڙي ڪائي ڳالهہ ناهي، مان ٺيڪ آهيان مون کي ڪجهہ بہ ناهي ٿيو“

”مون سان بہ ڪوڙ! يقين ڪريو تہ مان توهان کي بيحد گهڻو گهرندو آهيان پر لکا نہ پوڻ ڏيندو آهيان.“

”اسان کي خبر آهي ادا! ڪير ڪنهن جو سڄڻ ۽ گهڻ گهرو هوندو آهي تہ اڳلي کي بہ انهيءَ جو احساس ضرور ٿئي ٿو.“

حميد مونکي کوڙ ساريون تسليون، سمجهاڻيون ۽ دلداريون ڏينديو وعدو ورتو ته مان خوش رهنديس. ڏاڍي ڏک مان چيل هن جا اهي لفظ ته مونکان ڪڏهن به نه وسرندا:

"ڪير ٿو جيئڻ چاهي؟ ڪنهن جي خواهش آهي ته جيئون؟ مان به ته نٿو جيئڻ چاهيان............. پر جيان پيو ............ پنهنجي اولاد لاءِ ............ تون به انهن لاءِ جيءُ دنيا ۾ پنهنجي لاءِ نه پر ٻين لاءِ جيئڻ گهرجي."

مان ادا حميد جي چوڻ تي گهڻو ئي عمل ڪيو: خوش رهڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان، پر ڇا ڪيان .......... هيانءُ ۾ لڳل ڪنڊيءَ کي مان اڄان به پري نه ڪري سگهي آهيان.

حشر جي ڏينهن رشيد ڀٽي پنهنجي فيملي سميت اسان وٽ آيل هو. محبوب ۽ حميد ته ڊرائنگ روم ۾ انهن سان ڪچهريون ڪري رهيا هئا، مان رڌڻي ۾ بور ٿي رهي هئس. ڪاش مون وٽ جادوءَ جي ٽيبل هجي جنهن ۾ جيڪو ڪاڌو حڪم ڪيان ته انهيءَ دم حاضر ٿي وڃي، يا ڪاش! مون وٽ جادوءَ جي منڊي هجي جنهن کي ڇڙو گهڪو ڏيان ته ڳاڙهي اندرويئر وارو ڦونڊڻو جن ڪم جو ٻانهو ٿي اڳيان اچي بيهيم ۽ ڪن جو ڪن ۾ طرح طرح جا طعام سهڻن ٿانون ۾ سجائي پيش ڪري..........

ٽن ٻارن جي ماءُ ٿي وڃڻ بعد رڌڻي ۾ وڃڻ مهل اهڙا ٻاراڻا ۽ بيوقوفي جا خيال ايندا اٿم. انهيءَ ۾ منهنجو ڏوهه ناهي، ڇو ته سياڻن جو چوڻ آهي ته ڏڳها ماڻهو اڪثر ڪري بيوقوفيون ڪندا آهن. تنهن ڪري بزرگن جو ڀرم رکڻ به ته عين سعادتمندي آهي.

"ڪو ڪم ڪار؟" ڪنهن اندر اچي پڇيو. مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو. ڪٽي منڊي کي ته گهڪو نه آيو! پر افسوس اهو منهنجو وهم هو. ڪنڌ مٿي ڪري جو نهاريان ته اڳيان فل سوٽ ۾ حميد سنڌي بيٺو هو.

" ادا، مهرباني، توهان هلي ويهو، بس چانهه ماني تيار ٿي."

ڪيڏو نه رسمي جملو ڳالهايم. دل ته ائين پئي چاهيو ته چوانس: "ادا توهانجي مهرباني، لڪ لائٿو! پلي اچي ڪم ڪار سنڀاليو، مان جيسين وڃي ٽيپڙو ٻيپڙو چالو ڪيان."

"مان به ته هٿ ونڊرايان" ائين چوندي حميد ديڳڙي جو ڍڪ لاٿو ۽ ڪمال ڪاريگريءَ سان ڏوئي گهمائيندي صلاحون ڏنائينم.

"رس گهاٽو ڪرڻو هجي ته پيٺل ڏاٽا گهٽا وجهجن. ديڳڙي جو ڍڪ لاهي ڇڏ ته پلي ٻاڦ نڪري. ائين چوندي شيشيءَ ۾ رکيل پيٺل ڏاٽن ڏانهن هٿ وڌايائين. مون ڪان رڙ نڪرندي رهجي وئي. ڏنم ته هاڻ ٻوڙ جي ٻيڙي ٿي ٻڏي. سو جلدي ۾ چيو مانس: "مان ثابت ڏاٽا ڳنڍ ۾ ٻڌي اڳواٽ وجهي ڇڏيا آهن."

هو حيران ٿي ويو. ڏاٽا سي به ڳنڍ ۾ ٻڌل! پر مان به پنهنجن وڏڙن کان لڪايل ترڪيبون پڙهي پوءِ رڌڻي ڏانهن وک کڻندي آهيان. سو خاطري هئم ته پاون جو ٻوڙ خراب نه ٿيندو البت پاٽي سڪڻ جو ڪجهه انتظار هو.

ايتري ۾ محبوب، ادا رشيد ڀٽي ۽ سندس گهر واري ڀاڀي سڪينا به اچي رڌڻي پيڙا ٿيا.

"بس، ادا، اجهو ماني تيار آ. ڪنيو پيا اچون" حميد مون کان ڏوئي وٺي پيالن ۾ ٻوڙ وڌائيندي چيو.

”ادا توهان ڇڏيو.“ محبوب چيس.

”مون کي ڏيو تہ مان تي وڏايان“ مون چيو. ”اهي زالن جا ڪم آهن.“ ”اسين بہ تہ اڌ زالون آهيون، ڪيئن، محبوب؟“

حميد جي انهيءَ ڳالهہ تي ادا رشيد، پاپي سڪينا، مان ۽ محبوب ڏاڍا کلياسين.

باقي جس هجي پاپي سڪينا کي، جنهن ويچاري پوءِ ٿها مانين جا پچائي ڏنا. جيڪي بہ ڏينهن مون وٽ رهي تہ ڪٽ تي ويهي مون کي کارايائين. ڏنائين تہ ٻيرن کان کهڙا ٻير گهربا، سو پنهنجي مڙسيءَ سان پٺي حالتن کي منهن ڏنائين.

تحريڪن جو اڳواڻ حميد سنڌي، سنڌي ادب جو سچ پچ تہ هيرو ۽ گهڻگهرو آهي، روح رهاڻ ذريعي سنڌي ادب جون هن جيڪي بہ خدمتون ڪيون، سي ڪنهن کان لڪل ناهن. تڏهن هو اڪيلو نہ هو. ٻيا بہ هن جا ٻانهن ٻيلي هئا، جن سڄي سنڌ ۾ سڄاڳي آڻن لاءِ پاڻ پتوڙيو هو. چوندا آهن تہ ٻيڙي ڪنهن ٻوڙي؟ خواجہ خضر ٻوڙي! عين ان وقت، جڏهن هو ڪاميابين سان همڪنار ٿي رهيا هيا، تہ پنهجن ئي نعرا هڻي پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ جي مصداق سنڌن تحريڪون مشڪوڪ بنائي وڌيون. اهڙيءَ ريت روح رهاڻ اسان کان جدا ٿي ويو. اڄ جا ناميارا اديب، امر جليل، نسيم کرل، خواجہ سليم، قادر جوڻيجو، شوڪت شورو، علي بابا ۽ شيخ اياز وغيره روح رهاڻ جي ئي همت افزائي سان ڏينهون ڏينهن نکرندا رهيا.

حميد کي پنهجي ماضيءَ سان پيار آهي. انهيءَ لاءِ نہ تہ ڪو هن جي ماضيءَ سندس جهول خوشين سان ڀري ڇڏيا هئا، پر ان لاءِ تہ ماضي جيڪي بہ محروميون ڪيس ڏنيون سي هن جي شخصيت جو حصو بنجي ويون آهن ۽ پنهنجي شخصيت سان ڪير نہ پيار ڪندو. ان ڪري ئي هو جيڪي ڪهاڻيون قلمبند ڪري ٿو سي ماضيءَ جي ڀرپور مشاهدن جو نچوڙ آهن. اڳي کان سندس هن وقت جون لکيل ڪهاڻيون بلڪل مختلف آهن. انهن جو انداز سمبالڪ آهي. ” ڏوپار“ ۽ ” دربان“ جهڙين پيارين ڪهاڻين ڪانپوءِ هن جي تازي تخليق ”ٽوٽ ڏري“ ۾ هن اهڙي ٻار جو نقشو چٽيو آهي، جنهن کي سنڌ جي روايت موجب مست جو درجو ڏئي سندس ارمانن ۽ خواهشن کي چٿيو ۽ چيپاٽيو ويو آهي. حميد جيڪو ناول ”آپي رانجها آپي هير“ جي ٿيم تي لکي رهيو آهي، اهو سنڌي ادب ۾ پنهنجو مثال پاڻ ٿيندو. اها ٿيوري تہ انسان جو ڪوئي ساٿي ناهي، هي رشتا ناتا سڀ ڏيک آهن، هو دنيا ۾ اڪيلو اچي ٿو اڪيلو وڃي ٿو، انهيءَ ناول ۾ سهڻي انداز سان پيش ڪيل آهي.

هڪ هوشمند حساس انسان وانگر حميد جي سوچ ۾ گهرائي آهي. سطحي سوچن ۽ سستن جذبن جو هن جي سڄاڻ ذهن ۾ ڪو گذر ناهي. جذبن جي سچائي سان لکندو آهي ۽ ڪنهن کي آئيڊيل بنائي فنڪار جو فنڪار سان ذهن ٽڪرائي لکڻ جي محتاجيءَ کان ٻنهہ آجو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ ڪهاڻي سنئين سڌي سمجهہ ۾ ايندڙ ٻوليءَ ۾ لکڻ گهرجي. پنهنجا خيال فلسفاڻي انداز ۾ زوريءَ ٺنبڻ بدران ڪردارن جي زباني ادا ڪرائجن. هن کي شڪايت آهي تہ: اڄڪلهہ جا اديب سيڪسيوئل فرسٽريشن جا شڪار آهن، تنهنڪري سندن ڪهاڻين ۾ صرف مان ۽ سيڪس جو درجو گهڻو هوندو آهي. انهن جي لکڻين مان ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ زندگيءَ کان گهڻو پري ٿي ويا هجن. هو ڏينهون ڏينهن پنهنجي پاڻ ۾ گم ٿي اڪيلا رهجي ويا آهن ۽ اڪيلائيءَ ۾ پاڻ

کي وساري ويٺا آهن. پاڻ کي ڏسڻ لاءِ آئيني ۾ ئي نه ڏسبو آهي. انهن کي ڪڙمين ڪاسبين جي فرسٽريشن تي لکڻ گهرجي. ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارن مزدورن جي حال مان لازمي طرح واقف ٿيڻ ڪپين ۽ اهو سڀ سٺي تحرير سان ئي ممڪن آهي. مونکي حميد جي خيال سان بلڪل اتفاق آهي چو نه رڳو مان مان ۽ سيڪس سيڪس مان ٺلهو جنسي بيمارين ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ملڻو اٿن. وري جي ڪنهن يوناني حڪيم جي هٿ چڙهي ويا ته پوءِ نه رهندن بانس نه وڄندن بانسري.

حميد رومينٽڪ افسانا لکڻ ڇڏي ڏنا آهن. عورت ۽ مرد جي رومانس ۾ ڪيس غرض ئي غرض نظر اچي ٿو. هن جو خيال آهي ته هن زماني ۾ اهڙي رومانس جو هئڻ محال آهي، جنهن ۾ ڪائي غرض شامل نه هجي. بي غرض پيار ۽ محبت جڏهن آهن ئي ڪو نه ته ان تي لکڻ ئي فضول آهي. هن جي خواهش آهي ته ساڳس بي غرض پيار ڪيو وڃي جنهن ۾ بي چيني هجي، تيزي ۽ رواني هجي. بي غرض پيار جي ڳولها ۾ هن دين جون مائرون ۽ ماسيون به ناهيون. پر موٽ ۾ ڇا مليس- ----- وري به تنگ نظر زماني جون دل ڏکوئيندڙ ڳالهيون.

تنهن ڏينهن حميد ذهني طرح منجهيل پي ڏٺو. محبوب ائين ئي ڪٿي رومينٽڪ افسانن بابت پڇيس ته اهي هاڻ چو نه ٿو لکين.

"يار، مان ته پنهنجو پاڻ ئي رومانس ڪرڻ ۾ پورو آهيان."

"اهو وري ڪيئن؟" محبوب حيراني مان پڇيس.

"پاڻ واري ساوڻ کي نت نوان رومانس ڪندي ڏسي رومانس تان هيانءُ پلجي ويو اٿم."

"ساوڻ هڪ وقت ۾ ڪيترا رومانس ڪندو آهي؟"

"يائو، ڪو ڪاتو ئي ناهي!"

"آبول اصل ائين ڇا!"

"بنهه تات لڳو پيو آهي."

هو اڳ ٿورو ڪومايل هو. سو ٻن ٽن ٺهڪڙن ڪانپوءِ تڙي گل ٿي پيو. ڳالهائڻ جوانداز سانتيڪو سنجيدو ۽ سمجهه پريو. هر لفظ دل تي نقش ٿيڻ جهڙو. ٻڌندڙ بور ٿيڻ بدران دل ۾ ذهن جي پوري لاڙي ۽ سوچ سان ٻڌي ٿو. موقعي ۽ مهل جي لحاظ کان مزاج جو عنصر منجهس بدرجه اتم موجود آهي. اهڙو ڪو واقعو يا ڳالهه جڏهن هو ڊرامائي انداز ۾ ايڪشن ايڪسپريشن سان ٻڌائيندو آهي ته کلي کلي کيرو تي وڃبو آهي. لکڻ لاءِ ڪنهن ماحول جي ڪا ضرورت نه پوندس. ڪيترو به گوڙ شور ڇو نه هجي ان جي پرواهه نه ڪندو. پهرين ويهڪ ۾ ئي ليک ڪمپليٽ ڪري وجهندو. انهيءَ جو سبب اهو به آهي ته هو پلاٽ ذهن ۾ رکي ڪهاڻي نتو لکي پر سڄي ڪهاڻي اٿندي ويهندي گهمندي ڦرندي توڙي ڊرائيونگ ڪندي پاٽمرادو ذهن جي ديڳ پيئي پچندس. جڏهن پچي راس ٿيندي تڏهن قلم جي ڏوئي سان ائين جو ائين ڪٽي ڪاغذ جي ڊش ۾ وجهندو. "نوٽ ڏرتي" پهرين ڪهاڻي اٿس جا وڃي تي ڏينهون ڏينهن وڌندي ۽ وقت وٺندي. ان لاءِ حميد کي گهڻي حيراني آهي. هو ڪهاڻي فيئر ڪرڻ مان نه ڄاڻي، ڪاغذن تي جيتر ڪاٽ ڪوٽ، ليڪا لينگها ۽ ڏيا نه هوندا تيتر مزو نه ايندس. لاشعوري طرح سان هن جو هر عمل ماضيءَ جي منجهيل زندگيءَ جو هڪ عڪس به ٿي سگهي ٿو. هن ڪوڙ ڪتاب پڙهيا آهن. جيڪي ياد نه هوندي به ڊسڪشنس وغيره ۾ سمورن حوالن ۽ مثالن سميت ياد اچي ويندا اٿس. هن وٽ ڇهه ست سو ڪتاب

آهن پر افسوس تہ انهن کي طريقي سان سنڀالي رکڻ جي في الحال حالتون اجازت نٿيون ڏينس ۽ اهي ٻورين وغيره ۾ بند آهن. گهڻي ڀاڱي تہ ڪڇي بہ ويا اٿس. جيسين ڪتابن جي سنڀال جو ڪو جوڳو انتظام ٿيئي تيسين هو پنهنجا ڪتاب ڪيڏن جي ٻوڇيان، هيٺيان ۽ مٿان پيو لڪائيندو جو انهيءَ ۾ انهن جي سلامتي آهي. هن کي هر قسم جا ڪتاب پڙهڻ جو جنون جي حد تائين شوق آهي پوءِ ڪٿي اهو تفريحي ادب هجي يا سندس سڪيلڊي پٽڙي هوشو جي ڪورس جو ڪتاب هن کي آٽوبايو گرافيون خاص طور سان وڻنديون آهن.

لاڏا ۽ شرنايون هن جي ايڏي تہ ڪمزوري آهن جو ٻڌڻ شرط وار ڪاندارجي ويندس. اکيون ٻوٽي ڪا دير تہ جڻ خوابن جي دنيا ۾ وڃائجي ويندو آهي. ڪپڙي لٽي جو نہ رڳو شوقين پر ان جي صحيح استعمال جو ڏانءُ بہ حميد کي آهي. سنڌي ادبي انڊسٽري ۾ مغربي لباس جي مقابلي ۾ورلي ڪو جهڙس خوش پوش اديب هوندو. سوٽ نئين فيشن جو هجي يا پراڻي جو، حميد کي بدني بناوت سبب جڙي جڙي ٺهندو. شايد هن کي بہ اهو احساس آهي. تڏهن سهڻي شرٽ تہ ضرور پائيندو. هونءَ بہ سهڻيون ٽايون ۽ شرٽس هنجي ڪمزوري آهن. اهي ايڏي ججهي تعداد ۾ گڏ ٿي ويون اٿس جو واري اچڻ تي پائيندو آهي. جنهن ڪري پراڻيون ٿين ئي ڪو نہ. سنڌي لباس ۾ جيتوڻيڪ گهٽ ڏسبو آهي تہ بہ ڪنهن زماني ۾ سنهڙي پيرت سان شبلمي پهراڻ پائڻ جو شوق هن جي نفيس ذوق جو سٺو ثبوت آهي.

ڪائڻ پيئڻ جو تہ گهٽو ئي شوقين پر پرهيز طور ڪن پسنديده شين تان هٿ ڪڍو پيو اٿس. سنڌ جي مٺي پاڻيءَ جي ڏنيرو مڇي بي حد پسند ڪندو، سامونڊي مڇيون بنهہ ڪونہ وڻنس. سائون، لوڙهہ ۽ بيهہ پڻ چاهہ سان کائيندو آهي. هو نہ رڳو کائڻ جو شوقين آهي پر ڪارائڻ جو بہ ملهہ آهي. اها خبر ڪنهن کي نہ هوندي تہ حميد مڇي پچائڻ جو وڏو ماهر آهي، ڪيس مڇي پچائڻ جا ڪيترائي قسم اچن. خاص ڪري مڇيءَ جو پاٽي ڪدي پوءِ ان کي پچائڻ وڏي ڪاريگري آهي. جنهن ڪان پڻ حميد مونکي واقف ڪيو. پٽاٽي ۽ قيمي جي ڪبابن لاءِ سندس چوڻ آهي تہ انهن کي بيدي يا روٽيءَ جي چوري جي آڌار تي بيهارڻ ڪانسواءِ تيار ڪجي تہ پوءِ ڪا ڳالهہ ٿهي. ان الاءِ پڻ سٺو نڪتو ٻڌايائين تہ ڪبابن کي سيڪڻ ڪانپوءِ هلڪو هلڪو گيهہ ڪڏائجي تہ اهي نہ پرندا. مان اول تهہ ڪباب ٺاهيان ڪونہ. ڪير ٺاهي ڪارائي تہ ٻي ڳالهہ آهي، پر جي "پولي بسري نغمي" وانگر ڪڏهن ڪٿي تيار بہ ڪيم تہ انهن کي گيهہ ۾ ايڏيون ٽهيون ڏياريندس جو "دوست، دوست نا رها" وانگر ڪباب ڪباب نہ رهندو بلڪ ڪڏهن حلوي جو تہ ڪڏهن چٽنيءَ جو پيو ڏيک ڏيندو! حميد ڪان ڪبابن بابت اهو گر ٻڌي منهنجو وات پٽجي ويو ۽ دل ۾ ڪيس صوم صلوات جي پابنديءَ جو نہ سهي پر "امور خانداري" جو سرٽيفڪيٽ ڏيڻو پيم.

حميد ڪنهنجو بہ برو ناهي چاهيو. هن جو باطن سندس ظاهر وانگر اڇو اجرو ۽ صاف شفاف آهي. شفقتن ۽ خلوص جا بيڪران سمنڊ سندس وشال سيني ۾ روان دوان آهن. ڊائريڪٽر ڪاليجز واري زماني ۾ جڏهن انبوهہ ماڻهن جا سندس اڳيان پويان ڦرموٽين وانگر پيا ڦرندا هئا، تڏهن بہ پاڻ ڪان گهٽ درجي وارن جي آجيان ڪرڻ لاءِ هميشہ اٿي بيهندو. سندس غريب استاد جي ڪنهن ڪم سانگي آفيس ۾ لڙي ايندو تہ حميد اٿي ادب سان آڌرڀاءُ ڪندو ۽ جڏهن ڪو ايئن

ڪرڻ کان ٽوڪيندو هئس ته چوندن, ”پائو. ائين چو ٿو چوين؟ سندن ٻن اکرن جي طفيل ته مان هن جاءِ تي آهيان“

تڪليف ۾ مصيبتن ۾ هو يارن جو يار, دشمنن جو دوست ۽ سنگتين جو ساٿي آهي. پنهنجي سر جو سانگو نه ڪندي به انهن لاءِ پاڻ پتوڙي رکندو. اهي به اهڙي وقت ۾ ڪيس ڏنڙيلن جو ڏاتار ڪري سمجهندا آهن. پر ڪي اهڙا هوندا آهن جي ڪم لٿي ڪانپوءِ ”جهرڪي ۽ ڪئي“ واري روايتي ڪهاڻيءَ جو ”ڪئي“ وارو ڪردار بنجي نيڪ ٿاءِ درست ڪري چوندا اٿس :”هونهہ! مان ٻڌس ٿوروئي ٿي, مان ته وهنتس ٿي!“ يا ” ڪندن ۾ ٿوروئي ڦاٿي هئس, مان ته والا پائڻ ڪاڻ ٿي ڪن ٽوپرايا!“

زماني جون ناانصافيون ۽ بيقدريون انسان جي شخصيت تي گهرو اثر وجهن ٿيون. حميد کي به اهي ڏاڍا ڏمر ۽ ڏنج نه صرف پراين کان پر پنهنجن يارن دوستن ۽ عزيزن کان به سهڻا پيا. هو, جو اعتماد جي صلاحيت سان مالا مال آهي, تنهن جي اعتماد ۾ به ڏار پيا ڏسجن, پر هن همٿ ۽ حوصلي واري انسان مان اميد آهي ته انهيءَ کي جلدئي پيري ڇڏيندو. هن هڪ ڀيري ڏاڍي ڏک سان چيو هو: ” مون کي اها سا خاطري آهي ته جڏهن مان ته هوندس ته به تي ڇٽا ئي سهي پر مون کي خلوص دل سان ياد ڪندي به لڙڪ لاڙيندا. منهنجي لاءِ ٻاڙو ٻول ڪوئي نه ٻوليندو.“

حميد جو وقت اڄڪلهہ زندگيءَ جا زائچا پيٽڻ ۽ پرکڻ جهڙي دلچسپ وندر جي نذر ٿي رهيو آهي. جمڻ جي وقت جي ذائچي ۽ موجوده سال جي ذائچن جي هڪجهڙائي علم نجوم جي بلندين کي تسليم ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهيس. جنتريءَ جو ماهر, سياڻي صلاحڪار وانگر, اڪثر ساڻس گڏوگڏ هلندي چلندي ڏٺو ويو آهي. ڏسون ته سندس گردش ۾ آيل ستارو ڪڏهن ٿو گرهڻ مان نڪري وري چمڪي.

## ٻئي ڇاپي ۾ آيل

❊

# ”مونکي مون پرين ڀڏي وڏو ڀار ۾..........“

## (چپيل، اڻ چپيل رايا)

حميد جي ڪهاڻين جي لهجي ۾ شخصيت ۾ ايتري ته هڪ جهڙائي ۽ هم آهنگي آهي جوانهن کي مروج ڊنگ ۾ ڏار ڪري بيهارڻ يا وچ مان ليڪ ڪڍڻ تمام ڏکيو آهي.

سندس شخصيت ۽ فن ٻئي وضاحتي قسم جا آهن. سندس لکڻ جو انداز وضاحتي آهي، تيئن سندس شخصيت جي جسماني جوڙ جڪ توڙي ذهني ۽ عملي لاڙن جو نڪته نگاهه کان بلڪل چٽائي پيش ڪندڙ آهي. جيئن سندس لکڻيءَ ۾ ابهام ۽ مونجهارو نه آهي، ائين شخصيت به اٿس. هر ڳالهه چٽي ۽ هر ڳالهه ۾ ور وڪڙ بجاءِ سڌي ليڪ. پر سڀ ڪجهه آهستي آهستي، ڏاڪي به ڏاڪي. لکڻ وقت به آهستي آهستي اڳتي وڌندو ۽ پکڙبو ويندو آهي. اکر ڏاڍا خراب اٿس پر پڙهڻ ۾ تمام سولا: نه ته لاشعوري طرح تي ٻئي شخصيت يا ٻن حصن ۾ ورهايل شخصيت اٿس نه وري شعوري طور تي ٻٽو هلڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پنهنجين ڪهاڻين ۾ به ڪو وڏو موڙ ڪونه ڪاڏو اٿس. موڙ ڪائڻ جي بدران آهستي آهستي اڳتي وڌندو وڃي. اڄڪلهه علامتي ڪهاڻيون لکي پيو پر اهي به ايتريون ته چٽيون آهن جو عام پڙهندڙ وڏي سولائي سان سندس فن کي ڇهي سگهي ٿو.

شخصيت وانگر ٻولي به مٺي ڪم آڻيندو آهي. مخالف نڪته نگاهه تي حملي ڪرڻ وقت به ڳجهي يا پرتو ٽوڪ هڻي سامهين ڳالهه کي ڊاهڻ جي بدران پنهنجي اظهار جي ڦهلاءِ کان ڪم وٺندو آهي. ان خيال کان ڪيس ادبي نيڪ نيتيءَ وارا لاڙا رکندڙ ڪهاڻيڪار چئي سگهجي ٿو.

**___ عبدالقادر جوڻيجو**

حميد سنڌي جا افسانا ڪڏهن ڪڏهن ته دل تي اهڙو اثر ٿا وجهن جو ڪافي وقت تائين قائم رهي ٿو. سندس ذهن ۽ قلم ٻئي پختا آهن. ڪيترو نه بهتر ٿئي جو هو صاحب اسان جي عام زندگي جي حقيقي پهلوئن کي حقيقي تصورات تي ترجيح ڏئي. انساني فطرت هميشه کان خود پسند رهي آهي. هن دور ۾ جڏهن انسان تڪليف ۾ آهي ته ڇو نه ڪيس فطرتي تسڪين مهيا ڪجي.

**___ هادي بخش ميمڻ**

(روح رهاڻ، مارچ 1965ع)

حميد سنڌي جي افساني جي خصوصيت هن جو انداز آهي، جيڪو مجبور ڪندو آهي ته افسانو پڙهي ختم ڪجي. ” روشن اوندهه“ هن معاشري جي جيئري جاڳندي ڪهاڻي آهي. جنهن جا ڪردار بالڪل اسان وانگر زندهه ۽ زندگي جي پيچيدگين ۾ الجهيل آهن. منهنجي نظر ۾ ته هي ڪهاڻي هڪ علامتي ڪهاڻي پئي لڳي، جنهن ۾ ڪن چند ڪردارن جي صورت ۾ سڄي ماحول جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. ”روشن اوندهه “ اسان جي وڏيرا شاهي جي چٽي تصوير آهي، جنهن ۾ حميد سنڌي پنهنجي تخليقي قوتن سان رنگ ڀريو آهي. اهائي ادب جي تقاضا آهي.

## قاضي خادم _____
(روح رهاڻ، جون 1965ع)

حميد سنڌي جي افسانن جي مقبوليت ۽ پسند پوڻ جو سبب اهوئي آهي، جو پڙهندڙ خود انهيءَ جاءِ تي پاڻ کي محسوس ڪري ٿو ۽ سنڌس افساني ”روشن اوندهه“ جو موضوع پراڻو آهي، پر جنهن نموني پيش ڪيو ويو آهي، تنهن کي ساراهه ڪرڻ کانسواءِ رهي نه ٿو سگهجي.

## ممتازميمڻ _____
(روح رهاڻ جون 1965ع)

حميد جي ”پيار جي ريڪا“ وٺي. ريڪا کي پيلي ڪٽي بليڊ سان ڇلي ڇڏجي مگر ان جو مانسڪ اثر پيلا ڪيئن وسرندو.

## تيڪچند مست
(روح رهاڻ، اپريل 1965ع)

جهيٽي جو پارٽ ٿورو، پر مرڪزي خيال سان ٺهندو آهي.

## ناز، ڪراچي ____
(روح رهاڻ، فيبروري)

اوهان جي ڪهاڻي،”ٽڪندو“ پڙهيم. خبر ناهي ڇو پڙهي خيالن جي منجهيل ڄارن ۾ ڦاسي پيم. سوچن جا اڻڪٽ سلسلا شروع ٿي ويا ۽ مان ٻيٽڪندو، ٿڙندو ٿاٻڙندو، اوهان وٽ اچي نڪتو آهيان. توهان ئي ڏس ڏيو ڇا سچ پچ فن جو ٻيو نالو اداسي ئي آهي؟ اياز يڪتاري کي ڊاندو ٿانءُ ٿو ڀانئين، امر جليل نااميد ٿي نانگن ۽ بڪين، گهٽين ۽ چرن، بوتلن جي ڍڪن سان کيڏندڙ ٻارن کي

پنهنجو مستقبل سمجهي، ”مهراڻ“ کي مستقبل ۾ ”سرواڻ“ ۾ تبديل ٿيندو ٿو ڏسي ۽ ستل سنڌين کي مهن جي دڙي جو ڏاند ٿو پائين. وري توهان؟ اوهان به ته تاريڪين سان پر اداس وادين ۾ تا وجي نڪرو. آخر اهو سڀ ڇا آهي؟ فن ته لازوال آ ۽ اداسي وقتي. پوءِ به انهن جي پاڻ ۾ ايڏي قربت سمجهه ۾ نه ٿي اچي. ان جو ڪوئي ته حل ڏسيو؟ ڪو ته جواب ڏيو. اداسي ۽ فن........... فن ۽ اداسي؟

## اڪبر چنو، لاڙڪاڻو

( روح رهاڻ، آڪٽوبر 1966ع)

حميد سنڌي جي ڪهاڻي، ڪهاڻي نما مضمون، مضمون نما ڪهاڻي، آڪاڻي ڪافي وقت ڪانپوءِ نظر آئي آهي، سا به روايتي ۽ ڪوڪلي انداز ۾. حميد صاحب شايد ميار لاهڻ لاءِ يا ڳنل قلم کي چالو ڪرڻ لاءِ ڪا پراڻي ڪهاڻي هلائڻ جي خيال ڪان موڪلي آهي. جنهن جو هن وقت جو ليکڪ تصور به نٿو ڪري سگهي ۽ نه وري شايد ڪير پوري پڙهڻ به پسند ڪري. اها جيڪڏهن حميد صاحب جي ”نئين“ ڪهاڻي آهي ته پوءِ حيرت ڪرڻ بدران ايترو چئي سگهجي ٿو ته ان ”موت“ جو حشر اهو ئي ٿيو آهي، جهڙو پارس ۾ چپيل رشيد ڀٽيءَ جي ڪهاڻيءَ جو ٿيو آهي. اسان وٽ ”حويلي“ جو تصور ائين آهي، جيئن هڪ صحتمند جسم تي ناسور. طبقاتي ڪشمڪش جو بنياد ۽ وري لفظ ”دربان“! خبرناهي ته هن انهن مان ڇا ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ جيڪڏهن ”دربان“ کي اتحاد جو اهڃاڻ ڪري ورتو ويو آهي ته پوءِ اهڙو اتحاد ”بورجوائي جو اتحاد“ ئي ٿي سگهي ٿو ۽ ڇاڪاڻ ته حويلي ۽ دربان ٻئي لفظ هڪ خاص بدبودار سماج جو تاثر پيش ڪن ٿا. تنهنڪري ڪهاڻي کي ترقي پسند فڪر جي دائري ڪان گهٽو پري سمجهي سگهجي.

## ___ نور گهلو، دادو

(”باک“ مورو)

افسانوي ادب ۾ گهڻو ڪري ليکڪ پنهنجي ذاتي تجربي، اميدن، آسرن ۽ احساسن جي اپٽار ڪندا آهن. ليڪن سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ ڪي اهڙا به آهن جي ذاتي پيڙا کي ڇڏي سنڌ جي ماضيءَ ۽ حال جي ويرانين ۽ تباهين کي پنهنجي ڪهاڻي ۾ چٽيندا آهن. ڪجھ وقت اڳ نسيم کرل جو افسانو ”چوٿيهون در“ پڙهيو هئم ۽ وري اهڙي ئي هڪ ڪهاڻي باک ۾ ”دربان“ نالي سان پڙهيم. حميد سنڌيءَ سنڌ جي ثقافتي تباهيءَ تي وقتائتو قلم کنيو آهي. شال هڪ سنڌي ان طرف توجهه ڏين!

## ___ غلام علي باگاڻي، ڪراچي،

(باک مورو)

سنڌ جا قديم آثار جهڙوڪ بکر، حيدر آباد، عمر ڪوٽ جا قلعا، سنڌ جي سمن، ڪلهوڙن ۽ ميرن جا مقبرا ۽ قبا، توڙي ٻڌ ڌرم وارن جا يادگار مثلا برهمڻ آباد ۽ ڪاهوءَ جي دڙي وارا ڏيورا ۽ ٺل مير رڪن وغيره جنهن تباهي ۽ بربادي‌ءَ واري دور مان گذري رهيا آهن، ان تي جيترو به ماتم ڪجي ٿورو آهي. ”دربان“ ڪجهيءَ جي روپ ۾ جنهن تباهي جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. ساڀڪ ئي پڪ سنڌ جي ثقافتي ۽ قديم ورثي جي ويرانيءَ ڏي اشارو ڪري ٿي. اهڙي سٺي ڪهاڻي لاءِ حميد مبارڪباد جو مستحق آهي.

### ____ غلام محمد لاکو، دولتوپور صفن سنڌ

(باک مورو)

ياءُ نور گهلوءَ حميد سنڌي جي ڪهاڻي ”دربان“ تي جيڪا راءِ ڏني آهي، ان مان ته اهوئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو ڪهاڻي سمجهي ئي نه سگهيو آهي. ڪهاڻي موضوع، ڪردارن ۽ مقصد جي اعتبار کان مڪمل آهي ۽ ڀرپور تاثر ڇڏي ٿي.

### ___ آفاق سليم، حيدرآباد

(باک مورو)

حميد سنڌي جي ڪهاڻين ڪي ڪيترائي ڀيرا پڙهيو اٿم، اسان وٽ سنڌيءَ ۾ اهڙيون ڪهاڻيون ٿوريون لکيون ويون آهن. هن جي قلم جي قوت آهي ۽ قلم اجان سوڌو مستقبل جي آئيني ۾ سوراخ ڪري ڪاغذ تي هلي رهيو اٿس. سنڌ جي معاشري ۽ فرسوده روايتن ۽ مسئلن تي ايڏي اونهائي سان لکي ٿو. هر ڪو لکي ٿو پيار، پيار، پيار ۽ اسان وٽ پيار جو ايڏو ڪو مسئلو نه آهي. اسان وٽ اهڙي ڪوڪلي نفس پرستيءَ جي پيار جي ضرورت ناهي. ان پيار جي ضرورت آهي، جنهن ۾ انگ اگهاڙن ۽ پيٽ بکين جو احساس هجي، انهن لاءِ روج هجي، ماتم هجي. اسان وٽ اهو پيار هجي، جنهن ۾ ڏتڙيل ڌرتيءَ جي گونگن ٻوڙن لاءِ زبان هجي، ڪن هجن ۽ جدوجهد هجي، جنهن ۾ قرباني ئي قرباني هجي.

حميد جي لکڻين ۾ اهي سڀ سنيها آهن . ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ ڪٿي ڪٿي مايوسين ۽ ڏکن جا ڇٽا پٽا اهڃاڻ هن ڪي ظاهر ٿا ڪن. ان لاءِ هو ڪهاڻي جي ڪردار ۾ ڪٿي نه ڪٿي لڪل ضرور هوندو آهي: ڪٿي لياڪا پائيندو آهي ته ڪٿي صفا ظاهر آهي. ڪٿي ڳوڙها ڳاڙيندو آهي. پر آءُ سمجهان ٿي ته هن جي ڪهاڻين جي مايوسي مايوسي نه آهي، پر مسئلن سان منهن ڏيڻ، ذميوارين سان پيار، مايوسين، ڪي هٽائڻ، زنده رهڻ ۽ ٻين ڪي جيارڻ لاءِ سوچن جا سلسلا اڻ ڪٽ ڍهنڌڙ ٺهنڌڙ فيصلا سيني ڪهاڻين جي ڪردارن ڪي شخصيت ڪي مضبوط بنائڻ لاءِ سرگردان آهن. ويريون جون سڀ ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي جي اوسر ۾ وڏي حيثيت والارين ٿيون.

### ___ فهميده بلوچ، حيدر آباد

# ويريون

نورپور ڪنهن وقت ۾ ته ڳوٺڙو هو، پر جيئن جيئن رئيسن جي رئيسي اوج تي پهچندي وئي، نور پور به اوج تي پهچندو ويو. چڱا سکر مڙس اچي وسيا. وڻج واپار ته هونئن ئي رئيس جي جي دم سان هو. سندن ٻنيون ٻارا ايترا ته جهجها هئا جو شهر جي چڱي پلي پلاوٽي نيئومل جي وس جي ڳالھ نه هئي جو سمورو مال سودي وجي. نيٺ رئيسن جي ڪڙ مان جوان نڪتان جن پاڻ سينڪي ڪئي ۽ سيٺين وانگر ترَ ۾ پنهنجو مال سودڻ لڳا. ماڻهو ساڪائتا هئا. سندن وک وک مان ڏاهپ پئي بکي، ترت ئي چڱا وڏا سيٺيون بنجي ويا. سندن وڻج واپار بمبئي جي ڪوٺين تائين وڃي لڳو. پر سندن خانداني لقب رئيس نه هيٺ ٿيو نه مٿي ٿيو. رئيسپائي مان نڪري سيٺ پائي تي پهتا هيا، پر ته به نه ته سندن ڪڙم جو نالو مٽيو نه وري سندن ڪي رک رکاءُ ۽ اٿي ويٺي ۾ فرق آيو. چڱو پهريندا هئا. سندن ڪڙم جو واڌارو ڏسي سندن وڏي رئيس گل محمد هڪ چڱي چوکي حويلي ٺهرائي، پرسان اوطاقون ۽ مال جون جايون ٺهرايون. سندس نگاهه ڏگهي هئي. سندس هٿ وڏا هئا، پر ۾ چڱا پٽ وٺي چڙيائين. رئيس گل محمد ڏاڍي تجربي وارو ۽ هوشيار ماڻهو هو. ساڻس عمر وفا نه ڪانه ڪئي ۽ سيگھه وڃي بر وسائين. سندن پونير چڱا سمجهو هئا پر جيئن نه ڪو رئيس گل محمد ياڳ جي علامت هجي، سندس موڪلاڻ سان رئيسن جي راڄ جي به پڄاڻي ٿي. رئيس گل محمد جي نه رڳو واپار تي پر زميندارِي ۽ راڄ تي به نظر هئي. پونيرن جي وري نظر واپار تي وڌيل هئي. سڀ ڪجھه وڪڻي به داءُ واپار تي لڳاياڻون. ڪرٽي منهنجي مالڪ جي اهڙي ٿي جو وڏي جنگ ۾ ڪروڙ پتين ڪرئي نه ڪنيون ۽ وڃي پٽ پيا. اٿي هي لکن ۾ مس هئا، سندن واپار ۾ هڙ جهڳو ناس ٿي ويو. اوسي پاسي جيڪي زمينون ۽ پٽ هئڻ سي وڪڻي وڃي جان ڇڏايائون. پر هو جو چوندا آهن ته نڪي نڪ ڪي مر لائبي نڪي ابي جي پر وڃائبي، کهڙي به حال ۾ هئا پر پنهنجي پر نه وڃايائون. اٿي ويٺي مهمان مڙي ڪي ڪارائڻ پيئارڻ، اهيئي اوطاقن جا ميڙا قائم رهيا.

پر آخر ڪيستائين آهستي آهستي آڪهيون وڌيون، ڪن وڃي ٻاهر نوڪريون ڪيون، ڪن اتيئي ڏنڏي ڏاڙي ڪي ورتو. پر اهو اوج نصيب نه ٿين. هونئن به نيٺ ڪمال ڪي زوال آ. نورپور جو اوج به ڪو رئيسن جي دم سان هئو. آهستي آهستي، اهيئي پٽون ياٽا، اهيئي پن ۽ وٿاڻ جهڙي طرح وقت سان گڏ ماڻهن جي طبيعتن ۾ به هيٺ مٿانهون اچيو وڃن، اهڙي طرح رئيسن جي حالت ۽ گهرن جون رونقون لٽجي خزان جي صورت اختيار ڪري ويون. اڄ به نورپور جي شهر ۾ گهڙبو ته منهن ۾ وڏي بازار پوندي جا نالي ماتر وڏي بازار وڃي رهي آهي. جنهن ۾ سواءِ چند دڪانن جي ڪي به ڪينهي. اهي دوڪان لٽاڙي صابو گرن واري گهٽي ۾ پئبو ۽ جيئن وڏي مسيت ڪان هيٺين ميدان ۾ لهبو ته چڱي مٿانهين تي هڪ ڪوٽ نظر ايندو. جنهن جا ڪنگرا جهور، سندس وڏين ڏگهين پٽين ۾ جهيرون، سندس پاڙو ڪتل ۽ ڪاڏل. اها آهي رئيس گل محمد جي ٺهرايل حويلي جا اڄ به رئيسن جي حويلي جي ناءَ سان مشهور آهي.

جيئين ئي حويلي ڏانهن وجبو ته هڪ چڱي چاڙهي چڙهي حويلي جي لنگهه وٽ پهچبو، چاڙهي جي هيٺيان رئيسن جي پونيرن جون منهين واريون اوطاقون نظر چڙهنديون. انهن اوطاقن جو اوج اجڙيل آهي. سندس پونيرن مان ڪنهن به اهڙو اوج ڪو نه ڪيو. جي ڪيو به آهي ته اهي ٻين شهرن ۾ نوڪرين يا ڌنڌي سانگي آهن.

حويلي ڪي هڪ تمام وڏو در ۽ هڪ دري آهي جا اندر وڃي هڪ وڏي ميدان ۾ پوي ٿي. لنگهه شايد انڪري مختلف نه آهن جو سيني جا پاسا ورهايل ۽ طرف ڪنيل آهن.

ڪنهن وقت ۾ ته طرفن ۽ پاسن ڪي ڪنهن ڪنگهيو به نه ٿي جو وڏڙن جو قرب پريو ساهه به هڪ ئي نڪئون ڪڇندو هو. گهرن ۾ نه ويڇا نه ويريون. نه دوريون نه جدايون. بس پنهنجائي وارو ڪارخانو هو. رئيس گل محمد ڪي ناتا اهڙا اٽيا هئا جو ڪي ورهيه ته ڪارخانو ائين پئي هليو. گڏ جا گهر وڏ ۾ وڏ ڏاڏن جي نالي تي ڪمرا وراهيل پر نه ڪو ڪي ڏار پٽيون نه ڪي ويريون.

گڏ جو ڪاڻ، گڏ جو اٽڻ ويهڻ. لنگهه هڪڙو. کهڙي پاءُ ڪي کهڙي پاءُ ڪان جدا ڪري ڳڻائجي. بس سڏجي ته بابا رئيس گل محمد جو ڪڙم. رنگي جا رنگ آهن. ڪڙم جو ته وڃي هن دور ۾ هن رنگ ۾ نانءُ رهيو آهيو. هاڻي هر هنڌ ڪڙم جي نانءَ ڪان اڳ هر ڪنهن جي پنهنجي حيثيت ، ڳٽپ ڏارئون ڏار آهي. اڳ رئيس گل محمد جي آڪهه. پوءِ ٿي رئيسن جي آڪهه. پوءِ چا. چي ويڙهو. هيءُ محمد ابراهيم جو ويڙهو آهي. هي نظير احمد جو ويڙهو. هي ولي محمد جو ويڙهو. هي شمس الدين جو ويڙهو. هيءُ سڀ هئا رئيس گل محمد جا پائر. اڃا به اڳتي هلو ته شمن جو گهر. رسول بخش جو گهر. منڻ جو گهر. مولا بخش جو گهر ۽ اڄ بس گهر ۾ گهر. ڪنهنجو نانءُ وٺجي. اندر ويريون پئجي ويون. حويلي پاڳا ٿي ويئي. هيٺ اوطاقون ٽڪرا ٿي ويون. آڪهه وڌندي وئي. ڪٽنب ڇڄندا ويا. حويلي ۾ ٽڪرن ۽ پاڳن جو تعداد وڌي ويو پر جي ڇڄي ته ڏيدي نه ڇڄي. جتان حويلي ۾ اندر داخل ٿبو هو ۽ اها پنهنجي ننڍڙي پر ڊگهي ڇٽ سان قائم دائم. لنگهندڙن ڪي گس ڏيندي رهي. ڏيديءَ ڪي پنهنجا ٻه در هئا. هڪ منهن ۾. هڪ آخر ۾. ڪير جي ٻن درن ڪي بند ڪري ته ڄڻ ته صفحو ٿي ٿي پيو. رئيس گل محمد جي آڪهه جو چڱو مڙس محمد ابراهيم پراڻي کهي جو ماڻهو. پراڻن قدرن ۾ ايمان. پر ليکي چوکي ۾ ڏاڍو سخت ۽ ڏکي طبيعت جو ماڻهو هو. سندس شمس الدين وارن سان اصل ڪانه پوندي هئي. جو رئيسن جي ڏاڏنگ ۾ ڪو نه هو. هونءَ به ناناڻي پر زالون ۽ ٻار پاڙيندا آهن. باقي مڙداڻي پر اها آهي جو هميشه ڏاڏنگ پيا ساراهيندا. شمس الدين جو گهر ڏيدي سان گڏ هو. شمس الدين پورهيت ماڻهو هو پر سندس نينگر پڙهي پيا. ان مان ڪو مليريا جو صاحب هو ته ڪو فيملي پلاننگ ۾ هو. نوڪرين سانگي ٻاهر. گهر ۾ پيرسن شمس الدين ڏيدي جي پٽ ڪي ٽيڪ ڏيو. آرسين لوپن ۽ جاسوس بليڪ جا جاسوسي چڪر وارا ناول پڙهي وقت گذاريندو هو. سندس گهر جو خرچ نينگر ڪنيو وينا هئا. هن رازڪو ڪم گهٽا ڏينهن ڇڏي ڏنو هو.

هڪ ڏينهن جيئن هو اکين تي عينڪ چاڙهيو ڪتاب ڪنيو وينو هو ۽ هو ڏسي رهيو هو ته ڪيئن جاسوس بليڪ. سمٿ ڪي دڙڪا پيو ڏئي. ايميلي ڪارٽر ڪي سمجهاڻي پيو ڏئي. سندس هٿ پٽ جي هڪ دز تي پيو. هن جو هٿ بي اختيار هٿوراڙيون ڏيندو رهيو ۽ هڪ هوشيار رازي وانگر پٽ ڪي ٽوڙيندو رهيو ۽ ائين هن ڪتاب رکي ڇڏيو. هن ڪٽ ريڙهي پري هٽائي ڇڏي. هٿ لائي

ڏنو ته پٽ چڱي ڪاڏ ڪري وئيي ۽ ڪافي هنڌن کان ڏري ڇڄي به پئي آهي. پراڻو ڪاريگر هو، قصي کي سمجهي ويو، صبح جو اٺڻ سان هڪڙو رازو جو سندس يار به هو ۽ پهه مزور وٺي اچي ڏيڍي ۾ بيٺو. ڏيڍي ۾ سندس ڪمري جي پٽ مڙيوئي هڪڙي پٽ، سو خيال پچائڻ لڳو ته اهڙو ڪم ٿئي جو پٽ جي مرمت ٿئي نه ته سڄي ڏيڍي ڇت سوڌي هيٺ لاهڻي تي پئي. شمس الدين ۽ سندس يار رازي گلڻ جا هٿ پٽ کي ٺوڙي رهيا هئا ته ائين محمد ابراهيم اچي لانگهائو ٿيو. پراڻي ٿلهن شيشن واري عينڪ مان نظر ڪرڙي ڪري شمس الدين کي ڏنائين ۽ لڪڻ کي زمين تي ٽيڪي چيائين، ”اڙي ماما! ڇا ڪي لڳو آهين پٽ ٿو ڍاهين ڇا!“ اجا شمس الدين وراڻي ئي وراڻي ته مٿان ڦهڪايائينس: ڏس ماما پاڙين مٿان هٽي پٽ ڪانون ڪيرائي وڌي، ڪاٽي گلڻ پارا مٿان نه پٽ ڪيرائيني: شمس الدين کي خبر هئي ته محمد ابراهيم ڏکي طبيعت جو ماڻهو آهي، تنهنڪري سور پي چيائينس: ”پائو ڏيڍي جي پٽ ڪمزور تي پئي آهي، جي ڪري پئي ته نه رڳو ڏيڍي ويندي پر مون واري ڪوٺي کي به ڪنيو ويندي. تنهنڪري گلڻ کي وٺي آيو آهيان ته ڪا صلاح بيهاريون ته ڪيئن ڏيڍي کي بچائجي.“ ۽ ائين محمد ابراهيم عينڪ لاهي هٿ ۾ ڪئي، تکي رڙ ڪري چيائينس: ” اڙي مٿان پٽ کي هٿ لاتو اٿئي، هي پٽ، هي سڄي ڏيڍي وچ جي ملڪيت آهي شما! جي تو ڪا به حرڪت ڪئي آهي ته سيني کي سڏائي انهيءَ پٽ ۾ لنبائي ڇڏيندو ساڻ سمجهئين!“

”پر به پائو، جي پٽ ڪري پئي ته مان ڪاڏي ويندس، چڱو پلا ايترو حق اٿم ته اندران پنهنجي پٽ ڪٽايان، پوءِ پلي هيءَ ڪريو ته ڪريو توهان جي مرضي“.

محمد ابراهيم جي ڪنن جو پاڙون ڳاڙهيون ٿي ويون، لڪڻ کي پٽ تي هڻندي چيائين: ”شما، مان سڀ سمجهان ٿو، انهي بهاني تون هيءَ پٽ ڪيرائڻ ٿو چاهين ته جيئن ڏيڍي تي قبضو ڪرين. تون نه نئين پٽ ٺهرائيندين نه هن کي هٿ لائيندين. نه ته - ------ بس سمجهين ٿو.“

محمد ابراهيم لڪڻ سان گڏ ڏند ڪڙڪائيندو هليو ويو. شمس الدين حويلي جي ٻاهران گلڻ ۽ مزورن سان گڏ ويهي رهيو. سند نظرون پاتال ڏي کتل هيون، سندس نرڙ تي پگهر هو. هو سوچڻ لڳو ته هن کي ڪيڏو نه گهٽ ۽ ذليل سمجهيو پيو وڃي. هن انهي ذلت کي انهيءَ نموني گهٽايو هو، جو نياڻيون ويهاري ڇڏيائين، پر رئيسن ۾ نه ڏنيون هئائين. رئيسن جي آکهه ۾ پنهنجي پيءُ جو اوج تڏهن ڏٺو هئائين، جڏهن رئيس گل محمد حيات هو. پرجيئڻ هو الله ڏي هليو ويو ته سندس ساڻ اها ڪار ڪيائون جو پهريائين حويلي اندر اڱڻ ۾ ويري وجهائڻ وارو سندس پيءُ هو. لنگهه به ايڏو ڏيڍي جي ويجهو رکيو هئائين جو شمس الدين يا ٻيا گهڻو حويلي ڏانهن ويندا نه هئا.

شمس الدين کي خبر هئي ته حويلي ۾ اڄ ڪنهن به گهر ۾ قرب جو نانءُ نيشان ڪونهي، سڀ انهن ويرين جا قيدي هئا، جيڪا هنن پنهنجي انا جي تسڪين ۽ ڪوڙي ڀرم خاطر ٺهرايون هيون. انهن ويرين جا بنياد به اونها ڪرايا هئائون. جيئن ڪو به نسل انهن کي ڍاهرائي نه سگهي. هونءَ قرب ۽ پيار جا بنياد به اونها هوندا ئي آهن. پر جي نفرتن ۽ جدائين جا بنياد ڪٽائبا ته وڌيڪ اونها ڪٽائبا، ڇاڪاڻ ته پهرين محبت ۽ پيار جي بنياد کي لتارائي نفرت جي ويري اونهي گهري ڪٽائبي آهي، صرف انهيءَ لاءِ ته ڪٿي قرب ۽ پيار جي لٽيل ديوار جا بنياد هن نفرتن جي بنيادن کي لوڏي نه وجهن. شمس الدين سوچيندو ويو. هو نيٺ ڏيڍي ٽپي اندر حويلي ۾ آيو. اڱڻ

۾ ڪنيل نندين پر اونهين ويرين ڪيس نفرتن جي جداين جون ويريون نظر آيون. هو سوچڻ لڳو ته آخر انهن نفرتن ڪيس ڏنو ڇا آهي. هو هڪ هڪ ويري جي ويجهو وڃي اندر نهارڻ لڳو. هر گهر انهي ڪوٽ جي اندر نڪتل ديوار اندر. ديوار هيٺان ڪيئن نه ڏکي زندگي گذاري رهيو هو. شمس الدين ڪي ائين لڳو ته هيءُ سڀ ڪوڙو ڀرم رکڻ لاءِ هيءُ جيون گهارين پيا. هو ويرين جي ڊگهي سلسلي ڏانهن هلندو ويو. سندس وکون هڪ هنڌ بيهي رهيون. سندس مائٽن مان ڪا مائي ڪنگهي رهي هئي. هن ڪنڌ مٿي ڪري ويري مٿان هيٺ اندر نهاريو. هنڪي ڄاڻ هئي ته هوءُ ٽي بي جي مريض هئي. پاسي ۾ سندس پوٽو ملي ۾ ورتل پيو هو. هو وڌيڪ سوچي نه سگهيو ۽ پنتي موٽيو. هاڻ سامهون سندس گهر هو. هو ويريءَ جي لنگهه وٽ وڃي بيٺو. هن پنهنجي گهر اندر ڏٺو. اٽپوري روشني، گهر ۾ گهر، حويلي ۾ ايڏي سوڙهه، هنجو هنيانءُ منجهڻ لڳو. هنن پيتين به ته جاءِ والاري آهي. هو سوچڻ لڳو، هنن ويرين ايتري سوڙهه ڇو ڪئي آهي.! هو اندر پهچندڙ جهڪي روشني ۾ پنهنجي وڇين پٽ ڪي گيسيون پائيندو ڏسي سگهيو ٿي، جنهنجون ٽنگون پوليي سبب ختم ٿي چڪيون هيون. سندس ٻه نياٽيون جن جا مٿا به اڇا ٿيڻ لڳا هئا، چڙيل چٽن سان دورن ۾ مبتلا هيون. هن حويلي جون ديوارون ايڏيون ته ڊگهيون هيون جو ڏاريا سڱ اندر اچي نه ٿي سگهيا. حويلي اندر هيءُ ويريون ايڏيون ته گهٽيون ۽ مضبوط هيون، جو پنهنجا سڱ هڪ ٻئي جي ويرين ڪي ڊاهي نه ٿي سگهيا. هن ڄاتو ته اهي ڪچين يا پڪين پٽين واريون پٽيون روڪ نه هيون، پر اهي دلين جون ويريون هيون، جن هڪ ٻئي ڪي ڌار رکيو هو. هنڪي اها به خبر هئي ته رئيسن جي ڪانئس انهيءَ ڪري نفرت هئي جو هو نانڪ ۾ هئڻ پر جي جيڪي هڪ ٻئي جي ڏاڏنگ ۾ هئا، انهن ۾ وري ڪهڙي محبت هئي، هو ائين سوچ جي انبوهه مان ست ڏئي نڪتو ۽ ٻاهر ڀڳو. ڪٽ تان گلو رازي جي تيشي کنيائين، ڊوڙندو اندر ويو. گلو گهٽو ئي ڏيڍي تائين ڀڳيس، پر هو ڪيس وٽي نه سگهيو ۽ ڪجهه سوچي هيٺ اوطاقن ڏانهن ڀڳو. شمس الدين ڏيڍي لتاڙي سڌو اچي پنهنجي گهر واري ويريءَ وٽ بيٺو. سندس هٿ زور سان ڪم ڪرڻ لڳا. سندس پٽ پراڻي ۽ ڪچي هئي. ڇئن پنجن ڌڪن سان هن پٽ جا ٻر گهل لاهي وڌا. سندس هٿ تيز هلي رهيا هئا. هو پنهنجي منهن سان ڳالهائي به رهيو هو. ”هي ويريون اسانجون دشمن آهن. ابراهيم هي تنهنجون به دشمن آهن. تو منهنجي گهر ۾ تڪيو آهي. توکي تنهنجي زال ۽ نياٽين ڪي به ته هيءُ ويريون کائي ويون آهن. ابراهيم هيءُ اڄ ڊهڻ کپن!“

ائين هن ڪنڌ مٿي کنيو. ابراهيم ۽ ٻيا مٽ مائٽ پرسان اچي بيٺا هئس، هو يڪدم وڌي محمد ابراهيم وٽ آيو.

”رئيس محمد ابراهيم اچي هيءَ تيشي وٺ، اهي سڀ ويريون ٽوڙي ڇڏ. گهٽ ۾ گهٽ پاڻ واري ويري ته ڊاهه. اڙي سڀ گهٽجي مري ويندئو. اڙي ٻوساٽجي ويندئو. اڙي ڊٻجي مري ويندئو. اڙي ويريون ڊاهيو ته دليون صاف ٿين. دليون ڏوپنوَ. اڙي ڇو ٿا هڪ ٻئي ڪي گهٽي ٻوساٽي ماريو اڙي.!“

هو زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو. محمد ابراهيم سڄو ڏڪڻ لڳو هو. هو هيڊو ٿي ويو هو. وڌيڪ ٻڌڻ جو روادار نه هو. هن پير ڪري شمس الدين ڪي چمات وهائي ڪڍي ۽ پاڻ ٿڙڪندو جهڪي ويهي رهيو ۽ شمس الدين رئندو، ڊوڙندو پنهنجي ڪوٺي ڏانهن هليو ويو، جنهن جو در هن هڪدم بند ڪري ڇڏيو. اها رات حويلي جي اداس ۽ تاريڪ کان تاريڪ تر رات هئي. انهيءَ رات ڏيڍي جي

پٽ ڪري پئي ۽ شمس الدين انهيءَ پٽ ۽ پنهنجي ڪوٺي جي ڇت هيٺيان دٻجي ويو. جڏهن هن ڪي هڪ مٽيءَ جي ڍير مان ڪڍيو ويو، ته تيشي سندس هٿ ۾ هئي. جڏهن شمس الدين کي هڪ مٽيءَ جي ڍير مان ڪڍي ٻئي مٽيءَ جي ڍير ڏانهن نيو ٿي ويو، تڏهن چوڻ وارن چيو ته سڄي رات شمس الدين ڪوٺي ۾ بند انهيءَ پٽ جو بنياد تيشيءَ سان کوٽيندو رهيو هو. هنجي لاءِ شايد اها ڏيڍي جي پٽ حويليءَ جي پٽ هئي. جنهن کي ڪيرائڻ سان شايد سڄي حويلي جو بنياد ڍهي پئي ها، پر حويلي اڄ به قائم آهي. سندس ڪنگرا ۽ ڪوٽ جهور ٿي چڪا آهن. اندر ويريون ۽ دوريون اجا قائم آهن. ڏيڍي هاڻي هڪ گهٽي ۾ تبديل ٿي چڪي آهي. ڪير ٺهرائي. شمس الدين جي ڪوٺي انهيءَ ئي ڀڳل حالت ۾ آهي، ۽ انهيءَ ڀڳل حصي ۾ شمس الدين جا ٻار ٻڪريون ٻڌندا آهن. باقي ايترو سو ضرور ٿيو آهي جو نورپور يا اوسي پاسي هاڻ حويليون ڪونه ٺهنديون آهن، جي ٺهنديون آهن ته انهن ۾ ڏيڍيون ويريون نه هونديون آهن.

❊

# ڏوپار

باشو اڃا وراندي ۾ ئي هيو تہ سندس وڏي ڀيڻ عائشا، جنهن مشين کي پٺئي ابتا سبتا ڦيرا ڏنا، ڪنڌ کي زور سان ڌوڏيندي آهستي آهستي ”هش! هش“ ڪئي، هو اتي ئي ڄمي ويو. سمجهي ويو تہ ڪمري ۾ سندس چاچو پادر پسائي ويٺو آهي. هن لوڏو هڏي رخ ڦيرايو، سامهون ٽاڪ منجهند ٻي نتهڻ اس، اڄ ۽ ٻک ڪيس اصل لوڏي وڏو هو. هو اڃان سوچي ئي رهيو هو تہ ڪيس چاچي جي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي: ”آيو آهين، نواب جا پٽ! رلي پني ڏڪا جهلي، هاڻي آيو آ تہ ماني ڏيو، ڌوتل ڪپڙا ڏيو. اڙي پٺهين ڪا ڏراوت ڇڏي ويو هو مان وٺ........ پيٽان ڏاري وڃهندو سانءِ“ سٽ ڏيئي چاچي اڇي ڳٽڙ ڪان جهليس.

”هاڻي ٻڌاءِ، اڙي اهو روز روز توهان گهٽي ۾ اٽي ڏڪر ٽا ڪيڏو ۽ شمعدان جا شيشا شرطن تي ٽا ڀڃو. اڄ نوٽيفائيڊ ايريا وارن جو ماڻهو بہ آيو هو. نقصان پٺهين پريندو يا ماڻهين پريندي. سئو دفعا انهي ڳالهہ تي پادر ٺوڪيا اٽمانءِ پر ڪتي جو پڇ ڦڏو سو ڦڏو“ پيٽس ڪنڌ هيٺ ڪري مشين تي ويٺي هئي. نيٺ چاچس اچي ڏڪن، ٻجن ۽ چماٽن سان ورتس. هٽي سيڪاٽي وڏائينس ۽ پوءِ ڪٽ تي ڪٽي اڇلايائينس ۽ ٻڙ ٻڙ ڪندو ڪمري ۾ هليو ويو.

”پيٽان آئيندي جي ٻڌو اٿم تہ اٽي ڏڪر ڪيڏي اٿو تہ رتو چاڻ ڪري ڇڏيندو سانءِ“.

باشو اتي ئي سڏڪندو رهيو. هن ڪنڌ ڪٽي مٿي نهاريو تہ ماڻس رڌٽي مان ٻوڙ ڪٽي وراندي ۾ گهڙي. هن اٿڻ چاهيو پر ماڻس ڏانهنس نهاريو بہ ڪو نہ، هوءَ سڌو ٻوڙ ڪٽي اندر ڪمري ۾ هلي وئي. جيئن ماڻس ڪمري ۾ گهڙي تہ هن ڏٺو تہ چاچس جيڪو هاڻ پنا اگهاڙا ڪيو پينگهي ۾ پي لڏيو ۽ پير سان پي لوڏو ڏنائين يڪدم اپو ٿي ويو ۽ ماڻس کي سٽ سريون ٻڌائڻ لڳو. ماڻس جو پڙڪو بہ نہ هو. باشي جو هاڻ سڏڪڻ بند ٿي ويو. هو ڪا گهڙي خاموش پيو رهيو پوءِ الائي ڇا سوچي ٽپ ڏيئي ٻاهر نڪري ويو. پيٽس آهستي سڏ ڪيس. پوءِ ڊوڙندي ڏيڏي تائين آيس، ”باشا، باشا، ٻڌ تہ! ماني گرهہ تہ کاءُ، نتهڻ ۾ ڪاڏي ٿو وڃين. او باشا! او باشا!“ پر هو خار ۾ ڏيڏي ٽپِي گهٽي ۾ نڪري آيو.

هو ڪا گهڙي ٻيٺو رهيو. گهٽي ۾ ڪير بہ نہ هو. ٻہ ڪتا ناليءَ جي پاڙيءَ ۾ پاڻ پسايو سهڪي رهيا هئا. ويجهو وڃي انهن جي ڀرسان ويهي رهيو. هن ڪتن کي سهڪندو ڏٺو ۽ يڪدم زبان ڪڍي پاڻ بہ سهڪڻ لڳو پر ڪتن نهاريس بہ ڪونہ. هن کي اڪيلائي جو شديد احساس ٿيڻ لڳو. هو اوستي علڻ جي جاءِ جي اوٽ ۾ ويهي رهيو. ڇانوڙي هئي پر سامهون واري اس بہ نتهڻ هئي. ٿوري دير ۾ واقعي هو سهڪڻ لڳو. اڄ ٻک جو احساس آهستي آهستي ڪر موڙيندو اڳيان آيس. هو جيئن اٿيو تہ ڪيس ياد آيو تہ سندس اٽِي ڏڪر اتي ئي اوستي علڻ وارن جي سڪل ناليءَ ۾ لڪل هو. هن نئڙي اٽي ڏڪر ڪڍيو ۽ وڏي اچي اتي ٻيٺو جتي اٽي ڏڪر راند لاءِ هن ۽ سندس ساٿين گڏ کوٽي هئي. هو جهڪي گد مان مٿي ڪڍڻ لڳو. جيئن ئي هن ڪنڌ مٿي ڪنيو تہ سندس نظر شمعدان تي پيئي. اهو شمعدان سندس گهر جي ڀت جي آخر ۾ مٿيرو لڳل هو، جنهن ۾ روز

پيو چمني ٻاري رکي ويندو هو. هن ڏنو ته اڄ وري شمعدان جا چار ئي پاسا نون شيشن سان چمڪي رهيا هئا. هن کي خبر هئي ته اهي شيشا نه هجن ته انهن ۾ رکيل چمني هوا جي هڪ جهوٽي سان وسامي سگهي ٿي، پر الائجي هو جڏهن به شمن، گلڻ ۽ جمن وارن سان گهٽي ۾ اٿي ڏکر کيڏندو هو ته سندس هٿ ۾ خارش لڳندي هئي. پنهجي واري اچڻ تي يڪدم چوندو هو ”شمن گڏي اچئي ٿي. ڏوپارا.......... ۽ اٿي کي گد ۾ هڪ پيرو وري ڏل ناهي ڏکر سان اٿيءَ کي ٽورو مٿي اٿاري وري جو زومائتو ڏک هڻندو هو ته اٿي شمعدان جا شيشا ٽوڙي پريان نڪري پٽ تي وڃي پوندو هئي. جڏهن کي ڏينهن شمعدان ٽٽل هوندو هيو ته گلڻ شمن وارا به اٿي ڏوپار ڪرڻ جي ڪندا هيا. پر شيشن پوڻ کانپوءِ اهو سندس ئي مرڪ هو ته شيشو پيچي اٿي ڏوپار ڪري. هن جو ڏڪ به ڏڪ هوندو هو. قد جو ننڍو، ڦيري پائي اٿي کي اٿاري ڏک هڻندو هو ۽ ڏسڻ وارا يڪدم دانهن ڪري چوندا هيا: ” واهه ڙي باشا! باشا اصل نشانچي آن!“

هونءَ به باشي جنهن پاسي هجي انهيءَ ڏر جي هارائڻ جو سوال نه ٿي ٿيو. باشو جنهن ڏينهن شمعدان پيچندو هو ان ڏينهن الائي چو خوش ٿي ويندو هو. ڪيس خبر هئي ته گهر پهچندو ته پادر پيسا پيا هوندس. پر باشي لاءِ اها نئين ڳالهه نه هئي. چاڪاڻ ته هونءَ به گهر ۾ چاچو گارين جو ۽ موچڙن جو زبيت لايو وينو هوندو هو.

باشي جي پيءُ جيئن مئو هو ۽ چاچي هن کي پاڻ سان لاچار رهايو هو. هن ڪڏهن سک جو ساهه نه کنيو هو. ماٽس ۽ پيٽس ته جڻ ان جون نوڪرياڻيون هيون. باشو ڪڏهن به گهڙي پلڪ لاءِ چاچي مان قرب جي گهڙي ماڻي نه سگهيو هو. اسڪول ويندو هو ته ڪتابن يا ڪاپين نه هئڻ ڪري ماستر جا موچڙا، ڦاٿل ڪپڙن اٽيي مٿي، چڳل چمپل سان هجڻ ڪري هميشه ڪلاس جا سيبتا، ماستر جا پيار شاگرد پرسان نه ويهاريندا هئس. هن جي لڳندي هئي ته گلڻ شمن ۽ جمن سان، جيڪي هن وانگر يتيم ته ڪونه هئا پر غريب جا ٻار ضرور هئا ۽ پڙهائڻ واري حالت ڪان پري نه هيا. هنن جو ساٿ اسڪول ۾ گهٽ گهٽيءَ ۾ گهڻو هوندو هو. اٿي ڏکر ته هنن لاءِ سڀ ڪجهه هيو. باشو گهٽي ۾ گهڙندو هيو ته هو ڪار مچي ويندي هئي. ”اچي ويو ڏوپارا!“ ۽ جيئن ڏوپار جو نعرو لڳندو هو سندس آنت تپندي ويندو هئي ۽ تڙڪو ٿيندو هيو. شمعدان جا شيشا پٽ تي هوندا هيا. ٻيا چار ڏينهن گذرندا هيا ته گهٽي وارا نوٽيفائيڊ ايريا وارن جو مٿو کائيندا هيا ۽ نوان شيشا لڳي ويندا هيا. جيئن ئي باشي جي نظر شيشن تي پوندي هئي ته هٿ ۾ ڪيس خارش ٿيڻ لڳندي هئي ۽ هو دانهن ڪري سڏ ڪندو هو. ”شمن گڏي، گلڻ گاجي، جمن جتي، ڏوپار.“

يارن جو ميڙو ٿيو ناهي ۽ تڙڪو ٿيو ناهي. تڙڪي تي ها هاڪار مچي ويندي هئي. ڪو گهٽيءَ جو چڱو مڙس نڪرندو هو ته سڀ پاسيرا ٿي لڪي ويندا هيا. پر باشو اٿي بيٺو ڏکر ڦيرائيندو هو ۽ ان بزرگ ڏانهن منهن ڪري چوندو هو ”چاچا، ڏوپارا!“ ڪندن پاسن ڪان ”کي — کي ۽ هي- هي“ جو آواز ايندو هيو. يا نعرو لڳندو هيو ”ڏوپارا!“ ۽ بزرگ بڙ بڙ ڪندو هليو ويندو هو.

هينئر به باشي جون نظرون شمعدان ۾ ڪتل هيون ۽ نوان شيشا سندس اکين ۾ تروار پيدا ڪري رهيا هئا. سندس هٿ هر هر ڏکر کي ڦيرائي رهيا هئا. هن ڏوپار جو نعرو هڻڻ چاهيو ٿي، پر سمجهيائين ته اڃا ٽيپهريءَ ۾ دير آ. يار ڪو نه نڪرندا. هن خشڪ زبان چپن تي ڦيري. ڪيس اڄ لڳي هئي. هن ڪتن ڏي نهاريو، هنن جي سهڪڻ کي ڏسي هو وڌيڪ سهڪي نه سگهيو يڪدم

اوستي علڻ جي گھر گھڙي ويو. اوستي علڻ وارا سندس ناناڻي لچ ۾ هيا ۽ هو ڪو به پئه پولو نه پاڻئي وڏي ويو. اگڻ ۾ ڪڪڙو ڪو لڳي ڏيئي هئي. سامهون نم جي ڇانو ۾ مٽ پيو هو. وڏي اچي مٽ تي بيٺو هيڏانهن هوڏانهن لوٽو هنيائين. هڪڙي ڇبي جستي گلاس تي نظر پيس جيڪو منجيءَ تي پيو هو. هن سٽ ڏئي گلاس کنيو ۽ ڊوڙي وڃي مٽ ۾ وڌائين. هن جي هٿ وڃي ترو ڪنيو. ڪا گھڙي سوچي آهستگيءَ سان تري جي پاڻي کي ڏنائين. هن هڪ دفعو خشڪ چپن تي زبان ڦيري، الاجي ڇو ڪيس ناليءَ جو پاڻي ۽ سهڪندڙ ڪتا اکين آڏو ڦري آيا. پر هن چپ چاپ گلاس چپن تي آندو. شايد هن جا چپ به آلا نه ٿيا هوندا ته هن آواز ٻڌو.

"اڙي باشا! اڙي باشا! پاڻي ڪپئي ته هيڏانهن اچي پيءُ اهو ڪنو وٺين هاڻو پاڻي ڇو ٿو پيين. ابا هيڏانهن وراندي ۾ ٿڌا دلا نه پيا آهن."

هن گلاس هٿن ۾ آندو ۽ چپ چاپ اٿين بيٺو رهيو. پوءِ لوٽو ڦيرائي اوستي علڻ جي گھر واريءَ ڏي ڏٺائين جا وراندي وٽ بيهي ڪيس سڏي رهي هئي. هو ڪا گھڙي ڏانهس نهاريندو رهيو. پوءِ پريل گلاس اتي ئي اڇلي ستائي ٻاهر نڪري ويو.

"عجيب ڇوڪرو آهي هن دروازي کان ٻاهر نڪرندي ٻڌو. هو ڪا گھڙي ٻاهر بيٺو ۽ ڪيس پنهجي وراندي جا ٿڌا ٿڌا ۽ ڪورا دلا اکين آڏو ڦري ويا. هو تکو تکو گھر ڏانهن هليو. ڏيڍي ٽپي جيئن اگڻ ۾ داخل ٿيو ته چاچي جي رڙ پي پئي.

"اڦٽ ماري ڇڏيندو ماڻ چوري ڪو پٺهين جو مال آهي ڇا جو ڀاڻين ڏي ڪنيون پئي وڃين. هلي آ پاءُ کي مال مليدا ۽ ڪتيون ڪارائڻ مون سئو دفعا چيو آهي ته انهي نياڳي چوري کي گرهه به نه ڏيو. پلي پيو بک مري."

" پر چاچا هو سڄو ڏينهن............ " پيٽس جو ڪمزور آواز سندس ڪن تائين پهتو.

"اڙي سئو ڏينهن بکيو رهي. مون ڪنهن جو ٺيڪو نه ڪنيو آهي. سئو دفعا چيو اٿم ته پاڻ ڪمايو پاڻ کائو. مشين باقي ڏوڙ جي ڏني اٿمانو ته رڳو ويهي ابتا ڦيرا ڏيو. ڪهڙو سيبو ڪري ڪمائي ڏنو اٿو جو مان سڄي آکهه ڪارايان. مون کي ڏي اها ماني، هلي آ پاءُ جو پيٽ پرڻ...!" هاڻ پيٽس جو آواز ڪجهه ڇتيرو هو.

"پر چاچا هيءَ مشين ته ابي اسان کي وٺي ڏني هئي. اسين جيڪو ڪمايون ٿيون سو سڀ چاچيءَ کي ڏيون ٿيون. ٻيو ته اسان جو بابو به ته سڀ ڪجهه ڇڏي ويو هو. سڄو ته ڪو نه هو."

زڙاب جو آواز ٿيو. چاچي چماٽ وهائي ڪڍي هيس. اوچتو ٻوڙ جي وٽي، ماني ۽ دٻڪيءَ اچي اگڻ ۾ ٽڙڪو ڪيو. پوءِ باشي کي هٿا رڳو سٽڪي ڪٽڪي جا آواز ٻڌڻا، چاچو پيٽس کي ڪٽي رهيو هو. "وات تي هٽين، جواب تي ڏين! پٺهين جي ملڪيت هئي نه. ها سڀ ڇڏي ويو هو. مان ڳهي ويم، ائين نه. سمجيهن ڇا تي زي، ٽڪي جي چوري هلي آ مون کي چور ڪرڻ، اڙي ڪٽي جي ڏيءُ پٺهين پليو منهنجي ٽڪرن تي. قرضي هو منهنجو سمجهيو! توهين سڄي عمر ڪمايو ته به قرض لاهي نه سگهو."

باشي جي ڪنن جون پاپڙيون ڳاڙهيون ٿي ويون هيون. هن جي زبان ٽوٽ تي وئي هئي. هو وڏيو، سندس نظر اگڻ ۾ مانيءَ تي پئي. هو بيهي رهيو. سامهون ڪيس ٿڌا دلا نظر پئي آيا. هن جي ڪنن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو. هو ڪا گھڙي ماني ڏانهن، ٻوڙ ڏانهن ۽ دلن ڏانهن گھوريندو

رهيو. ايتري تائين جو سندس اکين ۾ پاڻي پرجي آيو. شايد هڪ هنڌ ڏسڻ جي ڪري. هن ڀيڻ جون رڙيون دانهون نٿي ٻڌيون. هو چپ چاپ پٺتي هٽيو، وري وڏيو پوءِ وري هٽيو ۽ ٻاهر نڪري آيو. هاڻ هو وري گهٽيءَ ۾ هو. سندس اکيون شمعدان ۾ هيون. هو شمعدان کي تڪي رهيو هو. خشڪ نڙيءَ کي ٿڪ سان آلو ڪري وري ٿڪ ٿي ڦٽي ڪيائين. هو گد جي چوڌاري ڦري رهيو هو ۽ چپن ۾ هر هر چئي رهيو هو "ڏوپار....... ڏوپارا"

هن ڏاڍي پاٻوهه سان اٿي گد ۾ اپاري رکي، کيس نه وٽي، وري اٿي کي ٺاهيائين. هو هر هر اٿي ٺاهي ڊاهي رهيو هو. ڪنهن مهل ڏڪر زور سان پٽ سان ٿي هنيائين. سندس منهن ڳاڙهو هو. ڪنن جو پاپڙيون وڏيڪ ڳاڙهيون ٿي ويون هيس. لونڊڙين جون رڳون ظاهر ٿي آيون هيس. ڪنهن ويل ڊل ٺاهي گد جي چوڌاري ڦيريون ٿي پاتائين. ڪا مهل هو پٽڪندو رهيو "ڏوپار! ڏوپارا ڦيريون پائيندو رهيو. اٿي کي ٺاهيندو ڊاهيندو رهيو. هن کي ڪنهن ويل آرام نه هو. ڪا گهڙي شمعدان کي ٿي ڏنائين وري نظرون اٿي ۾ ٿي هنيائين. ائين سندس چاچي گهران بدڪي ڪاڍي. چاچس کيس نه ڏٺو ۽ گهٽي لتاڙي بازار ڏانهن وڃڻ لڳو. باشو ڪا گهڙي کيس تڪيندو رهيو ۽ جڏهن هو شمعدان هيٺان پهتو ته باشي جي اکين ۾ ترورا جاڳيا. هن زور سان ڏڪر ڦيرايو ۽ دانهن ڪئي.

"شمن گڏي، گلڻ گاجي، جمن جتي اچي ٿي ڏوپارا" چاچي يڪدم لوٽو هٿي پنيان ڏٺو. يڪدم متان نهاريائين ته شيشا پڳل ته نه آهن ۽ جوان شيشا ڏسي هن يڪدم دانهن ڪئي: "باشا نه . اڙي نه. شمعدان نه ڀڃجانءِ. پيٽا ڪتي جا پچ نه ڀڃجانءِ"

باشي به يڪدم دانهن ڪئي.

چاچا ڏوپار ! چاچا ڏوپارا

هن ڏڪ هنيو. باشو ڏڪ هٽي ۽ نشاني تي نه لڳي. اٿيءَ وڃي چاچي جو دون ورتو. پهرين ڏڪ ۾ چاچو بولاٽي کائي ڪريو. رت ٿيڻديون ڪري وهڻ لڳس ۽ سندس رڙ متان رڙ پي پئي.

باشي چاچي ڏانهن گهور تڪيو. هن جو ڪنڌ مٽي هو. هن کي ائين پئي لڳو ته هو قد جو ڊگهو ٿي ويو آهي. رڙين تي اوستو علڻ ٻاهر نڪتو باشي ڪڙڪي تي ڪنڌ موڙي ڏانهس. گهوري نهاريو ۽ ڏڪر تي هن جي مٺ وڏيڪ پڪوڙجي وئي.

❊

# روشن اوندهه

انهيءَ رات وڏڦڙو پيو وسيو، مان به پڇي پڇي پٽ تي علي خان جي اوطاق تي پهتس. علي خان جي همراهن اڳي اسان کان گهوڙا ورتا. علي خان جو پڌو، بس مينهن ۾ پوتڙو مٿي تي، حويلي مان نڪري آيو.

”ابا عليم، ڀلي آيا، جي آيا، خير؟“

”ها چاچا مڙئي خير، هئي تنهنجي مهماني کائڻي، سو نه ڏٺي سون مهل، نه وقت، اجهو ڦهکو اچي کيو اٿئون“

علي خان ڀلي آيا جي آيا چوندو وڃي انتظام ۾ لڳو. مان به آلا ڪپڙا مٽائي، تازو نوبنو ٿي کٽ تي چڙهي وينس، انهي انتظار ۾ ته وڏيرو علي خان اچي ته حالي احوالي ٿيون.

وڏيرو علي خان جيتوڻيڪ تر جو ڪو تمام وڏو زميندار ڪو نه هو پر سندس هاڪ ۽ رعب ملڪان ملڪ پڌبو هو. ٻانهن ڪٽڻ ۽ موٽائڻ ۾ هن جو مَٽُ نه هو. ٻانهن وئي ناهي ۽ پاڳيا اچي علي خان جو در وٺندا. بس پوءِ هو منٿ ڪري وٺندو هو. ٻانهن ڪٽائڻي هجي ته علي کي اشارو ڏيو. پوءِ وينا رنگ ڏسو. علي خان پاڻ به ڏاڍو شوقين هو. سندس سونهين وارو بنگلو پريو پيو هوندو. ٻه پراڻيون ڪيندو هو ته ٻه نيون آڻيندو هو.

سندس رهائي ۾ اثر رسوخ جو اهو عالم هو جو تپيدار کان ڊپٽي ڪمشنر تائين، سپاهي کان وٺي ايس پي تائين. سندس سلامي هوندا هئا. هو سيني سان پيير به وڏا پريندو هو. سندس فراخ دلي ۽ مهمان نوازي هوندي هئي اڳيئي مشهور، سو ڪو به سندس در تان مايوس نه ويندو هو.

علي خان جيتوڻيڪ هو پراڻي زماني جو ماڻهو، پر وقت جو لحاظ ڪائنس جيڪر ڪير سکي. هو وقت جو سلامي هو. ماڊرن دور ۾ هو ماڊرن رنگ ۾ رنگيل هوندو هو. سندس اوطاق به ڪافي ماڊرن ۽ سهڻي هئي.

علي خان کي اسين چاچو ڪري سڏيندا هئاسين. هن جا اسان جي وڏن سان ڏاڍا گهاٽا ۽ پختا ناتا هئا.

اسان جي زميندار ي ڪافي وڏي هئي، پر اثر رسوخ ۾ اسين علي خان جا محتاج هوندا هئاسين. علي خان بابي سائين جو پڳ مٽ يار هو. منهنجي زمين سنڀالڻ ڪانپوءِ ته اصل منهنجو سنگتي ٿي پيو. سندس گهڻين رنگين ڪچهرين ۾ مان ضرور شريڪ ٿيندو هوس. بس ائين ڪڏ ڪٽندو هو. ڏو علي خان جي اوطاق تي. بس پوءِ علي خان ويچارو ڏاڍو بندوبست ڪندو هو. مان به هئس چڙو چانڊ، علي خان شوقين ماڻهو، بس پوءِ راتيون لنگهي وينديون هيون، هوش نه رهندو هو.

علي خان جي گهر سان اسان جو وڏو رستو هو، علي خان جي وڏي زال مون کي ڏاڍو پائيندي هئي. مان علي خان جي ڳوٺ ويندو هوس ته هو مونکي گهرائيندي هئي. علي خان کي ڪل نڪاح پڌيون ٽي زالون هيون. اولاد تنهي زالن مان ٻه ٻه نياڻيون هيس، پٽ جو اولاد ڪونه ٿيس. سندس چار نياڻيون سامايل هيون. جن جي شادي بقول علي خان انهيءَ ڪري نه ٿي سگهي هئي. جو علي

خان کي اهي چار نياڻيون ڏاڍيون پياريون هيون. هو چوندو هو ته انهن جي جيڪڏهن شادي ڪرائيندس ته مان انڌو ٿي پوندس. سندس ٻه وڏيون ڌيئون ته هاڻي ڪائي چڙهيون هيون. سندس شڪلين مان ائين لڳندو هو ڄڻ سندس رت به سڙي ويو آهي. پر حقيقت ۾ علي خان کي پنهنجي عيش ۾ ڪڏهن ڪمن ڪان فرصت ڪا نه هئي جو ان طرف توجه ڏئي. علي خان جي دلچسپي هئي. ٻانهن ۾ سا به نو ورني ٻانهن.

ٻانهن جي ڳالهه تي مون کي ياد آيو ته علي خان سان اڄ انهي ٻانهن جي باري ۾ ڳالهائبو، جنهن مهيني کن کان وٺي منهنجو ننڊون حرام ڪري ڇڏيون هيون. انهي رات به دراصل مان نوري سان ديري جي چن ۾ ملڻ ويو هوس. هوڏانهن مينهن ۾ طوفان هيڏانهن نوريءَ جو گسائڻ بس اصل تڙپي اٿيس. انهي مهل گهوڙي تي چڙهي سڌو علي خان وٽ آيس.

نوريءَ کي ڪٽڻ ڪو سترو ڪو نه هو، چاڪاڻ جو هوءَ گنبي ڏاڙيل جي ڌيءُ هئي. اهو به چڱو ٿيو جو گنبو ان وقت جيل ۾ هو ۽ منهنجا نوريءَ تي وڃي هٿ ڪتا. نوري قابو هئي. پر سندس نازن نخرن تڙپائي ڇڏيو هو. سندس سونهن لاءِ مان ڇا چوان، شايد زندگي ڀر اهڙي نينگري مونکي نه ملي ها. ڇا ته سندس بت جي بيهڪ ان تي سنهڙي ڳچي پريل منهن، جنهن ۾ ٻوانجهڙيون وڏيون ڪاريون اکيون. ڪليل ٿلهڙا چپ، جاڙا ڀرون. بس هر طرح سان هوءَ هڪ مڪمل سونهن جو سو پچو تصور هئي.

مان نوري جي خيال ۾ گم هئس ته چاچي ٺڪاءُ ڪيو. چاچي جي پياري نوڪر جاڙي ٽيبل تي پي بوتلون رکيون.

سوڍائون ڪوليائين پي ته مون جهليومانس.

”چاچا اڄ نه“

”چو خير؟“

”خير آ پر طبيعت نه ٿي چوي“

”طبيعت چو نه ٿي چوي. اڙي جاڙا پيت گلاس ۾، مان سڀ سمجهان ٿو. تنهنجو حال احوال وٺان ٿو. مونکي سڀ خبر پئي آهي ته اڄڪلهه تو ڪهڙي رولڙي ۾ آهين.“

مون آهستي ڦڪي مرڪ مرڪي ۽ گلاس ۾ هٿ وڌم. ”پر ترس يار، چاچهين پي چيو ته مون ڏي موڪلينس. تون گهران تي اڄ پوءِ شغل تا ڪريون. ها اڇي جاڙا هيءُ تون پيءُ“

مان ٽپ ڏئي اٿيس. مون چاچي جي نوڪر جاڙي ڏانهن نهاريو، جو ڏاڍي ڏيرج ۾ پختائي سان سفيد جن پي رهيو هو. الائجي چو مون کي ان مهل جاڙي جي منهن ۾ ڏاڍي مٺيا ۽ سونهن نظر آئي، مون ڏانهن ڪلي چيو:

”اڙي جاڙا ڏاڍي رعب ۾ آهين“

”بس سائين، پوتار جون مهربانيون آهن“

مان گهچڪ گهچڪ ڪندو، گپ ۾ ٿاڦوڙا هڻندو حويليءَ ۾ پهتس. مان اڄان حويلي جي ڏيڏي ٽپي اندر ٿيس ته سامهون چاچي جي وڏي نياڻي سڀاجهي منهن پئجي ويم. نالو ته افروز هئس، پر جيئن ننڍي هوندي کان سڀاجهي سڏيندا هئس. تيئين سڏيندا اچنس. هوءَ هڏ ڪاٺ ۾

پڪي ۽ ڪافي وڏي عمر جي هئي. سندس منهن جا هڏا ٻاهر نڪتل، رنگ سانورو، منهن تي مرڪ بنهه ڪانه ۽ اکين ۾ اداسي، بس جيئرو ساهه هو ٻيو ڪجهه به نه.

مون مرڪي ڪانئس طبيعت پڇي. چاچيءَ جو پڇيم. هن ڳالهائڻ چاهيو پر ڳالهائي نه سگهي. گلو ڀرجي آيس، مان تڪڙو وڃي ويجهو ٿيس.

سٻاجهي، سٻاجهي ڇو، امان ڳالهايو اٿئي، ڇري روئبو آهي. ڇري آهين ڪا!"

۽ هوءَ اوچنگار ڏئي منهنجي ڪلهي تي ڪري پئي.

"ادا، ادا"

"ڇئہ نہ، ڪنهن ماريو اٿئي، بس بابا، ايڏو روئبو آهي، ڏاهي ڌيءُ آهين نہ."

مون سندس ڳوڙها اگهيا تي، پر ڏٺم تہ اکين جي ڊنڊ ۾ ڪنول تربو تربو ٿي آيا. مان بہ ڪجهہ ڏڪوئجي ويس. ڪيس وٺي وراندي ۾ آيس. سامهون چاچي جي ٻيو نمبر ڌيءَ سٻاجهي جي سڳي ڀيڻ ريشان ٻيٺي هئي. هوءِ مرڪي وڏي. ريشان تون تہ ڏاهي آهين چڱو، ڀيٽين کي پرچاءِ ڳالهہ بہ نہ ٿي ٻڌائي، وڙهيون آهيو ڇا؟

"ريشان ڪا گهڙي ماٺ هئي. پوءِ چيائين"

"نہ نہ اسين ڇو وڙهون، سٻاجهي، ادي، بس ڪر رو نہ. مون کي ڏس مان بہ تنهنجي ڀيڻ آهيان. مان بہ ڪو نہ ٿي رئان سٻاجهي.،"

مان ڪجهہ حيران ريشان کي ڏسي رهيو هوس. جنهن جي وٽندڙ ٻهڪندڙ ڇهري تي پختائي، ڪڙائي ۽ زندهہ رهڻ جي امنگ هئي. هن سٻاجهي کي ڳراٽڙيون پي پاتيون.

مان ٻنهي کي پيار سان آهستي ڏڪ هنيا. "ڇريون ڏاهيون، ڇوڪريون."

مان رنڌڻي ۾ ويس، چاچي جي وڏي زال ريشان ۽ سٻاجهي جي سڳي ماءُ ويٺي هئي. ساڻس گڏ چاچي علي خان جي ننڍي زال گلان مهاڻي بہ ويٺي هئي، جا لالٽين جي روشني ۾ ڏاڍو وڻي پئي. عمر ۾ ريشان کان بہ ننڍي پئي لڳي. مان ويس ٻنهي کيڪاريو ۽ پوءِ ننڍي مائي تہ اٿي وئي. چاچيءَ ڀهرين ڪيڏي دٻ تہ تون هٽڙو، تون هٽڙو، توکي چاچهن ڪاري ٻهر ڪري ڇڏيو آهي. مون ماٺ ڪري ويٺي تنبيهون ٻڌيون. پوءِ تہ اڃي پئي پنهنجن روئڻن ۾:

"عليم، تون ئي سمجهائينس، اهي عيش هاڻي سندس اڃي ڏاڙهي تي ڪو نہ ٿا پونس. سندس اولاد وهي اڪاري هليو آ. آهي ڪيس ڪو مرم حياءُ تہ نياڻيون اٿاريان. وڏيءَ لاءِ ڊاڪٽر چيو آهي تہ ڪيس سلهہ آهي. سندس ترت علاج نہ ٿيو تہ هوءِ مري ويندي."

منهنجي اکين آڏو ڪنول تري آيا.

"ننڍي بس تو کي ڇا چوان. ڇا ٻڌايان، مان بہ تہ ماءُ آهيان عليم. اولاد مون کان کسبو پاڻ چو تو انڌو ٿئي. هيءُ بار مون کان ڪنيو نہ ٿو ٿئي ابا. يا تہ مون کي زهر ڏئي ماري يا ڇڏين تہ ڇوريون........"

لالٽين جي جهڪي ڳاڙهي روشني تي چاچيءَ جا ميندي رتا ڳاڙها وار چمڪيا پي. سندس اڃي منهن تي نڪ جي ڦلي جرڪا پي ڏنا. هوءِ رکي رکي وڏا ساهہ کڻي رهي هئي.

”ابا جيئڻ آ ڪو، هوڏانهن ٻڌ ته اڄ فلاڻي رن ڪنيائين، اڄ فلاڻي ٻانهن ورايائين. ۽ پاڳين ڪي ڏيڻ بجاءِ پاڻ وٽ ويهاريائين. اڙي تون سوچ ته سهين تنهنجو هيڏو جوان اولاد ڇا سوچيندو. ڇا ڪندو. اڙي اولاد جو حياءُ نه ٿيو پوئي ته اسان جن اڇن مٿن جو ته خيال ڪر.“

پوءِ هوءَ آهستي چوڻ لڳي.

”ابا آهي ڪو جو توکي سجهي ته مان وڏي نه ننڍي اٿاريان. نه ته اها به ائين جلي سڙي ويندي. هان ابا!“

مان ڪي گهڙيون چپ ۾ رهيس. مون کي ائين محسوس ٿيو ته ڪير سڏڪا ڀري پيو روئي. مون ٻاهر نهاريو، اتي ڪير به نه هو. پوءِ ٿڌو ساهه ڀريندي ورائيو مانس.

”چاچي تون ڳڻتي نه ڪر، الله چڱي ڪندو. مان ڪوشش ڪندس ته سڀاڻي لاءِ به سڱ ملي، ريشان لاءِ ته جام.“

پوڙهي ٻهڪي پئي. اصل گهور پئي وڃي. مان اٿيس ته ريشان پليٽ ۾ پڳل حلوو کڻي آئي.

”کائو..“

سندس اکين ۾ عجيب چمڪ هئي ۽ چهرو ٻهڪيو پي. ڏاڍي نهي ۽ وڻي پي. الائجي ڇو مون ڪيس نوري سمجهيو. ساڳيون وڏيون اکيون. ڊگهو نڪ، ٿلهڙا چپ، ڊگهي ڳچي ۽ روشن ڪليل منهن مان سندس ڇهري جي اونهائين ۾ گم ٿي ويس. مان ڇئي نه ٿو سگهان ته هن کائڻ لاءِ جا آڇ ڪئي هئي ان ۾ ڇا هو ۽ مان ڇو ايڏو ٻڏي ويس. ريشان شرمائجي مٿي تي کڻي رئو وڌو.

”کائو نه!“

هن وري ڇيو ۽ مون حلوو کڻي وات تي رکيو. ڏٺم ته چاچي رنڌڻي ۾ نه هئي مون وٽ سوچ موٽي آئي: ” ائين ته نه جو هن مون کي ريشان لاءِ اشارو ڏيڻ لاءِ گهرايو هو.“ مون ريشان ڏي ڏٺو، سندس اڇا ڏند چپڙن مان مرڪي رهيا ها.

”ريشان ۽ مان!“

مان ريشان ڏانهن ٿورو جهڪيس ته ڏٺم ته هن اکين ۾ اپتري ته خود سپردگي هئي، جو مان سوچي نه سگهيس ته ڇا ڪريان. سندس چپ ڦڙڪي رهيا هئا، مون کي ائين لڳو ته هوءَ پياسي به نه آهي، هوءَ ته پاڻ پريل ڪکري آهي جا ڪنهن پوني مٿان وسڻ تي چاهي. مون ڪيس گهوري نهاريو هوءَ مون ڪينوريءَ کان گهڻو مختلف لڳي. مان تڪو تڪو ٻاهر نڪري آيس. مون چاچيءَ کان موڪلايو به نه. مان ڏيڍي وٽ پهتس مس ته مون رڌڻي مان پليٽ ڇڄڻ جو آواز ٻڌو.

مان ڏيڍي ٽپي جيسين اوطاق ۾ آيس تيسين عجيب ويچارن ۾ هئس. اڄڻ سان مون پاڻ مرادو سوڊا ڪولي ۽ يڪساهي ڏوڪي ڇڏيم. مون ڏٺو ته چاچو علي خان مون کي گهوري رهيو هو. هو ڪجهه سنجيدو ۽ اڳين چاچي کان مختلف پي لڳو. مان مات ڪري ويهي رهيس. ماحول ڏاڍو خاموش ۽ ٻسو ٻسو پي لڳو. اچانڪ بوتل ۽ سوڊائن جي ڪولڻ جو ڪڙڪو ٿيو.

”هان وٽ عليم!“

”ڪجهه ڳالهاءِ ته سهين“

علي خان ماحول جي سنجيدگي کي تيلي ڏيڻ چاهيو.

”ڀلا نوريءَ جي ئي ڳالهه ڪري........“

مان نوريءَ جي نالي تي ڪجھ دلچسپي ڏيکاري، پر پوءِ بہ چار ڦڪيون ڳالهيون ڪري ماٺ ۾ ڪنڌ لاڙي پئجي رهيس. علي خان ڪي سمجهيو ۽ ڪي نہ سمجھڻ جي ڪوشش ڪري ڦڪا ٺهڪ ڏئي، اٿي ڪڙو ٿيو. جاڙو ڪيس ڏيڍي تائين ڇڏڻ ويس.

مان نشي ۾ هوندي سمهي نہ سگهيس. خيالن ۾ سڀاجهي ريشان ۽ نوريءَ ڪي عجيب خوابن جي عجيب ماحول ۾ پسيم. مان من جي پيڙا پوڳي رهيو هوس ۽ مون پاڻ ڇڏائڻ لاءِ هنڌ تان ٽپ ڏنو.

منهنجي سامهون علي خان بيٺو هو. سندس هٿ ۾ بندوق ۽ پيٽي ڪارتوس جي هئي، جا هوءَ ڳچي ۾ وجهي رهيو هو. مون جهڪو ٽيل لالٽين ڪنيون ۽ علي خان مون ڏي نهاريو. سندس اکين ۾ عجيب وحشت ۽ ديوانگي هئي.

”چاچا خير!“

هو ڪي گهڙيون بندوق کي هٿ تي توريندو رهيو.

”ها خير آ. ٻانهن ورائڻي آهي.“

سندس آواز ڳرو ۽ گونج وارو هو. علي خان کي تہ اهي معرڪا ۽ مهمون در ڪرڻيون هونديون هيون سو مون ڪلي چيومانس:

”تہ پوءِ ڇئہ نہ تہ شوق جي شيل شڪار تي تو وجان ايڏو ڪاوڙيل ۽ ڊپائتو پيو لڳين؟ پانئجي ٿو تہ چورن ڪنهن وڏي گهر کي ڪاٽ هنيو آ. ڪا ڳري ٻانهن تي ڏسجي، ڪيئن؟“ مون ٺهڪ ڏنو.

علي خان اڳتي وڌي ويو. ڪنڌ ورائي مون تي هڪ نگاهہ وڌائين. سندس انهيءَ نگاهہ ۾ علي خان جي پوري قوت ۽ طاقت هئي.

مان ماٺ ڪري ڪٽ تي ويٺس. الائجي چو مون کي خيال ٿيو تہ اڄ مان بہ هنن سان وڃان ها ۽ جيڪر ڏسان ها تہ علي خان ٻانهن ڪيئن ٿو ورائي. مون ٽپ ڏئي بوٽ پاتو ۽ ٽارچ هٿ ۾ ڪنيم. لوئي ڳچي ۾ ويڙهيم. هيءُ فيصلو ڪجھ عجيب ۽ وٽندڙ لڳم. ڊڪي آيس. ڏٺم تہ سامهون اونده ۾ پنج سوار گم تي رهيا هئا. مان ست پائي ڪڙهہ مان گهوڙو آندو ۽ ڪچي ڊڳ تي ڪٺي چڙهيم.

تيڙو اجا ايا هئا. چوڏاري چيڪي متي، گاهہ ۽ وڻن جو ٿڌڙو هٻڪار هو. هلڪو ٿڌڪار وٽيو پي. مون لوئي ڪولي ٻٽ ڪٺي ٻڏي گهوڙي کي اڙي هنيم.

مون علي خان وارن کي اپري ديهہ وٽان هيٺ ٻڏي ۾ لهندي ڏٺو. ٻڏي ۾ ڪافي گهاٽو جهنگ هو.

هو ڪافي تيز وڃي رهيا هئا ۽ مان ڊپي تي هلندو رهيس.

الائجي چو مان آرام ۽ فرحت محسوس ڪري رهيو هوس. مون کي ائين لڳو تہ چوڏاري هڪ اونده آهي، جنهن ۾ زندگي جي تلاش جاري آهي. مان بہ زندگي ڳولڻ ٿو وڃان. مان بہ پيار جي ڪنهن سلسلي جي هڪ ڪڙي آهيان. ٻي ڪڙي ڳولي زنجير بنائڻ جو سعيو ٿو ڪيان. اها زنجير جا انهيءَ زندگي کي پابند ڪري. مان ائين پائڻ لڳس تي مان نوريءَ جي ڳولا ۾ آهيان ۽ ڪيس ڪٽڻ پيو وڃان. اها نوري جنهن جو نڪ ڊگهو، چپ ٿلهڙا، ڪليل روشن وڏيون ٻوانجهڙيون اکيون هيون. مون خيال ئي خيال ۾ ڪيس ڳولي ورتو، ڪيس پيار ڪيو ۽ پاڪر ۾ پري گهوڙي تي چاڙهيو، مون

پڙڪيو: ”نوري منهنجي نوري!“ هوائن جي سر سر منهنجي ڪنن ۾ سرٻاٽ ڪيو. ”عليم، مٺا عليم!“ ۽ مون گهوڙي کي اڙي هڻئين. ائين ڄڻ مان نوريءَ کي ڪنيو، پناهه لاءِ ڊوري واري جهنگ ۾ وڃان پيو. مان ڏاڍي امنگن ۽ چاهت جي چاهه سان نوري ڪنيو جهنگ اڪاري رهيو هوس.

اچانڪ مون پرسان ٺي، چند وکن تي آواز ٻڌا.

”نه ويندين، چوانءِ ٿو نه بيهه، چوانءِ ٿو!“

آواز سڃاتل هو ۽ پوءِ بندوق جي ٺڪائن جو ڌوڌاٽ هو. اپ ڏارينڌڙ ان سان گڏ هڪ هڪ درد ڀريل چيخ ٻڌم“

مون کي ائين لڳو ته منهنجي نوري گهوڙي تان رڙ ڪري، زخمي ٿي، ڪري پئي آهي. مون هيٺ نهاريو، منهنجو تصور ڦٿڪي ڦٿڪي دم ڏئي رهو هو. منهنجي نوري منهنجي آڏو مرندي، مان سوچي به نه ٿي سگهيس. مان منهنجو گهوڙو هڪ هنڌ ڄمي وياسين. خيالن مونکي عجيب ماحول بخشو.

”ٻانهون ائين ڪڄنديون آهين“

”ٻانهون ائين ڪاريون ٿينديون آهن“

”سندن ڪنوارن جذبن جو رت ائين جهنگ جي ٻوٽن کي پيارو ويندو آهي“

” پيار جو قتل ڏاڍو سولو ۽ ڏانوَ وٺان آهي.“

” جي ٻانهن زنده سلامت وري ته به ڇا. سندس هر عضوو جلايو وڃي.“

”ٻانهن — پيار - جيئرو ساهه.“

”نوري - مان — ٻانهن — جهنگ —گوليون!“

”هئي، عذاب، زندگي جو زندگي سان عجيب مذاق آهي.“

”انسان وحشي آهي. مان وحشي آهيان. پر مان انسان به نه ناهيان“

مون گهوڙي کي اڙي هڻئين ۽ عجيب جنوني ڪيفيت ۾ رڙ ڪئي:

”علي خان- اڙي علي خان، اهڙو ظالم نه ٿي، علي خان!“

جواب آيو: ”ڪهڙو؟ اتي بيهه!،

”مون ٽارچ ٻاري، منهنجي سامهون علي خان ڪنڌ جهڪايو بيٺو هو. هو سڄو پگهر ۾ وهتل هو. سندس وڏيون مڇون هيٺ لڙڪيل هيون. سندس چار ساٿي بندوقون اپيون ڪيو بيٺا هيا.

”عليم خان، اتي بيهه! هڪ همراهه ڪجهه سڃاڻي چيو.

پر مان آهستي آهستي وڌندو رهيس ۽ سندن آڏو وڃي بيٺس. مون ٽارچ جي روشني سامهون اڇلي، جيڪا وٽن جون چوٽيون روشن ڪندي هيٺ پاڙن ۾ پهتي. سامهون ڪارا ور ڦهليل هئا ۽ گورو گورو روشن منهن. پرسان ئي ڪجهه جوان اونڌو پيو هو. مون کي ائين لڳو ڄڻ منهنجي ٽارچ جي روشني انهن پاڙن جي پاتار ۾ پهچي ويئي آهي. مان گهوڙي تان ٽپ ڏئي لٿس ۽ تکو تکو لاش ڏانهن وڌيس، مون اڃان چار وکون مس کنيون ته پٺيان سيفٽي ڪيچ جو آواز ٻڌم، ائين لڳم ته مان ڪنهن بندوق جي سڌ ۾ آهيان. قدم ڪجهه ڳرا محسوس ڪيم. باقي چار وکون ميل ٿي لڳم، پر پوءِ من ۾ اڌما، تن ۾ باهه. نظريا ڦريل، ماحول تکو ۽ ڪڙو، وک پاڻمرادو تيز ٿي ويم. مان

لاشن جي مٿان پهچي چڪو هوس. مون ٽارچ لاشن جي مٿان هنئي. مان ڪجهه سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس ته پٺيان آواز ٻڌم:

"سنڀالجانءِ عليم خان، ڪمدار جاڳڻ هو."

ته — جاڳڻ- ته — علي خان جو ڳرو ۽ ڳنڀير آواز آيو. اچانڪ مون جسم ۾ چوچڙيون محسوس ڪيون. منهنجي اکين مان گرمائش پوءِ پاڻي نڪرڻ لڳو هٿ ڏڪڻ لڳم. منهنجي سامهون، روشن جاڙن پرن، ٻوانجهڙين وڏين اکين، ڊگهي نڪ ۽ ٿلهڙن چپن وارو منهن هو. مون کان بي اختيار نڪتو:

"اڙي هيءُ ته — هيءَ ته - هيءَ ته ريشان آهي. منهنجي ريشان. منهنجي نوري، منهنجي!"

هوءَ ريشان هئي، علي خان جي ڏيءَ ۽ منهنجي خيالن جي راڻي نوري، جڻ ته هن ۾ سمائجي وئي هئي. منهنجي ذهن ڪيس ريشان مڃڻ کان انڪار ڪيو. مون کي لڳو جڻ نوري پنهنجا وار کولي، تصور جي رعنائين سان پر، هيٺ زمين تي وڇائجي وئي آهي. زمين سندس جسم ۽ حسن آهي. سندس ٿلهڙن چپن تي ڦهليل رت جون لارون سندس امنگون ۽ جذبا آهن. ريشان، نوري ٻنهي مون ۾ سمائجي وئي.

ٽارچ ڏڪندڙ هٿن ۾ گهڻو وقت روشن رهي نه سگهي. ڪرندڙ ٽارچ جي جهڪي روشنيءَ ۾ مون مڙد سڃاتو، اهو چاچي جو نوڪر جاڙو هو.

منهنجي چوڌاري اها ازلي اونده هئي. جنهن مان مون جنم ورتو. جنهن ۾ اڄ ريشان دفن هئي. اونده، روشن اونده. جنهن ۾ مان علي خان جو جهڪيل ۽ جهيرون پيل منهن ڏسي رهيو هوس. وڏي ڳالهه ته مان پنهنجي نوري کي ڏسي رهيو هوس ۽ مون محسوس ڪيو ته مان پاڻ کي ڏسي رهيو آهيان. هن روشن تاريڪين جو روشن پر اونداهو پاسو.

# جهيٽي

سندم راتيون ويڳاڻيون ته نه هونديون آهن. ريحانه جي خشڪ خشڪ اکين ۾ سرن جيڏن پلڪن ۾ جڏهن به جيڪي ڳوليندو آهيان. الائجي ڇو ملي ويندو آهي. سندس هر رکي جملي جو پنهنجو مناڻ، پنهنجو چشڪو هوندو آهي. پر اها رات ئي ويڳاڻي رات هئي ۽ مان هر عذاب کان آشنا، ريحانه جي ڪنهن به تکي جملي کي برداشت نه ڪري موٽر کي ڏاڍي ڏکي نموني جا زوڪاڻ ڪيائي مين روڊ تي نڪري آيس. منهنجي اکين ۾ ڳوڙهن جا ڪي اهڃاڻ هئا ۽ سندم نراڙ تي هزارن جي تعداد ۾ گهنجن جي عجيب ڪائنات هئي. منهنجي هر خار واري جذبي منهنجي جسم ۾ ڪا نئين لهر ۽ نئين تيزي پيدا تي ڪئي. اسپيڊو ميٽر جو ڪانٽو به انهيءَ جنبش، انهي رفتار ۽ انهيءَ ئي تيزي سان وڌندو تي رهيو.

منهنجي پگهريل، سرخ ڪنن واري منهن تي ڪي ٿڌا، ڪي روشني وارا مختلف پاڇا پي پيا. مان ريحانه جي هر انهيءَ جذبي سان نفرت ڪري رهيو هوس. ريحانه جنهن سان زندگيءَ ۾ شايد مون ئي پيار ڪيو. ريحانه منهنجو ڀيريون پيار هئي. مان سندس ڀيريون پيار هوس. مان، جنهن سندس هر بيرخي کي ادا سمجهي زندگيءَ جون ڪيئي بهارون، ڪيئي گرميون ۽ ڪيئي سرديون لٽاڙيندو هليو ويو هوس. اڄ — اڄ — منهنجون اکيون رت چڏڻ لڳيون. هوءَ مان ڪجهه سوچي نه ٿي سگهيس. مون سوچڻ چاهيو ۽ سوچ ۾ ريحانه مون کي ڏوهدار لڳي. بدصورت پيانڪ لڳي. سندس من موهيندڙ منهن ڪاراڃي ويو هو. مونکي سندس هر وٽندڙ چرپر. اڻ سهائيندڙ پئي لڳي. مون آهستگيءَ سان ڪجهه ڏسڻ چاهيو. سامهون ڦهليل ڏامر جو رستو. ان رستي تي ڪٿي تارن وانگر ڦهليل چمڪندڙ پٿريون. مون ان آسمان تي ريحانه ڏٺي ۽ موٽر ۾ لوڏا ڪاڏا، آهستي ٿي، وري وڌي، رڪجي وري وک کنيائين ۽ پوءِ ائين سرد تي وئي جڻ سندس هن رستي سان ڪا سڃاڻپ نه هئي. مون سيلف هنيو ۽ هٽندي هٽندي نگاهه بورڊ تي پيئي. پيٽرول جي ٽانڪي وارو ڪانٽو ستل هو. ڪيس ستل ڏسي منهنجي ساهي ڪنيل ذهن ۾ ڪاوڙ چڙ. تيزي الائجي ڇا جا طوفان اٿيا ۽ مون اسٽيرنگ تي مڪ هنئي. آواز ٿيو، ڏک لڳو، مان وڃي ٻئي من ٽيس ۽ افسوس ۽ پڇتاءَ جي جذبن جو پاسو ورتم. چيڙي ڪري در کولي لهي بيٺس. چوڌاري اونداهي جو راڄ هو. مان شهر کان تمام گهڻو پري ڪنهن اهڙي هنڌ هوس، جتي مون اڪيلي کي رات گذارڻي هئي.

ان مهل مون کي پاڻ تي رحم آيو. مان ويڳاڻن وانگر اوندهه ۾ نظرن جو جار اڇلايو. مون پري کان نظر ايندڙ ٻاڙهي بتي کي جهٽي ورتو. اها ڪا معمولي اسٽيشن هئي. مون گاڏي لاڪ ڪيئي ۽ وک وڌايم. پر اچانڪ منهنجي اکين ۾ روشنيءَ جا ڪرٽا پهتا مون سڃاڻپءَ سان ان طرف نهاريو. ٽرڪ ڪڙ ڪڙ ڪندي هلي وئي، نه بيٺي ۽ پوءِ ٻه ٽرڪون ٻيون آوازن جا انبار اڇلائينديون مون کي ڪجهه نه سمجهي، وڌي ويون.

مان ڪا گهڙي موٽر وٽ بيهي، پوءِ اسٽيسن ڏانهن رخ ڪيم. پر منهنجي بوٽن جي آواز سان گڏ ڪي آواز اڇڻ لڳا. ٻالهائڻ جو آواز اوندهه انڌڪار کي چيريندو منهنجي من ۾ روشني ڦهلائيندو ويو. مان هڪ هنڌ ڄمي بيهي رهيس. ڪجهه دير کان پوءِ اوندهه ۾ پيريل اونداهه جا به

مجسما اوري آيا. هڪ سڌو سنواتو پيپل مڙه هو ۽ ٻي ننڍي قد جي پيلياٽي هئي، جنهن جي هنج تي هڪ ٻار هو. مون هنن ڏانهن نهاريو ۽ هنن مون ڏانهن. ڪا گهڙي هو مونکي ڏسندا رهيا ۽ مان ڪجهه جاچيندو رهيس. پوءِ يڪدم موٽر ڏي وڌيس، هو وڌندا آيا.

”سائين موٽر خراب ٿي آهيس“

”هون“.

مون وڌيڪ ڪجهه نه ڳالهائي گاڏي جي ڊڪي کولي پيٽرول جو ڊٻو ڪڍيو ۽ ڪار جي اندرين روشنيءَ تي پرس مان ڏهين ڏهين جا نوٽ ڪڍيم. هو ڏاڍي تيز نظرن سان ٻنهيءَ ۾ پيل نوٽن جي ٿهي کي ڏسي رهيو هو. سندس اکين ۾ هلڪي چمڪ ڏسي منهنجي جسم ۾ تڏي لهر گهمي وئي. پر پوءِ پنيان بيٺل زال ڏي ۽ ٻار ڏي نهاريم. ڪجهه ڏڍ آيم. پاڻ کي اڪيلو نه سمجهڻ لڳس.

”توهين ڪير آهيو“

”سائين اسين پيپل آهيون، پورهيو، ڪيون ٿا، دادو کان آياسين ٿي، ٽڪس نه هو، بابوءَ هن ٽيشن تي لاهي ڇڏيو هاڻي اڳيان ڪنهن وستيءَ وڃون ٿا.“

”چڱو هاڻ ٻڌ، اندازي تي ڪجهه ميل پري پيٽرول پمپ آهي. تون هتان وڃ جي ڪا ٽرڪ ملي وڃي ته بهتر، نه ته پنڌ سٽ. خرچي گهٽي ملندوءِ پرواهه نه ڪر ۽ ها، مان توهان سڀني کي اڳين وستيءَ تائين پڻ پهچائيندس.“

مون ڏٺو ته پهريائين هن کي ڪا ڳالهه چڱي نه لڳي هئي، پر پوئين ڳالهه ڪيس ڪڙو ڪري وڌو هو ۽ هو سڌو تي بيٺو سندس هڪ هٿ ۾ ڊٻو ۽ پئسا هئا، هو رستي ڏي وڌيو ۽ موٽي آيو. سندس زال ٻار کي جهليو ڏانهس نهاري رهي هئي، هن آهستگيءَ سان ڪجهه پٽڪيو ۽ ٻار کي ٿڦڙي هنئي: مان ڇيجي وٺي اچان هو- هانء — هانء.“

هو اڳتي وڃي بيهي رهيو. سامهون هڪ ٽرڪ اچي رهي هئي. ٽرڪ واري سندس هٿ ۾ ڊٻو ڏسي ڪيس مستري سمجهيو ۽ ٽرڪ جهلي مون وڌي ٽرڪ واري کي ٻه روپيا ڏنا ۽ ٽرڪ واري ڏاڍيان چيو: ”پرواهه نه ڪري واجا، اپي ۾ ٿو واپس ڪرانس.“

ٽرڪ جي ڪڙ ڪڙ تي ننڍڙو هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو ۽ روئڻ لڳو ۽ ڏٺم ته سندس ماءُ اتي جو اتي ڇاتي ڪڍي سندس منهن ۾ ڏني. اونده جي راڄ ۾ مان ٻه پاڇا پاڻ ۾ گم ڏسي رهيو هوس. پيار، مک، ممتا، محبت. مون وڌي موٽر جو در کولو ۽ اسٽيرنگ تي ويهي رهيس. موٽر جي اندرين روشنيءَ ڪجه اونده کي چيريو ۽ ڏٺم ته اهو پاڇو پاڻ ۾ پاڻ سمائي رڙهي آيو. جهي روشني تي مون ڏانهنس دريءَ مان ڏٺو. ڪجهه عجيب ڪجهه وڻندڙ ڪجهه نواڻ ڪجهه مناڻ. مون ڪنڌ ڏوٽي اسٽيرنگ کي ڦيرايو. اهو ڦري وري هڪ هنڌ بيهي رهيو. مون موٽر جو در کوليو ۽ هوءَ چپ چاپ پنئين سيٽ تي ويهي رهي. ڪنڌ ورائي نهاريم هن جهڪي روشني ۾ سندس جهڪو رنگ ڪجهه وڌيم. هوءَ ٻار ڏانهن، ڇاتي ڏانهن ۽ انهي سرور ۾ گم هئي. جنهن سان سندس ابدي ناتو هو. مون جهڪي روشني ۾ سندس چهرو پڙهيو. سندس جهڪي سانوري منهن تي جهڪيون ڏينيوڙيون چمڪي رهيون هيون. مٽيءَ جي انيڪ تهن سندن وارن کي منجهائي ڄار ٺاهي ڇڏيو هو. سندس مرڪندڙ پيشاني، مرڪندڙ اکين، مرڪندڙ چپن ۽ مرڪندڙ جسم ۾ اونها گهاءَ سمايل هئا.

مان ڪا گهڙي برف مثل ڄميو رهيس ۽ پوءَ ڇپ ڪي آلو ڪيم. گرم ٻاڦ وارن اکرن سان چيم: ” تنهنجو نالو ڇا آهي.؟“

هن مون ڏي نهاريو ۽ مرڪي ورائيائين: ”جهيڻي“

”جهيڻي بس“

”ها، جهيڻي بس“

هوءَ مرڪندي رهي ۽ مان پگهر ۾ ٻڏل ڪجھ سوچيندو رهيس. جهيڻي ڪيڏي نہ وڻندڙ آهي. چلڪندڙ مک ۽ جسم واري سانوري جهڪي، سانوري جيهڻي. مون نهاريو تہ نگاھ وڏيڪ تيزيءَ سان جهيڻي ۾ پيهجي ويئي. جهيڻي شرمائي چمڪندڙ ڇاتي لڪائي ۽ ٻار کي کڏائڻ لڳي.

”هي موٽر ڏس، سائين جي موٽر، توکي موٽر کپي، سائين کي چئہ تہ اها موٽر توئي ڏي، تون وڏو سائين ٿيندين. ها ها“

هوءِ کڙکندي کلندي رهي. سندس هر مرڪ، هر ادا مون ۾ پيهجي ويئي، مون ريحانہ جو لباس لاهي ڦٽو ڪيو. ريحانہ جنهن ڪنهن ڇوڪري سان پيار ڪيو هو. هن پيار ڪري پنهنجو خلوص وڃائي ڇڏيو هو. اسڪول ۾ پڙهندي جي سندس پيار ٿيو هو تہ وڏي هوندي مون سان ڇو پيار جو ناٽڪ رچايائين.“ ”فريبي، ڍونگي“ مون جهيڻي ڏانهن ڏٺو ۽ مون کي خيال آيو تہ مان جهيڻي کي حاصل ڪندس، جهيڻي منهنجي ٻڌبي، جيهڻي کي خيال آيو تہ مان جهيڻي کي چوندس تہ - ۽ مون جهيڻي جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو هوءَ نهاري کلڻ لڳي ۽ مون سندس هٿ چميو هن ويجهو اچي پيار مان چيو، ” سائين“

مان پيار ۾ پرجي ويس، ڏانهس نهاريم هن ٻار هنج ۾ ڏنو مٽي ۽ پگهر ۾ ڇيڙهالو ٻار ڏاڍو وڻيم. مان ٻارن جو عاشق، مون ٻار کي منيون ڏيڻ شروع ڪيون ۽ ريحانہ سان نفرت ٿيڻ لڳم. جيڪا صرف ڪوڙي پيار جو چار اٺڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ ڪري سگهي هئي.

مون جهيڻي ڏي ڏٺو، هوءَ مون ڏي پيار سان ڏسي رهي هئي. مون کي پروسو ٿيڻ لڳو. اچانڪ جيهڻي چيو. ”سائين، توکي هيءُ وٽي ٿو.“

”ها جهيڻي“

”ٻلا مان.“

”تون بہ جهيڻي“ هوءَ شرمائجي ويئي ۽ پوءِ ٽپ ڏئي سيٽ تي آڏو اچي ويٺي. بي اختيار ٻار وٽي هن کي منيون ڏيڻ لڳي. سندس جسم جو هڳاءَ مون کي جهورڻ لڳو.

”منو، سائين کي تون بہ وڻين ٿو. مان بہ وڻان ٿي. هاڻي اسان کي موٽر ۾ وٺي هلندو پري پري.“

هو ڳنڀير ٿي وئي، هن ٻار کي پنهنجي سيٽ تي سمهاري مون ڏانهن نهاريو. سندس نگاھ ڪجھ عجيب ۽ وڻندڙ هئي. سندس نگاھ ۾ اها هلڪي مرڪ يا اڇاترو پيار نہ هو. سندس نظر پيار ۾ پريل ۽ سوچ ۾ ٻڏل هئي. مون هٿ وڌائي سندس ڳل تي چمڪندڙ ڏينيوڙي کي ڇهيو. هن هٿ وٺي چميو. مون سرور ۾ ٻڏل آواز ڪڍيو.“ جهيڻي واقعي تون مون سان هلندينءَ! تون منهنجي ٿي ويندينءَ!“

”هاسائين، جي تون ٻڌائيندين.“

هوءَ منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ لاڙي پئجي رهي. سندس اکين ڪي پيار ڪيم. سندس اکين ۾ جهيٽا ديپ ٻري اٿيا. ڏينيوڙين ڪي ڏنگيم ته زهر امرت ٿي پيو. سندس هر رخ من موهيندڙ ۽ سندس هر ادا، دل کسيندڙ هئي. مون وري پڇڪيو. ”جهيٽي! منهنجي جهيٽي!“

”مان تنهنجي ٿي ويندي سائين، مان ماٽڪ کي ڇڏي ڏينديس. تون مون ڪي ڪٿي هل سائين.“

منهنجي دماغ هر اسڪيم سوچي ورتي. مون ماٽڪ کان جند ڇڏائڻ جو ترڪيبون سوچي ورتيون. مون جهيٽي جي وارن جون چيڙهاليون ڇڳون سنواريندي، سڀ مسئلا سلجهائي ورتا. مون آهستي آهستي جهيٽي کي سيٽ تي ڇڏيو ۽ پنتي نهاريو. سامهون افق تي روشني، نئون صبح هو. منهنجو نئون صبح. مون پٽڪيل جو پهريون سهارو، پهريون ڪرڻو صبح ويجهو ايندو ويو ۽ روشني نزديڪ اچي وئي ان سان گڏ زندگي سان ڀرپور آواز ۽ زندگي منهنجي پر ۾ اچي بيٺي. ماٽڪ پيٽرول وٺي آيو هو ۽ ترڪ مان لٿو. ماٽڪ جي وڏي کهاڻي کي ڇڏي. مان هرڪا کهاڻي جهيٽي ۾ ڳوليندو رهيس. پر جهيٽي اچانڪ ٽپ ڏيئي پنهنجي ٻار کي کنيو ”منو، بابا اچي ويو، منو، بابا اچي ويو“ ۽ وڏي ماٽڪ وٽ وڃي بيٺي. مون ڏٺو ته ماٽڪ ڪجهه بي رخائي ڏيکاري ۽ منهنجي خوشامد ڪرڻ ۾ لڳو رهيو.

”بابو صاحب، پيٽرول آڻڻ چرچي جهڙو ڪم نه هو. پيٽرول پمپ پنج ميل پري هو. پمپ وارا پيٽرول نه پيا ڏين. پر ماٽڪ، جي آڏو.“

هو چوندو رهيو مان جهيٽي کي تڪيندو رهيس. جا وري مون وٽ اچي وئي هئي، هوءَ مرڪي رهي هئي. هوءَ مون سان لڳي بيهي رهي، پرمون محسوس ڪيو ته جهيٽي ڪجهه جهيٽي هئي. سندس هر ڪنهن ڳالهه ۾ هٽڪ هئي. مون پنهنجي شڪ تي مرڪي ڏٺو. هڪ محبوبه ڪيئن پنهجي پريمي سان پنهنجي مڙس جي سامهون ملي سگهي ٿي. اچانڪ منهنجي اکين آڏو ريحانه اچي وئي. پر هوءَ ته شاديءَ کان اڳ پيار ڪري چڪي هئي. هن جو پيار ابتدائي پيار هو. جنهن هن کي سڀ ڪجهه بخشيو. مون ڪنڌ ڌوڻيو، هڪ غريب ڪوجهي ڪاري، پر معصوم منهنجي ڪري پنهنجو گهر ٻار ڇڏي رهي آهي. پنهنجي ٺهيل ٺڪيل زندگي کي ڇڏي رهي آهي. هوءَ ڪنهن جي زندگي بگاڙڻ وڃي رهي آهي. هوءَ ته منهنجي زندگي ٻڌائيندي. منهنجي گهر جي اڱڻ جو وٽندڙ رخ هوندي. ان رخ جا سوين رخ هوندا. مان موهت ٿيندو ويس ۽ مستيءَ ۾ جڏهن موٽر کي سٽ تي پهچايم تڏهن ڪنهن جو نازڪ هٿ پنهنجي هٿ تي محسوس ڪيم. ”سائين، آهستي“

جهيٽي جو آواز ڪيڏو نه وٽندڙ هو. مان سندس آواز ۾ تڙڳندو ترندو ڪنهن دنيا ۾ پهچڻ لاءِ واجهائيندو رهيس. اچانڪ ماٽڪ جو سرٻات جهڙو آواز ٻڌم، جو ٻئي پنيان ويٺل هئا.

”سائين توکي گهڻو ڏنو؟ “

”ڪجهه به نه!“

”ائين ڪيئن هوندو، تو سائين کي ناراض ڪيو چا“

سندس آواز ۾ گونج هئي ۽ مون پنهنجي موٽر لڏندي محسوس ڪئي.

”تون پرواهه نه ڪر، سائين پنهنجو آهي. سمجهيئه“

منهنجي دماغ وٽان هڪ لهر نڪتي جا هيٺ پٽيءَ جي ڪنڌي وٽ ٺڪاءَ ڏيئي ڦاٽي پئي ۽ منهنجا پير پيڙا وچان مٿي ڪچي ويا ۽ تيز آواز ٿيو. موٽر هڪ هنڌ بيهي ويئي."

"سائين ڇا ٿيو. سائين، او سائين!"

جهيٽي جوهر اڪر مو بڙچي جو ڦر محسوس ڪيو ۽ جڏهن سندس وڏيل هٿ مون تائين پهتو ته مان اونهي پاتار ۾ پهچي چڪو هوس. مون دانهن ڪري ڪجهه چوڻ چاهيو پر آواز سرباٽ جهڙو نڪتو. "جهيٽي، توهان ٻئي لهي وڃو. مان چوان ٿو لهي وڃو."

مان اسٽيرنگ تي جهڪي پئجي رهيس.

مون سامهون نهاريو. اونداهه ۾ اهي ٻه پاڇا. اوندهه جو خمير. اونداهه ۾ گم ٿي رهيا هئا.

مان پاڻ اوندهه جو هڪ حصو بڻجي، اونداهين جا اڻڪٽ فاصلا لتاڙي، اونداهين جي پاتار ۾ پيهجي ويو هوس. سهارو ڪپي وري هڪ سهارو.

مون جهيٽي کي ڏٺو. جنهن سان جنهن گهڙي پيار ڪيم ان گهڙي پاڻ ڏنگيم. مون پري کان ريحانه کي ڏٺو. وار ڇڙيل روح رتوڇاڻ. دانهون ڪندي آئي، معصوميت جا آلاپ الزامن جا انبار. مان بيهي نه سگهيس. مان بنهه بيهي نه سگهيس. مون پاڻ کي ڏوهاري سمجهيو. مون اها تصوير پيچي پورا ڪئي، جنهن ۾ ريحانه ۽ سندس ننڍپڻ جو ساٿي انور لهندڙ سج آڏو واريءَ جا گهر ٺاهي رهيا هئا. مون سچو اوندهه جو سناءُ ڍهندو محسوس ڪيو ۽ ان سان گڏ مون پاڻ کي ڍٺل ڍٺل محسوس ڪيو. احساس کان خالي مان ريحانه جي گود ۾ ڪري پيس. ائين جيئن هڪ ٻار خطا کان پوءِ روئندو روئندو ماءُ جي گود ۾ هليو ويندو آهي. ريحانه جا هٿ منهنجي اٽين اجڙيل وارن کي زندگيءَ جون لوليون ڏيندا رهيا. ايستائين جيستائين مون وٽ پنهنجا جذبا. پنهنجو روح ڪنبندو موٽي نه آيو.

❊

# ست پٽيتي

رب ڏني پهريائين ته واهولو هيٺ رکيو ان سان گڏ اوزارن جي ٿيلهي کي اڇلايائين ۽ ڪٽ تي پاڻ ڪٽي ڇڏيائين. هڪ وڏو ٿڌو ساهه پري جيئن ئي پاسو ورائڻ جي ڪيائين تيئن هڪ آواز ٿيو. ”زڙاب“ بيو جهبڪ وسيو. ”زڙاپ“ هو دانهن ڪري اٿيو تيئن تيون وسيو، هن جيئن ئي ڇهبڪ جي ڏوري کي پڪڙڻ جي ڪئي تيئن هڪ تير وانگر ٿهيل ڪاني اچي سندس نرڙ تي ٺڪاءُ ڪيو ۽ همراهه وڃي سنئين چوٽي ڪوڙي ۽ هن آواز ٻڌو. ”هوئي!“ ٻيو آواز ٿيو. ”هوئي!“ ائين ٽي، چار آواز ٿيا، ”هوئي“ ۽ هو واهولو ڪڍي اٿيو ۽ لوڊ ٻارن جي وٺي ٻاهر ڀڳي. هن ڏٺو ته سندس ٻن ٽن چوڪرن کي ڪاريون قاتل اکڙيون اکين تي نقاب پوشن وانگر ٻڌل هيون. هٿن ۾ ڇهبڪ هين. ڪن کي مٽي تي قاتل ٽوپلا هيا جن ۾ ڪڪڙن جا ڪنپ ٽنبيل هيا، ڳچين ۾ ڪجهيءَ ۽ نم جي چليل ٽارين مان ٺهيل ڪمانون ٽنگيل هيون. هن گهروڙي بجو ڏٺن: ”اڙي پٺهين ٻه ٽارزن هو، ماڻهين ٻه هنٽر والي هئي نه. ٽڪ اٿو ڪميٽا! اڙي جي گسايان نه ها ته اڄ مامهن ٽوپو وانگر ڪاٽو ٿيو گهمان ها.“ هن اونهين سور وچان مٽي تي هٿ هنيون ته ڏٺائين ته هٿ تي ڇگو رت جو نشان ٿي ويس. هن ڪان بي اختيار دانهن نڪري وئي.

”اڙي خون، اڙي گلوءَ ماءُ، اڙي الله ڪو سولي ڪرئي، الله توسان ۽ تنهنجي چورن سان پڇندو، الله ڪندو ته.“ ۽ ائين جوٽس اندر گهڙي آئي هٿ ۾ ڏوئي هيس ۽ الر ڪري آيس، ”بس بس، وڏيڪ چيئي ته رت سان پري ڪيندي سانءِ. منهنجي اولاد کي تون چا، ڪو به ماءُ جو جائو ناهي، جو ڪجهه چوي ته سهين. رت نه پي ڇڏيان. هليو آهي اولاد کي پٽڻ، اڙي تنهنجو چا ٿئي؟ مان گهران ڪڍي آئي هين. ائين نه!“

”پر ٻه پاڳان هيءُ جو چورن روز روز پاڙي اوڙي ٻاهه ٻاري ڏني آهي. اڄ ته مان هيون مان، ڪالهه چاڳي جي بند دوڪان ۾ ٻريل چيٽان اڇلي آيا. ذري گهٽ بچي ويو جو چيٽن دونهون ڪيو ۽ پاڳيو پهچي ويو. تنهن ڏينهن نيڪ محمد جي پٽ کي مٽي ۾ ٻرگهل وجهي ڇڏيائون. ڪنهن ڏينهن ٻڌ ته ڦاڙ وڏا اٿئون. ڪنهن ڏينهن ٻڌ ته ڪنهن شريف ماڻهوءَ جي نه ڇڏي اٿن پيڻ نه ماءُ چورن کي اسڪول ۾ ويهاريم ته ماستر کي چتو ڪري ڇڏيائون، هو هٿ ٻڌي جان ڇڏائي ويو. اڙي! تو ٻه هڪ نه ٻه، سڄيون ساريون پنج آفتون ڄڻي وڏيون آهن.“

”گلڻ جا پيءُ تون پنج ٿو چوين مان پورا ست پٽ ڄڻيندي مانءِ مان اچا تو وٽ نه آئي هيم جو پڦي زينل، الله جنت بخشيس، مرڻ گهڙيءَ تائين چوندي هيم ته پاڳل ڏس ته قدرت چا تي ڪري، اصل ست پٽيتي ٿيندي، ست پٽيتي. هينئر ٻه آهي ڪا تنهنجي مائيٽياڻي جا هيترا پٽ ڄڻي ڏيکاري!

رب ڏنو مٽي کي وٺي ويهي رهيو. هڪ مٽي وارو ڏڪ ستن پٽن جي ڌمڪي، اصل همراهه جهڪي پيو.

پلي رب ڏني چا به گهريو هجي پر رب پنهنجي ڏني مان ڪيس ست ئي پٽ ڏنا ۽ ائين پڪي زينل جنهن عمر ساري نماز نه ڇا پر شايد ڪو نيڪ ڪم ڪيو هوندو. اهڙي پهتل بي بي ٿي گذري، جنهن جي ڇوٽي ريئي مان ارڙهن آنا درست نڪتي.

پاڳل ست پٽ ڄڻي ائين ٿي سمجهيو ته سندس جهڙو پاڳوند ۽ پليرو ڌرتي تي ڪونهي. سندس گهر ۾ ڏيرياٽيون هيس. هڪ کي ته قدرت اولاد ڪو نه ڏنو ۽ ٻيءَ کي نياٽي هئي. پاڳل لاءِ ته ست پٽ پلان پلي جو ڇيهه ٿي ويو هو. سندس پير پٽ تي ڪو نه هو. جيتوڻيڪ چورن اوڙي پاڙي توڙي گهر ۾ رڻ ٻاري ڏنو هو. ڪو گهر جو پاتي نه هو جنهن کي نرڙ يا ٻت تي ڪو نشانه ڇڏيو هئائون! رب ڏني کي ايتري همت نه هئي جو چورن کي ڇئي سگهي. جي ڇيائين ته جوٽس اصل رڻ تي ٻاري ڏنس. رب ڏنو ايڏو ته بيزار هو جو ڪڏهن ڪڏهن رات جو دير سان گهر ايندو هو ۽ صبح جو سوير نڪري ويندو هو. پر جي چورن جي ويل کان بچي ويندو هو ته چورن جا ستايل، ڪم تي يا شام جو علو مواليءَ جي اوتاري تي اچي نڪرندا هيس. هيءُ يا ته اکيون ڳاڙهيون ڪري تڪيندو هون يا سلفي جا ٻه، ٽي وزم زور سان هٽي چوندو هون ”لڳي دم مٽي غم“.

نيٺ اوڙي پاڙي وارن ٻڌي ڪري سڄي ٽولي کي هڪ هڪ ڪري ڏاڍي مار ڪڍي، پاڳل جي لاءِ ته ويل هو اصل رجهي پئي. هن به رڻ ٻاري ڏنو، نه ڇڏيائين ڪو گهر جنهن ۾ وڃي گارين جا دس نه چاڙهي آئي هجي. ڳالهه نه بيني چورن هيٺو ويل ٻاري ڏنو. نيٺ ڳالهه پوليس تائين وئي ۽ پوليس هڙني چورن کي ٻڌي ويئي، الله پلو ڪري رب ڏني جو پاءُ سليمان جو، جيڪو اڳي ته رب ڏني سان گڏ ڪمائيندو هو پر ڪنهن جج صاحب جي مهربانيءَ سان هاڻ بيلف وڃي ٿيو هو. تنهن وڃي هٽي هنڌ ڪيو ۽ چورن کي ڇڏائي آيو. تيستائين ته پاڳل چڙيل ڇتن سان ڇتي ٿيو پئي آڳر ۾ گهمي ۽ اوڙي پاڙي کي گارين جو ڌوڙيو لايو ويني هئي. سليمان جيئن ستن جي ولر سان اندر گهڙيو تيئن هوءَ هڪ هڪ کي چنبڙي وئي مٺين جو وسڪارو لائي ڏنائين. پر پلا چورا شيطان جا چيلا سو اهڙي پيار مان ڇا ڄاڻن. وڃي پنهنجي بدمعاشي ۽ حرڪت بازي جي ڪرت ڪي لڳا. سليمان تڪل تڪل رنڊٽي ۾ منجي ريڙهي وڃي زال جي پر ۾ ويٺو ڪائنس نڌڙي عائشه کي وٺي مٺيون ڏيڻ لڳو. ڪيس انهيءَ مهل نياٽي تي ڏاڍو پيار آيو. هونئن به ڪيس ۽ جوٽس کي يقين هو ته عائشه سندن لاءِ پاڳوان ثابت ٿي آهي. ڇو جو جيئن ئي عائشه ڄائي ڪيس بيلفي ملي هئي جنهن ۾ هو باقي ٻن پائرن کان وڌيڪ ڪمائيندو هيو. سليمان نڌڙي عائشه سان ڳالهيون ڪندي بي اختيار ڇئي ويٺو، الله ڪنهن کي اهڙو نالائق نامراد اولاد نه ڏئي.“

پاڳل اصل ڪا رڌٽي جي ٻاهران هئي. ابا بس پوءِ وٽ ڪارا ڪبري ڪي.

”ها، ها اصل نامراد آهي ائين نه! ڇڏائي آيو آهين تنهن ڪري ٿو پٽين يا پٽيلو اولاد ڪونهي، تنهن ڪري ٿو سڙين. مان به چوندس ته:”الله به ڪنهن کي پٽيلي اولاد کان محروم نه ڪري. اونهن، جوٺهين ڄڻي به نياٽي ڏني اتئي نه هيو ڇا.“

سليمان هونئن به وڏي پاجائي کي ڏاڍي عزت ڏيندو هو. ڇپ چاپ عائشه کي مٽي ڏئي تڪو ٻاهر نڪري ويو. در وٽ ئي پلو ڪاسائي مليس ڏاڍو گهبرايل هو.

”سليمان پاڻين رب ڏني جي حالت ڏاڍي خراب ٿي ويئي اٿئي. سڀ موالي ڀڄي ويا آهن. مان به ويو هوس پنهنجي ڇوري کي ڳولڻ. هنڌ ئي موالڪي ڏنڏي تي هربو آهي. سو ڏٺم ته هو گش لڳو پيو هو. پاڻيان ٿو.........“

سليمان وڏيڪ نه ٻڌو وٺي ڀڳو. پر پلو ڪاسائي جيڪي پانيو سو سچ نڪتو ۽ رب ڏنو وڃي پنهنجي رب کي پرتو هو. پاڳل ٿي جڻ جيل ڪري پيو. روئندي روئندي جڏهن بي حال ٿيندي هئي ته ڪو چوندو هيس. ”اڙي امان رب جي شئي هئي وڃي رب کي پرتي هاڻي تون پنهنجي ٻچن جو خيال ڪر. الله بخشي بچائي ڏئي، ست پٽيتي آهين.“

سندس روئڻ بند ٿي ويندو هو. ائين ڪو ٻيو چوندو هيس. ”امان! رڳو پنهنجي روزگار سان لڳن ته تنهنجا سڀ ڏک دور ٿي ويندا شال ڏٺي سڀ کي پٽيتو ڪري ستن پٽن هوندي به تون ٿي غمگين ٿين؟“ پاڻ سندس ڪر مٿي ٿي ويندو هو. بي اختيار سندس نگاهه ميرن گدلن پٽن ڏي ڪڇي ويندي هئي. جيڪي اڱڻ ۾ پيا ليٽڙيون پائيندا هئا پر ڪيس ڏوتل پوتل فرشتن مثل نظر ايندا هئا. پر چوندا آهن ته شيطان فرشتو هو پر پوءِ جڏهن شيطان ٿيو ته سيني ڪائنس ئي پناهه گهري سو هنن شيطانن کان سڀ پناهه گهرندا هئا. جيتوڻيڪ سليمان پاءُ جي مرڻ کان پوءِ سڀ ڪجهه ڏيندو ڪندو هئن پر ڇورا هئا ڪريل تن نه رڳو پيءُ پٽايو پر ماءُ لاءِ به هڪ وڏو عذاب هيا. جيئن جيئن وڏا ٿيندا ويا تيئن تيئن جوا، داداگيري ۽ ڳنڍ ڪپڻ سندن معمول ٿيندا ويا. سليمان کي خبر هئي پر هو اصل هنن سان مٿو ماري نه ڪندو هيو. پري پري هجڻ ڪري ڇورا هن کان ڪن به هٽندا هيا ۽ سندس ويجهو نه ويندا هئا. ٻه ٽي ڇٽا ماءُ کي ڪڏهن بدمعاش گيري جو پيسو ڏيندا هئا ته ٻه ڇٽا ماءُ کان اهو ته ٿهيو پر ٻيو به ڦريو ويندا هئا پر سندن ماءُ وڏا ڏيل ڏسيو، چنڊيل ڦوڪيل شڪلين کي ڏسيو پئي ٺرندي هئي. وڏي ڇوري علوءَ کي تڪي چوندي هئي: ”ملوڪ آهي ملوڪ مان جهڙي تهڙي ته نه ڪنئي نه!“

سندس اشارو گهٽو ڪري عائشه ڏي هوندو هيو. عائشه شڪل جي ايڏي سهڻي ته نه هئي پر هڪڙي ڪشش سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ اٿي ويٺي ۾ اهڙي هئي جو جيڪو ساڻس ڳالهائيندو هو ته دل هرڪندي هئي ته اجا جيڪر ساڻس ڳالهائي. ڪٽڪ رنگو گول پريل منهن، سنهڙا چپڙا، چمڪندڙ جڙيل ڏند، مرڪندي ته جڻ سمجهبو ته سڀ جو منهن کليو آهي.

وڏي ڳالهه ته عائشا هٿن جي به سڄي هئي. سڄي گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ، ماني پچائڻ گهٽو ٽٽو عائشه ڪندي هئي. ان سان گڏ پيرت ٽوپي ۾ به پڙ هئي. پر اهي سڀ ڳالهيون پاڳل لاءِ ڪا به حيثيت نه رکنديون هيون. هوءَ پنهنجي پٽن جي عشق ۾ غلطان هئي ۽ ستن پٽن جڻڻ تي ايترو ته نازان هئي جو ڪڏهن ڪا گهرجائو مائي يا فقيرياڻي در تي اچيو سين هٽندي هئي: ”او ست پٽيتي الله پلو ڪندءِ الله انهن ۾ به گنج وجهندءِ“ ته هوءَ ٿانءُ ۾ پرچي ويندي هئي. ڏاڍي لوڏ سان اٽي ڪين خيرات ڏيندي هئي. سندس هلڻ ۾ اهو فخر هوندو هو جو گهر جو هر فرد محسوس ڪندو هيو پر چپ رهندو هو.

سندس فخر ته انهي ڏينهن ئي ٽٽي پيو هو جنهن ڏينهن سندس ٻئي نمبر نينگر ڪيس پيسن تان اچي ڪٽيو هو. گار گند ته عادت هين پر انهي ڏينهن اهو حجاب ٽٽي پين. ڇوري اصل هٽي مائي پاڳي جا هڏ گڏ ڀڃي رکيا. سڄي رات ڪنجهندي رهي. عائشا لپري ٿاهي ٽڪور ڪيس

تڏهن وجي آرام آيس. صبح جو وي ساڳيا لاٿون ساڳيا چگهه. اها ئي گهور پئي وجين. پر هيڏانهن به بند پڳو هو سو ٻئي ٽئين ڏينهن پاڳل پئي ڪتبي هئي. ڪڏهن پنڙن ڦرڻ تان، ڪڏهن چوڙين ڦرڻ تان، ڪڏهن ڏوڪڙن تان. بس ٻئي ٽئي ڏينهن ڦهڪو پيو پوندو هيو. پر ڪڏهن سندس هٿ اولاد تي نه وريو ۽ ائين ڪتبي هئي ۽ عائشه جنهن ڏينهن رات سندس خدمت پئي ڪئي مورڳون ڪنهن چوري پچيس به نه. پاڳل ڪنجهندي ڪڏهن ڪڏهن ايترو پڇندي هئي، "امان چورا آيا؟" "ها چاچي تي ته آيا آهن."

يا پڇنديس "امان ماني ڳتئون"

"ها چاچي ڏني اٿمان!"

بيماري ڪيس اصل پهچائي ڇڏيو هيو پر انهيءَ حالت ۾ به هوءَ ڪي ڪلاڪ سوچيندي رهند هئي. چٽ جي پٽين ڏي نهاري تڏا ساهه پربندي هئي يا عائشا ڏي نهاري سندس متي تي پاٻوهه پريو هتڙو گهمائيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن اکين ۾ پاڻي پرجي ايندو هيس. زبان سان ڪڏهن ڪو نه چيائين پر عائشا سندس اکين ۾ ڏک جو اهو انبوهه ۽ ميڙاڪو متل ڏسندي هئي جو انهي ڪي اڱريون وجهي سيرون ڪڍندي هئي. عائشا سندس ڏک ڄاتو ٿي. عائشا جو پيءُ ماءُ پاڳل ڪي پڇڻ ايندا هيا ته هوءَ منهن ڪٽي لڪائيندي هئي. اوڙو پاڙو پڇڻ ايندو هيو ته سندس نظرون تڪڙو تڪڙو ڪجهه ڳوليندون هيون. عائشا ڄاتو ٿي ته هوءَ فرشتن ڪي ڳولي ٿي، پنهجن ٻچن لاءِ اوجهائي ٿي، پر واري ڪمري ۾ گوڙ ڪندا هيا ته سندس ڪن ڪڙا تي ويندا هيا، پر هو ڪڏهن لڙي ڏانهس سندس ڪمري ۾ نه آيا. وٽس هاٽي رهيو به ڇا هو ڪڏهن پاڳل سوچيندي هئي. "اهي ٽريا پلا آهن!" پر ماءُ جي دل! سندس دل اهو ضرور گهرندي هئي ته مرڻ کان اڳ ڪين ڏسان ضرور ۽ ڪا منڍ ڏيان. وري سندس دل چوندي هئي ته اهڙن نالائقن کان بس پلي.

اها رات به عجيب هئي جڏهن عائشا ڪيس ڪير پياري زور به ڏنا ۽ گهڏندي سندس پاسي کان آهلي پئي. هوءَ سندس متي تي پيار سان هٿ گهمائي رهي هئي. ائين چرڙات سان آهستي در کليو، هن جو هٿ بيهي ويو. هن سڃاتو ته سندس وڏو پٽ علو هو. سندس دل ٺڪاءُ ڇڏڻ لڳي. ڪيس محسوس ٿيڻ لڳو ته پاڻ پليل هئي. نيٺ ته وڏو پٽ آهي، ڪيس ڏسڻ آيو آهي. شايد بخشرائڻ آيو آهي. ائين علو اچي سندس پاسي ۾ بيٺو منجهائنس شراب جي سخت ڏپ اچي رهي هئي. چپ ڪيو پئي هئي. ڪا گهڙي خاموشي رهي ۽ جيئن ئي هن جي هٿ ڪي چڪ آئي هن اکيون کٽي کوليون. هن لالٽين جي جهيٽي روشني تي ڏٺو ته سندس علو جا هٿ عائشا ڪي تڪي توري رهيا هيا ۽ ائين عائشا جاڳي ڪنڌ متي ڪنيو، هو دانهن ڪرڻ واري هئي يڪدم علوءَ سندس وات تي هٿ رکي ڪيس سٽ ڏني ۽ ٻيءَ گهڙيءَ عائشا سندس ڪنڌ تي هئي. "گهٽا ڏانهن مون کان تي پڳين ۽ اچيو هتي لڪين پر نيٺ اڄ هٿ ڪيو اٿمانءِ هاڻ نه ڇڏيندوسانءِ. وڏي هلي آهي پاڪباز!"

هو جيئن ئي اڳتي هليو ته سندس قدم ٿڙيا پر هو ڪمري جي چائنٽ ٽپي نه سگهيو. پاڳل جي هٿن ۾ ڏاڍي طاقت هئي، هوءَ تاندن ڪٽڻ واري چمتي سان سندس متي ڪي ائين ڪٽي رهي هئي جڻ ڪپڙا تي وڍيائين. سندس تڪڙن ڏکن ڪري علو ڪنڌ ورائي نه سگهيو ۽ عائشا ڪي ڦٽو ڪري. جيئن ئي ڪنڌ ورايائين تيئن منهن وارا ٻيا ڏک وهائي ڪڍيائينس. رت هو جو ٿينديون ڪيو پي وهيو ۽ علو اتي ئي جهڪي ويهي رهيو. پاڳل ايستائين بس نه ڪئي، جيستائين عائشا

تپ ڏئي اچي ڪيس نہ جھليو. عائشا ڪيس گھلي اچي ليٽايو. هوءَ عائشا جي ڀاڪر ۾ روئي رهي هئي. ”اڙي رب ڪندو تہ ڇورا.....“

عائشا سندس وات تي هٿ ڏيئي ڪيس جھلڻ واري هئي تہ اولاد ڪي نہ پٽي پر سندس هٿ اتي بيهي ويو. ڀاڳل جو وات اتي ئي بند ٿي ويو هو. هميشہ لاءِ عائشہ هنج ۾ منهن وجھي روئڻ لڳي.

❇

# جنت

جنت کي مون جڏهن ٻيهريون دفعو ڏٺو، تڏهن آءُ ڪافي ننڍو هوس. ٻاراڻي وهي، ڀچا جي عادت گهڻي، سهڻي سيبتي گڏيءَ جهڙي مومل جا گهر ۾ ڏٺم ته امڙ کان پڇيم، "امان هيءَ ڪير آهي؟"

"تون ڪونہ ٿو سڃاڻينس! ادي دين محمد جي نياڻي آهي، هاڻي اچي اسان جي پاڙي ۾ وينا آهن. اديءَ سان مل نہ !"

مان هن جي منهن ڏانهن ڏٺو. ٻہ وڏيون تکيون اکيون چمڪيون پئي. سندس ڳاڙهن چپن تي مرڪ هئي. مرڪندي سندس ڳلن وٽ هلڪا کڏ پي پيا. مان آهستي سان وڏي وجي ڀرسان ويٺس. هن مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ڀاڪر پاتو ۽ مون محسوس ڪيو تہ سندس هٿن ۾ هڪ عجيب ڇهاءُ هو. نرمائي ۽ شفقت وانگر، پر عجيب سندس ڪپڙا هئا جيڪي خوشبوءَ ۾ ٻڌل هئا. مون سندس مرڪندڙ چهري ڏانهن نهاريندي آهستگي سان چيو. "ادي، هيءُ توهان کي ڇا ٿيو آهي."

مون ائين چوندي سندس ڳلن ۾ پيل کڏن کي هٿ لاتو. پشم جهڙن ڳلن کي هٿ لائيندي مون کي تہ ڪجهہ ڪو نہ ٿيو پر هوءَ ڳاڙهي ٿي وئي ۽ کلي ويٺي. کلندي سندس ڳل وڌيڪ کڏن وارا ٿي ويا. هن کلندي امان کي چيو: "امان، توهان جو نينگر تہ ڏاڍو ڏنگو آهي."

امان کلي کڻي مات ڪئي. مان هٽي ٿورو پريرو ٿي وجي ويٺس. سندس وڏي چوٽيءَ لهرو کاڌو هوءَ اٿي ويٺي. هوءَ قد جي ڊگهي، بت جي سنهي ۽ شڪل جي سهڻي هئي. مان ان وقت ايڏي عمر جو نہ هوندي بہ سندس وڻندڙ قد بت ۽ سونهن جو مجيندڙ هوس. وڏي ٿيڻ تائين مان چوندو رهندو هوس: "جنت جهڙو سهڻو تہ ڪير ٿئي!" سندس سونهن پنهنجي وڏي ٿيڻ تائين لازوال پاتيم. مڇن جي ساول سان مون مئٽرڪ ڏني. انهيءَ وچ ۾ مون جنت جون ايتريون ڳالهيون ٻڌيون جو ڀانيم تہ واقعي هوءَ جنت آهي جنهن جي لاءِ سوين طالبو آهن. دين محمد کو اسان جي مٽي مائٽي ۾ ڪو نہ هو. پر ابي سان ڀائپي جهڙو رستو هيس. پاڙي ۾ وينو تہ ويتر ويجهو ٿي ويو. ابي ۽ دين محمد جا خيال هڪجهڙا هئا " مٽي مائٽي ڪجي تہ پنهنجن ۾ ڪجي، ڌاريا مٽ مئي جا نہ ٿيا، پوءِ پنهنجن ۾ ڪٽي ڪو لچ لوفر، چور ڌاڙيل، لولو لنگڙو يا ڀيرسن اپاهج چو نہ هجي پنهنجو وري بہ پنهنجو آهي. "ابو بہ ساڻس شامل راءِ هو. اوطاق تي هجن يا گهر، ڪو بہ ماڻهو سندن عقيدي کي لوڏي نہ سگهيو. جنت جي عمر وڏي ٿيندي وئي، پر دين محمد کي لهر نہ ڪو لوڏو. دين محمد اڪ تڏهن پٽي جڏهن بہ چار طوفان لنگهي ويا ۽ سندس جاءِ جو بنياد لڏڻ لڳو.

مون جڏهن ٻيهريون طوفان ايندي ٻڌو تڏهن ان تي يقين نہ ڪيم. پر هڪ ڏينهن ٽاڪ منجهند هئي جڏهن مان اسڪول مان موٽيس پي تہ شمي ڪتيءَ کي گنجيءَ سان پنهنجي گهر جي در وٽ ٻاهر جهاتي پائيندي ڏٺم. هن هيڏانهن هوڏانهن نهاري پڪ ڪئي پوءِ هٽي ويو. شايد مون تي نظر نہ پيس. هونئن بہ مان گهٽيءَ جي ڇيڙي تي هيس. ائين انهيءَ گهڙي هڪ مائي ڪاري برقعي سان ورڪائي نڪتي. سندس وڏي چوٽيءَ لهرو کاڌو مون سڃاڻڻ جي ڪئي. جڏهن ڀرسان اچي لنگهي تہ سندس سڃاتل خوشبوءَ تي مون کان بي اختيار نڪتو. "ادي جنت!"

جنت ڪنڌ ورائي مون ڪي ڏٺو. ڪا گهڙي هيڪي، پر پوءِ انهي طوفان سان گڏ هوا تي وئي جو سندس آنڊل هو. مون اکين سان ڏسڻ ڪانپوءِ به يقين ڪرڻ ڇڏي ڏنو. ڇاڪاڻ ته جنت، جنت هئي سندس وجود سان اسان جو سڄو پاڙو هڳايل هو. جنت جو هر هڪ عقيدتمند هو. هوءَ جتان لنگهندي هئي. اتان ڪا گهڙي واءُ به لنگهڻ بند ڪري ڇڏيندو هو. سندس ڏکهو، ور ڪاڏل بت ۽ جسم مان نڪرندڙ عجيب خوشبوءُ پوڙهن ڪي به بيهاري ڇڏيندي هئي. هوءَ سانتيڪي ماحول مان گذري ويندي هئي ۽ انهي سانت ڪانپوءِ هڪ طوفان هوندو هو. چوٻول هوندا هئا ۽ هر وات نئين ڳالهه هوندي هئي.

شمي ڪتيءَ ڪان ڦري ڳالهه اچي مامي گلو تي پئي. جو جڳ جو مامو پر دين محمد وارن جو پري جو مائٽ هو. گهر ۾ ايندي ويندي جهٽ پي هنيائين ۽ جنت جهتجي وئي. جنت الاهي راضپو آهي. جڏهن مولا طرفان حڪم ٿيو ته مامون گلو واجهجي ويو ۽ هڪ ڪاليجي نينگر تي پڪو پيو. جو جنت ڪان ننڍو هو پر جنت جو سچو عاشق هو. نظير ۽ جنت جي گهر جي پٽ هڪ هئي. نظير ڪاليج ۾ بي اي جي آخري سال ۾ پڙهندو هو. جنت ڪان ننڍو پر جنت ڪيس ڳهائي وڌو. هن جنت جا سڀ عيب اکين تي رکيا. سندس مستانو ۽ متوالو ٿيو گهمندو هو. جنت سان لڪ چوري ملي. ڪيس ڪجهه عشق جا جملا ٻڌائي، روانو تي ويندو هو ۽ جنت انهيءَ آڳ ۾ جلندي هئي جا ڪيس جنم ڪان ملي هئي. نظير جو عشق مشڪ هو ۽ چاچو دين محمد سڄاڳ تي ويو.

چاچو دين محمد جهل ئي نه ڏئي. اچي ڏنائين جنت ڪي مار. نظير پنهنجي ماءُ پيءُ ڪي سڱ لاءِ موڪيلو. انهن ڪي به بيعزتو ڪري ڪڍيائين. چي "اسين خانداني ماڻهو. ڇوڪري اسان جي پنهنجي خاندان ۾ ويندي." ائين وقت گذرندو رهيو. ڪيترائي سڱ آيا پر خاندان خاندان رهيو. جنت بندش ۾ جڪڙجي جلندي پچرندي رهي. سندس وجود پگهرندو رهيو. هڪ ڏينهن خبر پئي ته جنت ڪي جن آيو آهي. امان جن ڪيس ڏسڻ ويون. موٽڻ تي مون انتظار مان پڇيو. "امڙ. جنت ڪيئن آهي"

امان ته چپ هئي پر منهنجي ننڍي ڀيڻ پنهنجو وڏو چولو سنڀاليندي چيو، "ادا جنت مئي پئي آهي. ڪنهن ڪنهن مهل جوش چڙهيس ٿو ته وڏا آواز تي ڪڍي. چون ٿا ته جن اٿس. ملو بشن اڄ به سندس جن ڪڍڻ آيو هو."

ملو بشن روز جنت جي گهر وڃڻ لڳو. هڪ ڏينهن خبر پئي ته جنت چاڪ آهي ۽ ملو بشن روز ڪيس قرآن پڙهائڻ ۽ ديني تعليم ڏيڻ ويندو آهي. پوءِ ته جنت، ملي بشن جي گهر به وڃڻ لڳي. اچانڪ ملي بشن جو وڃڻ به بند تي ويو. چون ٿا ته ملي جي زال جا پيڪين وئي هئي، تنهن موٽي اچي مانڌاڻ وڌو هو.

مون انٽر جو امتحان ڏئي بس ڪيو هو ته ٻڌم جنت تي جن وري آيو آهي. هاڻ جن ڪنهن ڪنهن مهل اچيس ٿو ۽ باقي وقت ۾ هوءَ تعويذ لکڻ لڳي آهي. آهستي آهستي مشهور ٿيڻ لڳو ۽ جنت، بي بي جنت تي وئي. سڄو ڏينهن مائين جو ميڙو متل هوندو هو ۽ جنت انهن مائين لاءِ تعويذ لکندي هئي. ڪنهن ڪنهن مهل جن اچڻ تي حالتون بي حال تي انهن ڪي جواب به ڏيندي هئي. منهنجي رزلٽ اچا ڪانه نڪتي هئي ۽ مان اوچتو بيمار تي پيس. دوائن جو اثر نه ٿيو پر ڳري

ڪندا ٿي ويس. هڪ ڏينهن امان مون کي چيو "هل ته توکي بي بي جنت وٽ وٺي هلان ۽ ڪو نظر جو تعويذ وٺي ڏيانءِ. الله توکي صحت ڏئي. اسان کي ته ڳڻتين ۾ وجهي ڇڏيو اٿئي."

مان جڏهن جنت جي گهر پهتس ته مون اها جنت نه ڏٺي جا جنت هميشه منهنجي تصور ۾ رهي هئي. خوشبوءِ ۽ هٻڪاءُ جي ديوي، سونهن ۽ سوپيا جو مجسمو. هوءَ هڪ هڏائون پڃرو هئي. سندس لازوال سونهن ڏوپچي چڪي هئي. هوءِ هڪ ڏوتل پوتل اڇو مجسمو هئي. سندس چهري تي ڪا به اها سهڻي مرڪ نه هئي. جيڪا سندس ڳلن ۾ ڪِٻ وجهندي هئي. نه اهي چنبيلين جا چوٽا هئا جيڪي ور ڪائي ورندا هيا. سندس اڇن اجرن ڪپڙن مان ڪا به خوشبوءَ نه ٿي آئي. سندس اکيون ويران هيون.

اسان جي اندر داخل ٿيڻ تي سندس اکيون گول گول گهمڻ لڳيون. ڪا گهڙي هن مون کي تڪيو ۽ پوءِ زمين تي ليٽڻ لڳي. سندس پيريل ور وراڪا ڏيندڙ بت، اڄ هڪ ڪاٺي مثل، ڌرتي تي اٿلڻ پٿلڻ لڳو. هن ڦتڪندي عجيب آواز ڪڍيا. وينل مائيون وڏيڪ ويجهيون ٿي ويس ۽ ڪائنس ڪجهه پڇڻ لڳيون. هن ڇچريل. ڳري آواز ۾ ڪين نڪري وڃڻ لاءِ چيو. جڏهن سڀ مايون نڪري چڪيون ۽ مان ۽ امان نڪرڻ لڳاسين ته هن ست ڏئي منهنجي ٻانهن جهلي ورتي. سندس ٻانهن ۾ ڪافي زور هو. مان ڏڄي ويو هوس. منهنجي اکين ۾ هراس هو. هن جي چڪ تي مان هيٺ ويهي رهيس. هن آهستگي سان اٿي منهنجي متي تي هٿ ڦيريو ۽ سندس اکين مان پاڻي وهڻ لڳو. هوءَ سڏڪن ۾ آواز بنا خاموش ڳوڙها ڳاڙيندي رهي. هن اشاري سان امان کي پاڻي آڻڻ لاءِ چيو. جيڪا پڻ هراسيل بيٺي هئي. جنت کي ڪجهه حال ۾ ڏسي، مطمئن ٿي پاڻي ڪڻڻ ويئي. جنت چڱي طرح سنيئن سڌي ٿي ويٺي. پوءِ ست ڏئي مون کي پنهنجي ويجهو ڪيائين ۽ متي جا ڪندريل وار سنواريندي چيائين: "منو، ايترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ مون وٽ لڙئين به ڪونه"

مان خاموش رهيس، شايد هراس اڃان به هيم. هن آهستگيءَ سان منهنجو هٿ وٺي پنهنجي ڳل کي لاتو ۽ چوڻ لڳي"منو، ڏس ته سهين مون کي هٿ ڇا ٿيو آهي؟"

مون اتي ڏٺو اهي پشم جهڙا پريل ڳل نه هيا، اتي اهي ڪِٻ نه هئا جن کي مون ڏسي ڪائنس سوال ڪيو هو"ادي، هي توهان کي ڇا ٿيو آهي؟"

اڄ اتي اپريل هڏا هيا، سڪل ڪاراٽيل چپ هيا، ويران اکيون هيون. "منو ڏس ته سهين مون کي ڇا ٿيو آهي؟"

منهنجو هٿ ٿڙڪڻ لڳو. انهيءَ گهڙي سڙڻ لڳو. اتي ته باهه جا اوڙاهه هئا، شعلا هئا، ان جون چڻيون هيون، مون هٿ هٽائڻ چاهيو. هن زور سان هٿ پڪڙي چيو"نه منو ڏس اتي ڪجهه آهي، ها چئه ته اتي ڪجهه آهي"

مون آهستگي سان چيو "ها جنت اتي باهه آهي، ساڙيندڙ باهه!"

مون زور سان هٿ ڇڏايو، منهنجو هٿ سڙي چڪو هو. مون کي ائين محسوس ٿيو ته اها باهه وڌندي پئي وڃي. اها نه رڳو جنت کي ساڙي رهي آهي پر سڄي خاندان ۽ خانداني گهر کي سڙي رهي آهي. مان باهه باهه ڪندو اتان ڀڳس. منهنجو رخ گهر ڏانهن هيو، جتي منهنجي پيڻ رهندي هئي.

مون زور سان در کوليو ۽ ڊڪندو اچي پنهنجي پيڻ ڪي ٻانهن کان ورتم. ”ادي، هٿ ته ٻاهه نه پهتي آهي. تون ته ٻاهه کان بچيل آهين. هٿ ته ٻاهه ڪانهي پهتي!“

هوءَ وائڙن وانگر مون ڪي تڪڻ لڳي.

مون جنت جي گهر ڏانهن ڏٺو جتي مون ڪي ٻاهه ٿي ڏسڻ ۾ آئي. سمجهيم ٿي ته اها ٻاهه اسان جي گهر کان پري ناهي ۽ اها ٻاهه هر جنت، هر نينگر ڪي ساڙي ڇڏيندي جنهن جي گهر خاندانيت، وڏائي ۽ اوچائي جو علم بلند هوندو.

❊

# احساس جي منزل

وقت جي بي آواز گهڙين کان پري، من جي مونجهه متاڻ خاطر مون آواز ڏنو آهي، ڪنهن کي ........ پريان ئي پريان، سڏيو اٿم، ڪنهن کي ............ پڪاريو اٿم ڪنهنکي؟ ڪيئن چوان ته اهو منهنجي ڏکن جي دنيا کي سهسين سک پهچائي مون لاءِ جنت جوڙيندو. مون جنت به ته ڪانه گهري هئي. مون ته دوزخ جو به تصور نه ڪيو هو......... مون ته ڪجهه به نه سو چيو هو. ڪجهه به ته نه.

مان ڪيئن چوان ته اها ڳالهه منهنجي آهي، منهنجي ذات جي آهي. منهنجي ذهن جي آهي، منهنجي روح جي آهي......... ڪئين چوان ته اهو منهنجو پنهنجو جسم آهي، جنهن مون کي ڦٽو ڪيو آهي، انهن تنهائين ۽ ويرانين ۾ جنهن ۾ پهچڻ شرط مونکي رج جو احساس ٿو ٿئي. رج به اها جنهن ۾ رج سان گڏ کي به ته ڪينهي......... نه عذاب، نه احساس، ڪجهه به ڪينهي.

اڄ جڏهن مونجهه حد کان وڌي وئي آهي. تڏهن ائين ٿو چوان ته آڪاش جا تارا يا ڌرتيءَ جا گل منهنجي نصيب کان ائين رٺل آهن. جيئن انسان کان سڪون، جيئن جسم کان ضمير، يا ذهن کان حس، مان به بي حس، بي سڪون ۽ بي ضمير ٿي چوان ٿو ته مون ڏوهه ڪيو آهي، ڪنهن سان پيار ڪيو اٿم.

ائين لڳيم ٿو ته آءُ ڪنهن جبل تي بيٺو آهيان. سامهون هڪ ڪائنات آهي، جا ڦهليل آهي، انهن احساسن کان محروم ستارن وانگي جيڪي ڪڙيا هجن، ڪنهن ڪاري چادر مٿان، ڪنهن لفظن جي مالها ٺڄڻ لاءِ، ڪنهن شاعر جي شعر جي لڙين لاءِ، ڪنهن ڏکويل جي تڏي ساهه پري مٿي نهارڻ تي تسڪين ڏيڻ لاءِ.......... ۽ مان وچائجي ويو آهيان انهي ڪائنات ۾... منهنجي پير ۾ ڪير اچي بيٺو آهي، مان سڃاڻان ٿو ته هو ڪير آهي. هوءَ روشن آهي. اها روشن جنهن سان مون ان وقت پيار ڪيو جڏهن هوءَ شادي ڪري پنهنجو گهر وسائي چڪي هئي. ائين به ناهي ته ڪو مان ساڻس اڳ ڪو نه مليو هوس. ڪيئي دفعا مليو هو مانس، ساڻس ڪلاڪن جا ڪلاڪ گهاريا هيم. مان جڏهن به هن سان ملندو هئس ته ائين محسوس ڪندو هئس ته هوءَ روشن آهي، وڏي ماڻهوءَ جي ڌيءَ آهي، هڪ بنگلي ۾ رهندي آهي. سندس بنگلو منهنجي ننڍري بنگلي جي پرسان آهي ۽ ڏاڍي تيز چوڪري آهي بس. ايترو ئي ته ڪيس ڏٺو هئم ۽ پڙهيو هئم.

ڪيس مون ڪڏهن به سنجيدو نه ڏٺو هو. هوءَ هميشه ٽڙندي ڪڙڪندي رهندي هئي. مون ساڻس ڪيئي دفعا ڳالهايو هو. هوءَ ڪيترا دفعا پنهنجي ياءُ، پيءُ يا ياجائي سان گڏ منهنجي گهر آئي هئي. يا مان ڪين گهمائڻ وٺي ويو هئس، ته به مونکي هوءَ روشن ئي نظر ائي هئي، جيڪا هميشه کلندي ۽ ڪڙڪندي رهندي هئي.

اها شام به ياد اٿم جڏهن هوءَ مون کي پنهنجي شادي جو ڪارڊ ڏيڻ آئي هئي. بي شرم به ايتري جو ڪارڊ ڏيندي چيائين:

” منهنجو گهوٽ ڏٺو اٿئي؟

“نه”

”ڇڱو اڇجانءِ تہ مان ملائيندي مانءِ ڏاڍو وڏندڙ ماڻهو آ.“

”توکي وڏندو آهي؟“

”وڏندو نہ هجي ها تہ شادي ڪيئن ڪيانس ها. ڇڱو ڇڏ انهيءَ ڳالهہ کي تون ايندين نہ؟“

”ضرور.“

”تہ پوءِ تون مونکي لائون ضرور ڏجانءِ“

”ڇو“

”بس ائين ئي. سوچيان ٿي تہ ٻہ مٺا ٽڪربا تہ کهڙو نہ مزو ٿيندو.“

مون کلي ڏنو.

”ڇري آهين ڇا، روشن؟“

”ڇرين کي سڱ ٿيندا آهن ڇا؟“

” مان ڀانيا ٿي ......... ڇڱو مان وڃان ٿي“

هوءَ ائين مستي ڪندي هلي وئي ۽ پوءِ هن جي شادي ٿي ويئي. مان هنجي گهر ڪڏهن ڪڏهن ويندو هئس. پر سگهو ئي مون کي ٻاهر وڃڻو پيو. ورهيہ لنگهي ويا. موٽيس تہ روشن بنهہ ياد ڪانہ هئم.

اچانڪ هڪ دعوت ۾ ڀريل جسم سان وڏندڙ مهاندڀو ڏٺم. سڃاڻڻ ۾ گهڻي دير ڪا نہ ٿيم، پرسان وڃي آهستي چيم:

”ڇري ڇوڪري........“

”اڙي، گل صاحب! ڏيو خبر، ڪيئن آهيو؟“

سندس لهجو جيتوڻيڪ تڪلف وارو هو. هوءَ مون ڏانهن عجيب نظرن سان گهوري رهي هئي. هوءَ جلد ئي مون سان بي تڪلف ٿي وئي. سندس گهور ۾ عجيب ڇڪ هئي. مون محسوس ڪيو تہ مون ڏانهن ڇڪجي رهي آهيءَ ڇڪ ۾ هڪ عجيب ڪيفيت ۽ سرور آهي.

جيتوڻيڪ هينئر هوءَ البيلي روشن ڪا نہ هئي. هوءَ ٻن ٻارن جي ماءُ گهر هلائڻ واري سيبتي زال هئي. پر تنهن هوندي بہ هن ۾ ايتري ڪشش ۽ جاذبيت هئي جو هوءَ بنهہ مونتي ڇانئجي وئي.

هن پنهنجي مڙس رفيق سان ملاقات ڪرائي جو پراڻي وقت کي ياد ڪندي خوش پئي ٿيو.

پوءِ تہ مون روشن سان ملڻ ڪان ڪين گهٽايو. ڪيس گهر يا ٻاهر جتي بہ ملندو هوسانس تہ هوءَ يڪدم مون ڏانهن پورو ڌيان ڏيندي هئي ۽ مون مان تہ اک ئي ڪا نہ ڪيندي هئي. مون کي ائين لڳندو هو تہ سندس اکين جو خمار ۽ ڇهري تي ڳاڙهاڻ ڪيس بنهہ ٻي روشن بنائي ٿا ڇڏين.

پوءِ هوءَ تڪڙو تڪڙو منهجي ويجهو ايندي ويئي. مان ڪيس گهمائڻ وٺي ويندو هيس. سندس اکيون خماريل هونديون هيون ۽ سندس ڇپڙا ڪنهن مهل ڦرڪڻ لڳندا هئا تہ مان آهستگي سان ڇوندو هو مانس : ”روشن!“

”جي؟“

” ڇا پئي سوچين؟“

”ڪجهہ بہ تہ نہ“

”ڪجهہ بہ نہ؟“

”نہ، ڪجھہ بہ نہ“

هوءَ وڌيڪ ڳنڀير ٿي ويندي هئي. ائين پيو محسوس ٿيندو هو تہ هوءَ سوچي پئي. سوچ سندس پيڇو پئي ڪري.

نيٺ اها شام بہ اچي وئي جڏهن مان هن ڪائنات جي آئيني آڏو بيٺو هئس ۽ سج جي ٻڌتر، منهنجي خيالن جي ٻڌتر هئي. روشن منهنجي ويجهو ايندي وئي ۽ مونسان لڳي بيٺي.

مون ڪيس پڪاريو،

”روشن!“

”جي“

”ڇا پئي سوچين؟“

هن ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو.

”ڇا پئي سوچين؟“

هن دفعي بہ ڪو جواب نہ ٻڌم، ايترو محسوس ڪيم تہ هنجو منهن منهنجي ڪلهن تي آهي ۽ هن جوساهہ........ ۽ مون منهن ورائي سندس لال رتي مک ڪي چميو، هوءَ وڌيڪ ويجهو اچي ويئي، ۽ مون پنهنجي زندگي جي باب جو نئون ورق اٿلايو.

عجيب سوچون، عجيب ويچار، من ئي من ۾ ٽڙندڙ آتشبازي ۽ جذبات جي راند ۽ ڪليل وارن جي ڪيڏ. ڪنهن ڪنهن مهل، گلن جي مک چمڻ وقت ذهن ۾ ڪنڊن جو چڀڻ، من جو من ڪي پيڙڻ، مسلسل عذاب هڪ عجيب ڪيفيت، عجيب سرور ۽ عجيب زندگي ائين پي لڳم تي وقعي مان انسان آهيان. مان جڏهن ڪيس چوندو هئس:

”روشن تون منهنجي آهين.“

هوءَ جواب نہ ڏيندي هئي.

”تون منهنجي آهين، روشن.“

”تون منهنجي آهين، روشن.“

”ها. گل! مان تنهنجي صرف تنهنجي آهيان.“

اهو ملڪيت جو احساس مونکي پري ڪٽي ويندو هو اسين ٻئي هن ڪائنات جا بہ ساهوارا هئاسين. جيڪي هڪ ٻئي جي ساهہ ڪي محسوس ڪندي جي رهيا هئاسين.

ائين بہ تہ نہ هو تہ ڪو ڪيس رفيق کان ڪا شڪايت هئي. نہ، هو ڏاڍو سٺو خاوند هو. هو ڪوشش ڪندو هو تہ روشن خوش رهي، پر روشن ڪڏهن سندس سامهون نہ ڪلي مرڪندي هئي نہ ڪلي ڳالهائيندي هئي. ائين محسوس ٿيندو هو تہ هوءَ دٻيل. ڪجھہ گهٽيل ۽ ڪجھہ اجايل آهي.

مان ڪڏهن ڪڏهن ڪيس چوندو هئس:

”روشن، جي رفيق ڪي اسان جي هن پيار جي خبر پئجي وجي تہ.........“

هنجي منهن جو پنو لهي ويندو هو. هوءَ سوچ ۾ گم ٿي ٻي روشن بنجي ويندي هئي ۽ پوءِ اتان ئي بيهي مونکي چوندي هئي: ” اسين گناه تہ نہ ٿا ڪريون گل؟“

مان چوندو هو مانس: ”روشن اسين تہ پيار ٿا ڪريون.“

۽ پوءِ آهستي چوندي هئي: ”گل، مونکي پيار ڪر.........“

جڏهن مان ڪيس پيار ڪندو هئس ته وري هوءَ روشني هوندي هئي. منهنجي روشن.

اها به ته اهڙي ئي هڪ شام هئي.

ٽڪريءَ تي هڪ ڳاڙهي شام رنگن سان تي راند ڪئي. ڪڏهن تي رنگ هاريائين. ڪڏهن ته ڪنهنجي من کي ڪنائين....... هوءَ اچي پر ۾ ويٺم.

”روشن؟“

”جي“

”ڇا پئي سوچين؟“

هن دفعي هن يڪدم جواب ڏنو:

”گناهه جو احساس“

”ها گناهه جو احساس. هن ڪڪوريل شام کي ئي ڏس. گهر وچ ۾ انهي تي سوچ، توکي محسوس ٿيندو ته اسان گناهه ڪيو آهي...... تو ڪڏهن محسوس ڪيو آهي ته مان انهي شام مثل آهيان.

”نه روشن، مون تو کي اڳ به سمجهايو آهي ته اسان پيار تا ڪريون!“

”اسين پيار ڪرڻ ڇاٽيندا ئي نه آهيون، گل سڀ گناهه کي جنم ڏيندڙ آهيون ۽ گناهه اسان کي جنم ڏيندو آهي.... اسان گناهه ڪيو آهي...... توکي مچٽو پوندو ته اسان گناه تا ڪريون. تون اهو سوچ ته مان ٻارن جي ماءُ آهيان، جيڪي انهي پيار کي سمجهي نه تا سگهن ته انهن لاءِ هر نه سمجهه ۾ ايندڙ ناتو هزارين سوال کٽي اچي ٿو. اسين جيڪي ڪين سيڪاريون تا تنهن ۾ گناهه جو فسلفو نه سمجهه ۾ ايندڙ فلسفو آهي. گل! نه سمجهه ۾ ايندڙ ڳالهيون گناهه ئي ته هونديون آهن.“

هن جي ڇهري تي عجيب سوچ ۾ ڳنڀيرتا جون ليڪون هيون. مون ڪيس گهرو پڙهڻ چاهيو. گهرو ڏسڻ ۾ ڪيس ٻڌائڻ چاهيو ته اسان پيار ڪيو آهي، اسان جي پيار ڪيو آهي.......... پر هوءَ هلي وئي اڳتي پري. ........ مان اهوئي خالي، اهوئي ويرانن جو مالڪ.......... ويران! هن تي خيالن جا پٿر وڇائيندڙ هڪ مزور جنهن لاءِ گناهه ۾ ثواب جو فلسفو نه سمجهه ۾ ايندڙ فلسفو آهي.

مان اڄ جهريل جسم، جهريل ذهن سان هلان پيو، سواءِ ڪنهن خيال جي، سواءِ ڪنهن احساس جي، شايد، احساس جي منزل اها ئي آهي.

❊

# ڀُري پيو ڀنڀور ..!

رات آهستي آهستي مٿان چانئبي پي وئي ۽ تڏ پنهنجا پير پي کوڙيا. فضا خاموش ۽ ماحول ڀيانڪ ٻٽبو پئي ويو. اوچانڪ انهي خاموشي ۾ هڪ ڀيانڪ آواز گونجيو. ڪوئلي جي ڪاٽين جو گهگهو هو. شاني ورهين ڪان انهي ماحول ۽ فضا ۾ رهي هئي پر اڄ هوءَ اهڙن خيالن ۾ گم هئي جو انهيءَ گهگهو ڪيس ڇرڪ وجهي ڇڏيو. هوءَ پنهنجين قاتل ۽ بي نور اکين جي ڇڏن ڪي ڦيرائيندي رهي ۽ هن جو ڇرڪ وڃان ساهه تيزي سان ڪڄڻ لڳو. گهگهوءَ آخري رانيات ڪري بس ڪٽي ڪئي. انهيءَ سان فضا، ماحول ۽ شاني پنهنجي اڳوڻي حالت ۾ اچي ويا.

شاني پاڻ کي گهڻو اڳوٽن خيالن ۾ گم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر الائجي ڇو ڪيس محسوس ٿيو ته اهو سڀ بيسود آهي. آخر ماضي کي ياد ڪري به ڪيترو ڪبو. هن ڪنڌ ڌوڻيو ۽ سمجهائين ته خيال سڀ هٽي ويندا. پر سورن ستيل خيال ائين ڪٿي ٿا ڇڏين. چاڪ چڪي اٿيا، ناسور رسڻ لڳا ۽ هن جي بي نور اکين مان بي اختيار پاڻي وهڻ لڳو. اڳيان سڀ خيال موٽي آيا جن مان هن جند ڇڏائڻ ٿي چاهي.

هن جي بي نور اکين جي آڏو ڪنهن جي تصوير تري آئي. موڪرو منهن وڏيون اکيون. چپن تي هلڪي مرڪ، هوءَ ان جي موهه ۾ موهجي وئي. الائجي ڇو اوچانڪ ڪيس محسوس ٿيو ته اها تصوير چرپر ڪرڻ لڳي آهي. هر اها تصوير جبلن ۽ ٽڪرن جي ننڍين چوٽين تي آهي، ڪنهن مهل ڪنهن سرسبز ترائي ۾ آهي، ڪنهن مهل گهر جي اڱر ۾ آهي. پر هر ڪنهن هنڌ ساڻس ڪير آهي ئي آهي. شانيءَ انهيءَ کي سڃاتو..... هو پاڻ ئي هئي. جواني جي رتل حسن ۾ ورتل هڪ وٽندڙ ٽڙندڙ جسم، شاني پاڻ کي حسين سان ڏسي، خوش ٿيندي ٿيندي غمگين ٿي وئي. هوءَ واپس پنهنجي ماحول ڏانهن موٽي آئي. پنهنجي موجوده حالت کي ياد ڪندي، هوءِ روئي ويني، روئندي روئندي ڪيس حسين جون مٺيون ڳالهيون ياد پيون، وري هوءَ پنهنجي انڌي دنيا ۾ گم ٿي وئي.

شانيءَ کي اهو وقت ياد آيو جڏهن حسين سندس هو ۽ هوءَ حسين جي هئي. ٻئا ننڍپڻ ٻئا جواني، هنن هميشه گڏ گهاري ڇاتو هو. شاني، سرسبز ماٿري جي هڪ نينگر هئي. حسين انهي ئي واديءَ ۾ ڦهليل ڪوئلي جي کاڻ جو مزور هو. کاڻ جي ڪاراڻ جي حسين تي ڪو به اثر ڪو نه هو. هنجي صاف شفاف دل تي هميشه شانيءَ جو عڪس چٽيل هو.

شاني کي اوچانڪ اهو وقت ياد پيو جڏهن هن کي پنهنجو گهر ناهي گهڻا ڏينهن به ڪو نه ٿيا هئا. ڀلا ٻن ورهين جون راتيون به ڪي راتيون ٿينديون آهن. ان وقت اڃا شادي جي خوشي، خوشي ئي هئي. شانيءَ جو پيار، اڃان پيار ئي هو. حسين جي جذبات جي ايام اڃان اڀامندڙ هئي. مطلب ته چوطرف رنگ هئا. بهار هو ڇا ڪجهه نه هو. اوچانڪ هڪ ڏک سان هڪ ڏڏڪاءُ جي آواز ۾ اهي سڀ ڳالهيون گم ٿي ويون. نه رڳو شاني جي دنيا ۾ ويراني ڇانئجي وئي پر انهي سان گڏ سندس دنيا انڌي ٿي پئي.

ڪيس چڱي پر ياد هو ته انهيءَ ڏينهن هوءَ حسين سان گڏ هڪ ٽڪري تي ويني هئي، هن حسين لاءِ ماني آندي هئي. هو خوش خوش ٿيو ماني کائي رهيو هو. پهاڙي علائقي جي وٽندڙ

منجهند ۾ چوگرد پسگردائي ۾ ساوڪ دل کي فرحت پي ڏني. شاني البيلي ٿيو، هيڏي هوڏي ٽينگ ٽپا پي ڏنا. جيئن هوءَ جسم کي لچڪائيندي ڦٽڪائيندي، گهمي پئي، تئين سندس نظر ٿورو هيٺ پرو ترائي ۾ هڪ منظر تي پئي. هوءَ هٽڪي بيهي رهي. ڪيس الائجي ڇو اهو نظارو ڏسي لڳڻ ۾ سيات پوڻ لڳا. هوءَ انهيءَ ڳالهه کي چڱي پر سمجهي ٿي سگهي پر ته به هن جي دل کي الائجي ڇا ٿيڻ لڳو. هيٺ ڪتن جوهڪ وڏو ميڙ هو. ڪتن جي ميڙ جي وچ ۾ هڪ ڪاري رنگ جي ڪتي مات ڪيو بيٺي هئي. چوڌاري ڪتن جي ميڙ ڪيس هراسي ڇڏيو هو. رکي رکي ميڙ مان ٽڪا آواز ٿي آيا، نه ته هو سڀ تيز ۽ تکين نظرن سان ڪتيءَ کي تڪي رهيا هئا. انهي سان گڏ هو گهيري کي تنگ پڻ ڪندا ٿي ويا. شانيءَ کي ائين پي لڳو. ڄڻ ته ڪتيءَ جون سهميل نظرون چوگرد ڦريون پئي ۽ فرار جي راهه ٿي ڳوليائون پر چوڌاري ڪافي وڏو ميڙ هو، جن جي تکن سهڪن ۽ ڪوڪراٽن نه رڳو ڪتيءَ کي وڏيڪ هيسائي ڇڏيو هو ۽ هوءَ هڪ هنڌ خاموش بيٺي هئي. تيستائين هوءَ انهيءَ ۾ گم هئي، جسين حسين پاڻ اچي سندس ڪلهي تي هٿ نه رکيو.

”ڇاتي ڏسين شاني“ڪا مهل لاڪر اتي بيٺي آهين.“

”تون!........ تو ماني ڪائي بس به ڪئي......؟“

”ها سويل....... توکي پي تڪيم، ڏٺم ٿي ته نيٺ ايندين پر تون، اتي بيهي وئين......... مان به ته ڏسان ته آهي ڇا.....؟

شاني شڪجي وئي ۽ يڪدم حسين کي ڇڪي پري وٺي وئي جيئن هو ڪجهه به نه ڏسي. الائجي ڇو اهو نظارو شاني جي دل تي اهڙو ته ڇٽجي ويو جو حسين جي ياد ايندي ئي اهو نظارو پڻ سندس اکين آڏو ڦري ويندو هو.

شاني حسين کي اجا پري ڇڪي وئي ئي ڪا نه ته پريان هيٺ ترائي مان حسين کي ڪير سڏڻ لڳو.

”ڏس ته سهي الائجي ڪير سڏي پيو. پانيان تي ڪم جو وقت ٿي ويو آهي.“

”ها، وقت ته ٿي ويو آهي، شايد هن ٽڪري واري ڪاڻ کي ٽا بارود ڏين“

”تون به هل ڪٺي شايد هننن بارود وڇائي نه ڇڏيو آهي. هلو پلا هلو، لهو......... مان به هلان ٿي......... ڇگو........... گهر سويل اچجان متان ڪچهرين ۾ ويهي رهين.“

”ها، ها، تون پلي هل...“

شاني حسين جو آواز ڪجهه پرپرو ٻڌو، پاڻ ٽڪي ٽڪي ٽڪري جي چيڙي تي پهتي ۽ ٿهيل پيچري تان لهي ڳوٺ ڏانهن وڃڻ لڳي. هوءَ اڃان پيچري تي پهتي ئي مس ته ڪيس هڪ ڌڌڪاءُ ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ڪائنس هڪ دانهن نڪري وئي.

”منهنجو حسين.....!“

هن ٽڪري پيرن هيٺان ڪسڪندي محسوس ڪئي، پر پوءِ جيئن تيئن گهلجندي. سلهجندي، ڌڪا ڪائيندي انهي پيچري تائين پهتي. جنهن تان حسين لهي هيٺ ويو هو. هيٺ اوندهه انڌڪار هو. هوءَ انهيءَ انڌڪار ۾ ٽپ ڏئي لهي پئي. ڪيس خبر ڪا نه ٿي پئي. هوءَ تيز ڪائيندي اڳتي وڌي، اڃانڪ سندس پير ڪنهن نرم شيءَ تي پيو. هوءَ يڪدم هيٺ جهڪي، هڪ انساني هٿ هو. هن ڪان دانهن نڪري وئي. سندس پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. هن لٽڙندي اچي هيٺ ڦهڪو

ڪيو......... شاني ڪي اهو سڀ ڪجهه چٽي طرح ياد هو. ڪيس اهو سڀ ڪجهه ياد هو ته انهيءَ ڏينهن کان سندس دنيا ويران هئي.

اڄوڪي رات به انهن راتين مان هڪ هئي، جيڪي هن ڦٿڪي گذاريون هيون. روئي گذاريون هيون. جاڳي گذاريون هيون. اکين کي چنيينديءَ خال ۾ ڪجهه ڳوليندي گذاريون هيون. پر هن دانهن کان سواءِ ڪنهن جي ياد ۾ پاڻ وڃائي گذاري ڇڏيون. هاڻ ته پاڙي اوڙي وارا ٻيا مزور جيڪي ڪيس ڪجهه کائڻ لاءِ ڏيندا هئا تن به وساري ڇڏيو هو. اڄ شام لاڪر ڪيس ماني به ڏيڻ ڪير ڪو نه آيو ڪيس بک ته ڪانه هئي پر ته به الائجي ڇو هير هٿڻ ڪري ڪيس ننڊ نه ٿي آئي. پاسا اٿلائيندي پٿلائيندي هن ڪي گهٽ محسوس ٿي. لاچار اٿي ويهي رهي. نيٺ آرام نه آيس. لٺ ٽيڪيندي ٺڙڪا ڪندي، اڱر ۾ نڪري آئي. اتي ڪجهه بيهڻ ڪانپوءِ خيال آيس ته ڇو نه وڪ پنڌ ٿي، مائي زينا جو گهر آهي. اتان ٽڪر وٺي اچان. نيٺ سندس قدم وڌيا ۽ هوءَ در ڪولي صفا ٻاهر رستي تي آئي ۽ پنهنجي اندازي تي وڪون وڌائڻ لڳي. "پانيان تي ته دير ته ڪافي ٿي آهي، الائجي، در ڪولين الائي نه. سمهي نه پيا هجن."اهي وسوسا پچائيندي وڌايائين. "پانيان تي گهر اچي ويو. ڳالهائڻ جو آواز پيو اچي."

شانيءَ جيئن خوش خوش ٿي قدم تکا پي ڪنيا تيئن محسوس ڪندي وئي ته منزل نه اڃا دور آهي. آواز ساٽس هلندا رهيا. هلڪا، سس پس جهڙا آواز. چند. مردن جو ڳالهائڻ. هوءَ ڪجهه دير بيهي رهي ڪيس ڪجهه ڏپ محسوس ٿيڻ لڳو. آواز هتڪي بلڪل سندس قريب اچي چڪا هئا. بوٽن ۽ پٽرن ملي ڏاڍو کڙڪو ٿي ڪيو. سندن سس پس، شاني ڪي ڏڪائي وڌو. اچانڪ ويجهو ئي ڪتان شاني ڪي چند ڪتن جي ڀونڪڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. شاني سڄي ڇرڪجي وئي. سندس بي نور اکين آڏو هڪ نظارو ڦرڻ لڳو. ڪتن جو هڪ ميڙ. تن ۾ هڪ سهميل ڪتي، هينئر هوءَ سڄي هراسجي وئي. جڏهن سندس چوڌاري گڏ ٿيل ميڙ مان ڪلڻ ۽ ٺهڪن ڏيڻ جا آواز اچڻ لڳا." انڌي آ ته ڇا ٿيو ٺاهوڪي آهي...." سندس بت ست ڇڏڻ لڳو. دماغ ڦرڻ لڳو. سڄو جسم نستو محسوس ڪيائين. هن چوڌاري اوندهه ۾ اکين جي ڇڏن کي ڦيرايو. هن جون اکيون ٻوٽجڻ لڳيون. ڪيس ائين لڳو ته واقعي هوءَ ڪتي آهي، چوڌاري ڪتن جو هڪ ميڙ آهي. اچانڪ ڪنهن سندس هٿ سوگهو جهليو. هن کي يڪدم ڪجهه ياد آيو ۽ هن هڪ وڏو ساهه ڪٽي رڙ ڪرڻ چاهي، پر ڇپ تارون سان لڳل محسوس ڪيائين. سڪل ڇپ کي آلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر اچانڪ ٻئي هٿ سندس وات بند ڪري ڇڏيو. هن ڦٿڪڻ چاهيو. نستي بدن ٿورو سندس ساٿ ڏنو. پر سوگهن مضبوط هٿن ۾ بي بس ٿي ويتر نستو ۽ بي ساهو ٿي وئي ۽ پوءِ جي ڪيس خبر نه رهي ته ڇاٿيو.

سندس بي حسي ۽ بيوسي جي انتها اها هئي جو هن ڪجهه به محسوس ڪرڻ ڇڏي ڏنو. هن پنهنجي جسم سان گڏ دماغ کي ۽ دل کي پڻ ڪجهه به محسوس ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. هو هڪ بي جان بت هو ايستائين جيستائين سندس پٺي ۾ نوڪيليون پٿريون لڳيون. هن پاڻ کي هيٺ پٿرين تي ڪپڙن کان بي نياز ولهه ۾ پيل محسوس ڪيو. هن جي بي حسي دور ٿيندي ٿي وئي. هن هاڻي ڪجهه نه ڪجهه محسوس پي ڪيو. ٺڏ، نوڪيليون پٿريون، اوگهڙ ۽ انهي سان گڏ ڦر ۽ لٽ جو احساس، اهي سڀ ڳالهيون سندس ذهن تي چنبيون ٿي ويون. احساس وڌيو ٿي ويو. هوءَ ڦٿڪڻ لڳي، نيٺ دک درد جي پيڙا وچان ڪانئس دانهن نڪري ويئي ۽ پوءِ اوچنگارون ڏئي روئڻ

لڳي. هن جو روئڻ تيز ٿيندو ٿي ويو. هن شايد سمجهيو ٿي ته دک درد جو احساس ائين گهٽجي ويندو. پر هن محسوس ڪيو ته هن کي سيڪجھه محسوس ٿي رهيو آهي. سڀ ڪجهه، جيڪي ڪجهه هن سان ٿيو آهي. سڀ ڪجهه هوءَ محسوس ڪري رهي آهي، هن انهي احساس کان جند ڇڏائڻ لاءِ گهٽوئي ڪنڌ کي ڌوڏيو، ٽنگن کي سٽيو، پيٽ کي اٿلايو، پٽلايو، نيٺ هڪ ڏاڍي دانهن ڪئي. جنهن دانهن سان گڏ هوءَ ساٽي تي اتي پئجي وئي.

ڪيس اچانڪ ائين لڳو ته ڪي ماڻهو اچي رهيا آهن، سندن ڳالهائڻ ويجهو پوندو پيو ويو. پٽرن تي هلڻ جي ڪڙ ڪڙ صرف ٻڌڻ ۾ پي آئي. آواز شايد هن غار منجهان ٿي آيو...” اچو، تڪا اچو........... ” هوءَ صفا ڏڪي وئي. الائي ڇو يڪدم سندس ذهن ڪجهه سوچڻ لڳو ۽ پوءِ اتي ساٽو ٿي ويو. هوءَ اتي ساٽي ٿيو پئجي رهي. هن چاهيو ته جلدي اتي ڪپڙا پائي پر سندس لڱ ٽڏ ۾ ساٽا تي چڪا هئا. بدن چرپر کان معذور هو، اچانڪ ڪنهن رڙ ڪئي. ” اجهو هتي آهي....... پر بيهو.... توهان سڀ ٻاهر بيهو......... ڪجهه ترسو“ هن جي ٽڏي جسم آخري لوڏو ڪاڌو ۽ وڏيڪ ساٽو ٿي ويو. اچانڪ هن ڪجهه محسوس ڪيو. ڪنهن جي بوٽن جو آواز هو ۽ پوءِ بوٽن جا آواز وٽس اچي رڪجي ويا. ڪنهن هڪ ٿڌو ساهه پريو ۽ مٿس ڪو اوڇڻ وڌو ۽ پوءِ اچانڪ هن پنهجي، بت ۾ ڪجهه گرمي محسوس ڪئي، سندس ٻانهن ڪنهن جي هٿ ۾ هئي. يڪدم هن کي ڪجهه محسوس ٿيڻ لڳو. هوءَ سڄي ڇرڪجي وئي ۽ ٽپ ڏئي اتي ويهي رهي، بي اختيار هن هڪ رڙ ڪئي، ”وري نه وري نه! ........ نه.........! نه......! نه.......!!!“

هوءَ رڙيون ڪندي رهي ۽ روئندي پڻ رهي. هن پوءِ زمين تي ڪٽي منهن رکيو ۽ اتي لڙڪ هاريندي رهي ۽ پوءِ آهستي آهستي هن جا سڏڪا ڍرا ٿيندا ويا. هن شايد محسوس ڪيو هو ته هاڻ پنيور پري پيو آهي.

❊

# تڪندو

”هڪ ٻه ٽي، چار، پنج......“
” هاڻي بس، وڌيڪ نه“
” زري، هيءُ پٿر جڏهن پاڻي مان لهر ۾ لهر مان دائرو ٺاهي ٿو تڏهن مون کي خيال ٿيندو آهي ته جڏهن زندگي جي هن اٿاهه ساگر ۾ انسان پنهنجو جسم ڇڏي ٿو تڏهن ڪابه لرزش پيدا نه ٿي ٿئي. ڪا به لهر، لهر کي لوڏو نه ٿي ڏئي ۽ ڪو به حياتيءَ جو مسئلو دائرو ٺهجي نه ٿو ڦري“
”توبهه، آخر توکي ٿيو ڇا آهي. تون مون کي هت انهي لاءِ وٺي آيو هئين ته مان ويهي يا ته تنهنجو منهن ڏسان ۽ تون لهرون ڳڻين يا ويهي تنهنجون تقريرون ٻڌان.“
”اهائي ته ڳالهه آهي زري. مون مان تون مطمئن ناهين، مون مان ڪير به مطمئن نه آهي پر يقين ڄاڻ ته مان به ڪنهن مان مطمعن ڪو نه آهيان.... سواءِ هڪ هستي جي جنهن ڪان لاپرواهه ٿي ڪري مان پنهنجو پاڻ ٻين مونجهارن ۾ منجهايان ٿو. جي اها هستي منهنجو مونجهارو هجي ته جيڪر مان هنن دوستيءَ جي مسئلن ڏانهن ڌيان ئي نه ڏيان.“
”اها هستي ڪير آهي؟“
”تون ڄاڻين ٿي زري؟“
”پر سليم، آخر ڪهڙو مونجهارو اٿئي، دوستن جا سور هوندا به تو وٽ تمام گهڻا آهن. نه تون ڏانهن توجه ڏين نه هو توکي ڏکوئيندا.“
”زري توکي خبر آهي ته مان انتهاپسند آهيان پيار ۾، دوستيءَ ۾، قرب ۾ ۽ جيئڻ ۾. مان فراخ دلي سان جيئڻ چاهيان ۽ وڏي دل سان مات کائيندو آهيان.“
”سليم سچ وڏو زهر آهي، پر جي مان ائين چوان ته تون جيئڻ نه ٿو چاهين تون هر قدم تي صرف مات کائڻ چاهين ۽ تون نه زندگي مان مطمعن آهين، نه زندگي جا دائرا تو مان مطمعن آهن.“
”زري .... مان.... مان..... ٺهيو زري، اٿ ته هلون“
”ساڳي مان مان نه ڪر، تون اهو ته ٻڌاءِ ته تون پريشان ڇو آهين.“
”زري — جي ڪير منهنجون نظرون چورائي منهنجي نظرن سان توکي ڏسي ۽ توسان ڳالهائي ته ڏک ڪرڻ ته آءُ به لهڻان.“
”تون ته اجاين غلط فهمين ۾ پئين پيو. تنهنجي نظر منهنجي نگاهه جو پهريون رخ آهي. چورائڻ جي همت مون کي نه ٿي ٿئي ته ڪير وڏي تنهنجي نظر چورائيندو.“
”پر زري مان دوستن يا دنيا ۾ ڪنهن جي به تو ڏانهن نظر سهي نه ٿو سگهان.“
”سليم تون يقين رک، حياتي جو هر مسئلو اسين گڏجي طي ڪنداسين.“
”اهو ته آءُ به ڄاڻان ٿو، ايترو ته يقين آءُ به ڪيان ٿو“
”پوءِ سليم اهو سڀ ڇو ٿي چو ٿو؟ تون پنهنجي پاڻ مان نڪري ڇو نه ٿو اچين. ”اها دنيا آهي. اهو جيئاپو آهي. شايد ڪو وقت اچي ته مان توکي ڏيکاريان ته ڪنهن رستي بيٺي هوندينءَ ۽ مان هنن وٽن جي جهڳٽن ۾ هن پاڻي ۾ پاڻي گڏيندو رهندو هوندس“

”ائين نہ چئہ سليم، زري دنيا نہ آهي، زري تنهنجي محبوبہ نہ آهي. زري تنهنجي عاشق آهي. زري تنهنجي چپن جي رنل مرڪ آهي. زري تون ۽ تون زري...آهين، سمجهئين!“
”زري ايترو تہ پيار جي پينگهي کي لوڏو نہ ڏي جو ڪنهن وقت رسي ٽٽڻ سان پاڻ سنڀالي نہ سگهان. مان ڏڄان ٿو زري، مان ڏڄان ٿو.“

******************************

ريشمان هت روشني نہ آهي تہ اوندهہ جو بہ راڄ نہ آهي، مون وٽ مرڪ نہ آهي تہ ڳوڙها بہ ڪونهن، منهنجي اکين ۾ ڪي بہ پاڇولا ڪونهن جو تون ڏڃين، تون ڏڄ نہ، مان توکي هن ويراني ۾، هن وهندڙ واهہ جي ڪناري تي ڏيجارڻ نہ آيو آهيان. مان اڪيلائي مان پاڻ ڪيڻ ٿو چاهيان ۽ تون ڳالهائين نٿي. تون ڪجهہ تہ چئہ، مون کي ائين محسوس نہ ٿئي تہ مان هن سڄي جڳ ۾ اڪيلو آهيان.“
”جي — جي — توهان جو نالو ڇا آهي.“
”مان سليم آهيان، پر رڳو نالي جو ، نہ شڪل جو نہ دل جو، نہ حالتن جو، نہ پيار جو، مان نالي جو سليم آهيان.“
”هڪ ڳالهہ پڇانءِ“
”پڇ تون هر اها ڳالهہ پڇ جنهن مان تون مونکي سڃاڻين ۽ مان توکي سڃاڻي سگهان.“
”توهان ائين ڇو ٿا ڳالهايو. مون کي تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي.“
”تون چاهين ٿي تہ مان توسان پيار جون ڳالهيون ڪيان ۽ پيسا وصول ڪيان ائين نہ. ريشما! تون جي وڃڻ چاهين تہ وڃين سگهين ٿي. مان تنهنجي رات خراب ڪرڻ نہ ٿو چاهيان. اچي ڪڻ پيسا.“
”سليم صاحب، توهان ناراض ٿي ويو. سليم صاحب.“
”ريشما تون وڃ هلي، مان اڪيلو چڱو آهيان. مون کي تنها ڇڏ تہ مان انهن پاڇن تي غور ڪيان جنهن ۾ مان زري ۽ ظفر جي پاڇولن کي هڪ ٻئي ۾ گم ٿيندو ڏسان. مان انهن پاڇن جي تاريڪي پنهنجي منهن تي وڇائڻ ٿو چاهيان. مان ان زري جي چپڙن تي وفا جي نشانين ڪان ڪجهہ پڇڻ ٿو چاهيان. ظفر جي قرب ۽ پيار ۾ پاڻ ڳولڻ ٿو چاهيان ۽ ڪيس مان زري جي جهوليءَ ۾ ڏسي نہ ٿو سگهان. مون کي ظفر کپي. مونکي زري کپي. پر مونکي شايد ڪير نہ گهرجي. مان اڪيلو چڱو آهيان.“
”زري ڪير آهي.“
” ريشمان اها ڪير بہ ڪانهي — تون هلي وڃ — مان توکي انهي لاءِ چوان ٿو جو تون هلي ويندينءَ ۽ مان خيالن جا چار اٽندو هندس.“
”اهو صحيح آهي تہ مان ريشمان آهيان ۽ زري نہ پر جي خود غرض ٿي چاهيان تہ زري جي جاءِ ولاريان. شايد والاري سگهان.“
”شايد نہ. تنهنجي ڳالهائڻ ۾ ڪا نواڻ ڪانهي تون رات گذاري هلي ويندين ۽ شايد ڪڏهن ياد بہ نہ ڪرين، مان جي هن اونده ۾ گهرو ٻڏندس تہ شايد اک بہ نہ پٽيان.“

”ايئن نہ ٿيو. توهان جي اونده توهان جي روشني آهي. جي توهان زري کي خلوص ڏنو هوندو تہ هوءَ بہ خلوص آڇيندي. سليم صاحب, عورت جي وفا جو مجسمو نہ آهي تہ پيار جو پالوٺ تہ آهي. جي پالوٺجي تہ دريا وهيو وڃن ۽ حيات جي اکين ۾ مشعالون ٻريون پون.“

”پيار — پيار جي پالوٺ - حيات, حيات جون مشعالون — اهڙو مذاق مون سان ٿيو ناهي.“

” توهان پيار جي پينگهہ لڏيا آهيو پر شايد ان جي جهوٽي سهڻ جي طاقت توهان ۾ نہ آهي. توهان جو پيار توهان کي ملندو. ظفر توهان کي ملندو. زري موٽي ايندي ۽ دوستي ۽ پيار هميشہ قائم رهندو. پر مان توهان کي وساري نہ سگهنديس. مان وڃان ٿي وري نہ ملون مان هٿ پيار ۽ قرب جا پاڇولا ٿي ڏسان. شايد توهان پاڻ کي انهن خيالن جي ڄار مان ڇڏائي سگهو ۽ غلط فهمين کي دور ڪري سگهو. توهين ڏاڍا سنا آهيو پر منجهيل آهيو. توهين وڏو تا پر منهنجو جسم توهان کان دور ڇڳو آهي.“

”ريشمان, ريشمان, تون ڪاڏي هلي وئين. هي اونده هيءُ پاڻي, هيءَ چمڪ هي ءَ جهڪي روشني, هيءُ اک جو پاڻي, هٿ تہ ڪير بہ ڪونهي. شايد منهنجو پنهنجو ڄار آهي. منهنجي پنهنجي انا آهي جا هر فرد, هر ماحول سان وچڙي ٿي. هٿ بہ تسڪين نہ آهي. مان شايد مان آهيان. پنهنجي انا جو غلام, سرڪش انا جو رانديڪو. هر هنڌ وفا ۽ پيار جو مجسمو ۽ مليم ٿي بي وفائي ڪنهن جي پيار جي. شايد اهائي آهي بي وفائي انا جي — خودي جي -! هيءُ قميص چو ڦاٽي پئي آهي. هيءُ منهنجي مغز مان رت چو ٿو وهي, هيءُ رت ۾ لال پٽر, هيءُ فضا سڀ لال, چو شايد پنهنجي انا زخمي ٿي پئي آهي. انا مري رهي آهي اونده انڌوڪار, روشني ڪيو. مونکي هن اوندهہ مان ڪڍو. روشني ڪيو. هي اوندهہ هي تاريڪي.

روشني ڪٿي آهي. هيءُ ترورا ڇا جا آهن. مستطيل چوڪور — ٽڪنڊا — منهنجو جسم هن ٽڪنڊي ۾ ڦاسي پيو آهي. مون کي هتان ڪڍو - روشني ڪيو ڏينهن ڪيو, روشني-!

❊

# پيار جي ريکا

هن آهستگي سان گلن سان ڀريل مٺ کولي ۽ آڱرين کي ويڪرو ڪري ڇڏيو. پتيون هيٺ ڪرڻ لڳيون. باقي ٿي ننڍڙيون پتيون بچيون. هن انهن کي ڦوڪ ڏني. اهي بہ اڏامي ويون. سندس آڌو هڪ خالي تري هئي. جنهن تي ڪي آڏيون ابتيون سبتيون، ريکائون هيون. سندس اکيون وڏيڪ گهريون ٿي ويون. هوءَ انهن لڪين کي گهورڻ لڳي ۽ ليڪون بہ گهريون ۽ ڳوڙهيون ٿينديون ويون. نهاريندي نهاريندي سندس اکين مان بہ ٽي ڳوڙها ٽميا ۽ سندس انهيءَ تري تي ڦلهجي ويا. هن ٻئي هٿ سان انهن ڳوڙهن کي ترئيءَ تي ڦهلايو ۽ پوءِ ائين ملڻ لڳي ڄڻ تہ هوءَ انهن ڳوڙهن سان هٿ جي ليڪن کي تہ ميٽي نہ سگهيا پر ڪنهن کي سندس ويجهو اچڻ تي مجبور ڪيائون.

هن رڙ ڪئي:

”منهنجي ويجهو نہ اچ، مون کي ڇڏي ڏي، منهنجي....“

هن هٿن ۾ منهن لڪائي روئڻ شروع ڪوي ۽ پوءِ اتي ڪير بہ ڪو نہ هو. هوءَ روئندي رهي اچانڪ هن کي مات اچي وئي. هن ڳوڙها اگهيا ۽ ٻاهر نڪرڻ لڳي. هن کي ائين لڳو تہ پيرن سان هوءَ ڪجهہ لتاڙي رهي آهي. ڪجهہ نرم نرم، ڪجهہ نازڪ نازڪ، هن هيٺ نهاريو. گلن جون پتيون هيون. چيپاٽيل چيپاٽيل. هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ تہ هو رنيون آهن ۽ روئي پاڻ وڃايو اٿن. هوءَ هيٺ جهڪي ۽ چيپاٽيل پتين کي چونڊن لڳي. پر پوءِ هن اهي چونڊيل پتيون بہ هيٺ ڦٽيون ڪيون ۽ زور سان انهن کي لتاڙيندي ٻاهر نڪري وئي.

”شمع هٿ تہ ڏي“

”ڇو؟“

”مان تنهنجو هٿ ڏسندس“

”اظهر، منهنجي هٿ ۾ ڇا آهي.“

”پيار جي ليڪ. پيار جي وٽندڙ ريکا“

”اظهر —“

”ڇو، تو هٿ ڇو ڇڏايو“

”پيار جي ڪا بہ ليڪ نہ ٿيندي آهي“

”نہ مان سچ ٿو چوان شمع، تون ڪيترو بہ ضد ڪر تہ تون ڪنهن سان پيار ڪري نہ ٿي سگهين. پر هيءُ هٿ، هيءَ ريکا، مون ڏانهن نهار شمع هيڏي ڏس“

”نہ اظهر، پيار بڪواس آهي، امان اهو اکين ۾ نهارڻ ۽ دل ۾ نهارڻ وارو پيار ڪري نہ ٿي سگهي. اسين مائٽ آهيون، اسين دوست آهيون. اهائي وڏي ڳالهہ آهي.“

”شمي تون نہ ٿي ڄاڻين تہ تون منهنجي ڪائنات آهين. تو مون کي خواب بخشيا آهن. مون کي زنگ بخشي وري بہ رنگي تہ نہ ڏي. شمع مان انهيءَ لاءِ تيار ن آهيان. سهارو ڏئي مون کان سهارو تہ نہ کس“

”اظهر اجايون ڳالهيون نہ ڪر. مان ڪمزور ڇا ڪنهن جو سهارو بڻبس. مان خود پاڻ لاءِ هڪ مونجهارو آهيان. اهو بہ تہ نہ ٿي ڄاڻان تہ مان ڇا آهيان. مان صرف اهو ڄاڻان ٿي تہ مون ڪي اڳيتي وڌڻو آهي. مان وڻن جي ڇانو ۾ ويهي پربت جا گيت ڳائي نہ ٿي سگهان. مان پنهنجي لاءِ پاڻ وٽ پيدا ٿيل پربت جو موت نہ ٿي آڻي سگهان.“

”پر شمع تنهنجي پيار جي ريکا توکي ضرور مجبور..“

”مان پيار جي ريکا مان نہ ڄاڻان اظهر! مان انهيءَ ۾ يقين نہ ٿي ڪريان. مان خود پيار ۾ يقين نہ ٿي ڪريان. مان پيار جي دشمن ۽ پيار جي ريکائن جي قاتل آهيان. سمجهئيہ. مون ۾ طاقت آهي تہ مان انهن کي ميٽي سگهان — پر مان ائين ڇو سوچيان. مان تہ. مان تہ سنڌي سنواتي ڪاليجي نينگر آهيان. اظهر مون کي ڇڏي ڏي - اظهر مون کي ڇڏي ڏي.“

”شمع، شمع او شمع.“

”هون.“

”رنجي آهين ڇا؟“

”نہ. ڇو، نظر ؟“

”ماٺ ۾ آهين“

”ماٺ ۾ هجڻ ڏوهہ آهي ڇا؟“

”ڏوهہ تہ ڪونهي پر ڏس نہ تہ اسين ڪهڙي فضا ۾ آهيون ڇا تہ پيارو ماحول آهي، هو ڏس تہ پکي ڪيئن لاتيون پيا لنون. هو ڪکرن جي راند ڏس. منڙي هوا جا لوڏا.“

”پوءِ ڇا ٿي پيو. اهي تہ سڀ هوندا آهن. سو انهن جي ڪري ڇا ٿي پيو.“

”شمع آخر ڇو. ائين ڇو. تون اهڙي ڇو آهين.“

”مان ڇا آهيان؟“

”تون سندرتا ۽ معصوم ڪلا جو ميلاپ آهين. تون بهار جي خوشبوءَ. فضا جو سرور آهين. تون چنڊ جي چانڊوڪي. ستارن جو نور آهين. تون خواب جي دنيا. تعبير جو روپ آهين — تون“

”نظر. توکي ڇا ٿيندو ٿو وڃي. هيءُ ڇا پيو چئين. دماغ تہ ٺيڪ اٿئي. اجايو پيو بڪين.“

”ها. مان بڪان پيو. شمع تون سخت سنگدل آهين. شمع توکي مون تي رحم بہ نٿو اچي. شمع ايڏي تون بي رحم ڇو آهين- شمع.“

”مان سمجهي نہ ٿي سگهان تہ هيءُ ڇا آهي. هڪ تہ تون مون کي هت شهر کان پري وٺي آيو آهين. ٻيو تون الائجي ڇا پيو چئين. سنگدل. بي رحم. الائجي ڇا. هل نظر. واپس هلون. تون شهر ۾ ٺيڪ هئين. هت اچي الائجي توکي ڇا ٿي ويو آهي. هل تہ شهر هلون.“

”پر شمع منهنجو ڇا ٿيندو.“

”ڇا ٿيندو!“

”شمع تون منهنجي آهين. مون کي توسان پيار آهي شمع.“

”پيار! ڇا جو پيار. ڪهڙو پيار!“

”اڻ ڄاڻ نہ بڻج شمع.“

”مان اڻ ڄاڻ نہ آهيان نظر، پر اهو توکي ٻڌائي ٿي چڱيان تہ مان پيار ۾ يقين نہ ٿي رکان. پيار فلمن ۾ ٿيندو هوندو، زندگيءَ ۾ نہ. سمجهيئہ. پيار دوکو آهي، فريب آهي. اسين ٻئي دوست آهيون ۽ دوست ئي رهنداسين. باقي انهي پيار ۽ محبت مان مان نہ ڄاڻان. پيار زندگيءَ جو وڏو فراڊ آهي. سمجهيئہ وڏو فراڊ.“ ”نظر تون هيءَ موٽر ڪيئن پيو هلائين. نظر، پاڳل تہ نہ آهين. نظر اسپيڊ تہ ڏس.“

”ها، مان پاڳل ئي سهي.“

”نظر مان ڄاڻان ٿي نظر، مان توکان نفرت ڪرڻ لڳان ٿي، نظر، مون کي توکان سخت نفرت آهي. نظر، گاڏي آهستي ڪر نظر- نظر، مون کي توکان نفرت آهي، نظر.“

”عزيز! مان توکي ٻڌائي چڪي آهيان، تہ محبت جي ڄار ۾ ڦاسي نہ ٿي سگهان.“

”پر، شمع محبت ڪئي نہ ويندي آهي. محبت بي اختيار جذبو آهي. محبت ۾ منڙن جذبن سان جڏهن همڪنار ٿبو آهي تڏهن ڏس تہ اهو فريب آهي يا زندگي جو وڏ سچ. تون پيار کي فراڊ چئہ يا دوکو پر پيار پنهنجي جاءِ تي زندگي جو وڏو سچ ۽ حقيقت آهي.“

”عزيز- مان ائين نہ ٿي چوان تہ ڪو پيار آهي ئي ڪونہ. پيار آهي پر اسان لاءِ نہ. جيڪي رت، گوشت ۽ گند جا ٽڪرا آهيون. اها شيءِ انهن روحن لاءِ آهي. جيڪي ابدي زندگي حاصل ڪن ٿا ۽ پوءِ پيار ماڻين ٿا. هيءُ جيڪو پيار ڏيکاريو وڃي ٿو اهو سڀ دوکو آهي، جسمن جو سودو آهي. پيار هڪ روحاني ڪيفيت آهي ۽ اسين روح ناهيون. اسين انسان آهيون. گند جا ٽڪرا. پيار جي حقيقت آهي تہ اسين فراڊ آهيون. اسان جو پيار بہ فراڊ ۽ دوکو آهي.“

”پر شمع اسين بہ تہ ڪنهن روح جا مالڪ آهيون. اسان وٽ بہ تہ روح آهي جنهنڪري جسم جو گاڏو پيو گهلجي. شمع تون هن دنيا ۾ اڪيلي رهي نہ ٿي سگهين. توکي روح جو سهارو وٺڻو پوندو ۽ جسم — جسم جو تقاضائون بہ پوريون ڪرڻيون پونديون. شمع تون مون ڏي نهار، رڳو هنن اکين ۾ نهار، توکي زندگيءَ جو وڏو سچ نظر ايندو. تو کي هڪ مها ساگر نظر ايندو. مان تو کي ان ساگر ۾ لوڙهي ڇڏڻ ٿو چاهيان. شمع — پر تون روئين ڇوٿي. شمع، شمع، تون روءُ تہ نہ-“

”عزيز، مان اهو برادشت ڪري نہ ٿي سگهان تہ ڪو منهنجا نظريا غلط آهن. مان صحيح آهيان عزيز! مون کي ائين نہ چئہ تہ مان تنهنجي اکين ۾ نهاريان. مان سخت ڊڄڻي آهيان. مان انهي ساگر ۾ لڙهڻ نہ ٿي چاهيان. مان ڊڄڻي آهيان. مان پار ڪان ڊڄان ٿي عزيز. مان پيار ڪريان ۽ پوءِ ڇا ٿيندو. پر مان پيار ڪريان ڇو. مان پيار نہ ڪنديس. مان پيار ڪري نہ ٿي سگهان. مون کي پيار نہ کپي، مون کي همدردي کپي. مون کي دوست کپي. مون کي ساٿي گهرجي.“

”۽ اهو ساٿي جيڪو توکي پيار نہ ڪري ائين نہ! پاڳل. ڀلا ڪو همدرد، دوست يا ساٿي بنا پيار جي ڪئين ٿيندو. هو ضرور توکي چاهيندو توکي ڀائيندو توکي پيار ۽ محبت جي ضرورت آهي. شمي، تون فرار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪر، پاڻ کي دوکو نہ ڏي، توکي پيار جي ضرورت آهي.“

”نہ عزيز نہ. ائين نہ چئہ. منهنجا خيال، عقيدا، منهنجا نظريا.“

اهي سڀ انهن ڳوڙهن ۾ وهي ويندا.“

”ائين نہ چئہ.“

”تون مون کي پنهنجو هٿ ڏي.“

”نہ، نہ، تون بہ مون کي يقين ڏيارڻ ٿو چاهين تہ منهنجي هٿ تي پيار جي، محبت جي ريکا آهي. ائين نہ، نہ، اها ريکا ڪانهي عزيز، بنهہ ڪانهي مان چوان ٿي تہ اها ريکا ڪانهي.“

”نہ مان توکي هيءُ گل ڏيڻ ٿو چاهيان.“

”گل، گل، تون مون کي ڪجهہ بہ نہ ڏي عزيز، تون منهنجو ڪجهہ بہ نہ آهين. مان بہ تنهنجي ڪجهہ بہ تہ نہ — مون کي ڪنهن سان پيار ڪونهي. مان ڪنهن پيار ڪري نہ ٿي سگهان. منهنجي هٿ تي چون ٿا تہ ريکا آهي. پر مان چوان ٿي تہ ريکا ڪانهي. پيار جي ريکا ڪانهي. پيار جي ڪا بہ ريکا ڪانہ ٿيندي آهي. ڪا بہ نہ ٿيندي آهي. هي گل — هيءَ ريکا.“

بند ڪمرو، ڪيس پنهنجي ساهہ ڪٽڻ جوآواز بہ پئي ٻڌڻ ۾ آيو. هوءَ واپس ڪمري ۾ موٽي آئي هئي ۽ اڃا جاڳي پي. هن جي اکين مان ننڊ نڪري رات جي ڪاراڻ ۾ رچي وئي هئي. هن دري کولي. سامهون رات هئي. ڪاري اباٽ رات. هن ڏاڍيان ٿڌو ساهہ پريو، ڪيس موٽ ۾ ٿڌي ساهہ جو آواز مليو ۽ آهستي آهستي هوءَ وڏا ساهہ ڪٽڻ لڳي. ڪيس محسوس ٿيڻ لڳو تہ هوءَ هوش ۾ اچي رهي آهي.

اڇانڪ ڪيس لڳو تہ سندس ڪمري ۾ ڪير آهي. هن کي ڳرن ٿڌن ساهن جو آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو، هوءَ ڇرڪي وئي، هن ڳالهائڻ چاهيو. آواز سندس خشڪ نڙيءَ ۾ گم ٿي ويو. هن ڪنهن آسري، گهوري اونداهہ ۾ نهاريو، ڪيس ائين لڳو تہ سندس آڏو سوين ليڪون پيو ڦرن. سنهڙيون ٿلهيون عجيب ريڪائون. هن فضا ۾ هٿ هلايو. سندس عمل ٻاراڻو هو. هوءَ وري هٿ هلائيندي، ڇڻ تہ ڪا ليڪ جهٽڻ جي ڪوشش ڪندي هجي. اڇانڪ هن کي ڇڻ تہ ڪنهن ڏڪو ڏنو. هوءَ سڄي ڏڪي وئي. رات جي چمڪندڙ اونداهي سندس پيشاني تي آيل پگهر جي ڦڙن کي پرهہ ڦٽي جي ماڪ جو روپ ڏئي ڇڏيو.

اهي ماڪ جا ڦڙا فضا ۾ چمڪيا، ڪير اٿيو. ميز ڏانهن وڌيو، وري ماڳ موٽيو. چمڪ ۾ چمڪ جو اضافو اچي ويو. سندس هٿ ۾ ڪا تيز ڌار چمڪي رهي هئي.

هوءَ چمڪندڙ اونداهيءَ ۾ روشن ليڪ ڏسڻ لڳي. هن اها ڏٺي پوءِ وري ڏاڍي پاٻوهہ سان، انهيءَ تکي ڌار سان ڪيس چلڻ لڳي. ليڪ ڇلجي رهي هئي ۽ ان جا رت ڦڙا هيٺ ڪرندا رهيا. هوءَ سڪون سان پنهنجي ڪم ۾ مشغول هئي. اڇانڪ هن ٿڌو ساهہ پريو ائين جيئن ڪو پورهيت ڪنهن پورهئي ختم ڪرڻ ڪانپوءِ پريندو آهي.

هن هٿ ڏانهن نهاريو. رت جي نڪرندڙ ڦڙن ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ سندس نگاهہ فرش ڏانهن ڪڃي وئي. ڪيس اتي زندگي نظر آئي. هن اڃا بہ گهوريو. اوندهہ سندس سات ڏنو. ڪيس گلن جون پتيون مرڪنديون نظر آيون. هوءَ وڌيڪ جهڪي وئي هن کي لڳو تہ سندس رت جا ڦڙا انهن مرجهايل ڇيپاٽيل پتين کي زندگي بخشي رهيا آهن. گلن جون پتيون مرڪڻ لڳيون هيون. الائجي ڇو گلن ۾ زندگي ڏسي ڪيس درد محسوس ٿيو. اکين مان ڳوڙها ٽمڻ لڳا، هن هٿ ڪٽي ورتو. سندس ڳوڙها هيٺ ٽمڻ لڳا. هوءَ روئندي رهي،روئندي رهي ايستائين، جيستائين گلن جون پتيون وري نہ مرجهائجي ويون.

# دربان

مون جڏهن بہ ڪنهن شهر، ڳوٺ يا وستيءَ تي نظر وڌي آهي تہ مان ان ۾ لڪل تاريخ کي ڳولي هٿ ڪري پوءِ ان سان ڪو ناتو ڳنڍيندو آهيان. منهنجو عقيدو آهي تہ سنڌ جي هر شهر هر ڳوٺ کي پنهنجي تاريخ آهي ۽ خاص طرح جڏهن اوهان ان تي گهري نظر وجهندئو تہ اها تاريخ اتان جي گهٽين رستن، باغن بستانن، گهيٽن گهٽن، گهرن، حويلين، قلعن برجن جي ڪهاڻين تي آڌار رکندڙ هوندي. مان هر انهيءَ هنڌ جي ڪهاڻي کي تاريخ جو اهم حصو ڪري سمجهندو آهيان. چاڪاڻ تہ اهي گهيٽ ۽ گهٽ، واٽون ۽پنڌ منهنجي وطن، منهنجي ماڻهن جي ڪردار ۽ اٿڻي وهڻيءَ کي نمايان ڪن ٿا. هر وڻ ٻوٽو بہ ڪا نہ ڪا تاريخ رکي ٿو ۽ تاريخ جيڪڏهن انهن ننڍين ڪهاڻي کان خالي هجي تہ تاريخ جا ڪردار، ڪردار نہ رهندا. تاريخ جا بخيا هميشہ اڌڙيل رهندا جيستائين ان، ماڻهن سان گڏ وڻ ٻوٽي، ڪليءَ ڪانيءَ، گهٽيءَ گهيٽ جي ڪهاڻين کي پاڻ ۾ نہ سموهيو آهي.

مثال طور منهنجو ڳوٺ آهي، ان کي وڏو تاريخي پس منظر آهي تہ اهو ڪنهن مسلمان بادشاهہ ٻڌرايو هو. پر ان جي ڪهاڻي شهر بنجڻ تائين، تيستائين مڪمل نہ آهي جيستائين اسين قديم اڏاوتن جو ذڪر نہ ڪنداسين، جيستائين سندس باغن ۽ بستانن جو ذڪر نہ ڪنداسين، جيستائين پراڻن کوهن ۽ واهن جو ذڪر نہ ڪنداسين، جن ساڻ هر دور جي ماڻهن جو ذهني ڳانڍاپو رهيو، ڪردار جي تخليق ٿي، ڪردار سيني در سيني ذهن اندر ذهن جي پرورش ڪئي ۽ ان پرورش اسان کي ماڻهو ڏنا. مڙد مٽير ڏنا ۽ ائين ماڻهن ۽ مڙد مٽيرن جي تاريخ ٺهي، پر جي تاريخ رڳو ماڻهن جي تاريخ ليکبي تہ اهو منهنجي ڳوٺ، منهنجي وستي، ان جي وستار ۽ وستوئن سان ظلم ٿيندو. ان ظلم کي روڪڻ لاءِ مان پرچار ڪندو رهندس. چاڪاڻ تہ مان هڪ اهڙي ڳوٺ جو رهواسي آهيان. جنهن جو تاريخ ۾ حصو آهي. جنهن جي ماڻهن جو تاريخ ۾ ذڪر آهي. پر تاريخ ڪٿي بہ اتي جي ڪنهن بہ گهر، حويلي، گهٽيءَ گهيٽ، وڻ يا کوهہ جو ذڪر نہ ڪيو آهي، جن انهن ماڻهن کي تاريخ جو حصو بڻايو آهي. منهنجي سامهون اها حويلي آهي. جنهن جا هاڻ پاسا پيربل آهن، پر اڄ بہ اسان اتي جي رهواسين پنهنجي عزم سان ڳنڍ ٺوپا ڏئي ان کي دائم ۽ قائم رکيو آهي. اهي گهيٽ گهٽ آهن، جن تي چوکيون ڏيندي اسان پنهنجي ۽ پنهنجي گهر جي عظمت برقرار رکي. اهي ڪيپيل با غ آهن، جن جي وڻن جو هڳاءُ اڄ بہ اسان جي ذهنن کي تازه دم رکندو اچي.

انهن ڪهاڻين کي گهٽا ڏينهن نہ ٿيا آهن. منهنجي سانير جي ڳالهہ آهي، مان پنهنجي ابي امان ۽ ادين سان گڏ هڪ وڏي ويڙهي ۾ رهندو هوس ۽ اهو ويڙهو پنهنجي خانداني روايتن سان هڪ وڏي حويلي ۾ رهندو هو. جن بہ منهنجو ڳوٺ ڏٺو آهي، سي ان حويليءَ جي عظمت کان واقف هوندا. هيءُ انوقت بہ چڱڙو شهر هو ۽ اڄ بہ چڱو وڏو شهر آهي. شهر کان پاسيرو هڪ وڏي دڙي تي اها حويلي آهي. جنهن کي چوڌاري هڪ وڏي قلعي نما ڀت آهي، جيڪا سندس رهواسين کي حفاظت مهيا ڪري ٿي. جيئن ئي حويلي کان نڪربو تہ هيٺ رستي تي اچڻ لاءِ هڪ سهڻو گهيٽ آهي. جيڪو آهستي لهي رستي تي اچي ٿو دنگ ڪري. ٻآرڙن جي حفاظت لاءِ گهيٽ کي اهڙو گهڙيو

ويو آهي جو ڪومل پير بہ ان جي گهڙائي کي محسوس نہ ڪري سگهندو. گهيڙ تان لهي رستي تي اچبو هو تہ سامهون اسان جي وڏن جو باغ نظر ايندو هو. ڪجين جو باغ. رستي ۽ باغ سبنڌ ائين هو جو اهو رستو حويليءَ ۽اوطاق جو ساٿ ڏيندو اڳتي تي هليو تہ باغ بہ هڪ سائي پٽي وانگر سائو رستو ٺاهيندو ساٽس اڳيرو تي ٿيو ۽ ان موڙ تائين تي هليو جت رستو. رستو نہ تي رهيو ۽ باغ اتي ئي لنگر لاهي تي چڙيو. اڳيرو گهٽيون هيون. جن مان لنگهندي ڪنهن بہ بندش جو احساس نہ تي ٿيو. چاڪاڻ تہ ميدانن جي ڪشادائي اڳيرو منتظر هوندي هئي.

مان ننڍي هوندي پٽي ڪٽي، جڏهن ملان مڪتب ويندو هوس تہ گهيڙ تان لهندي جي ڊوڙ پائيندو هيس تہ سڌو وڃي رستي تہ بيٺل دربان ڪجي کي پاڪر پائيندو هوس. هيءَ ڪجي حويليءَ جي لنگهہ جي منهن تي هئي. سندس سونهري چوڏا صبح ويلي جڏهن ڪرڻن جي من مستيءَ ڪري سون ورني سونهن بخشيندا هيا تہ مان چاچي علي محمد کي چوندو هوس: "چاچا، هي ڪجي تہ سوني آهي،" ۽ چاچو جيڪو روز صبح جو سوير اسان ٻارن کي ڪنيي ٻاهر گهمائڻ وٺي ويندو هو، هميشہ چوندو هو: " بابل، اسان جي ڌرتي سڄي سوني آهي، پوءِ هيءَ ڪجي سوني ڇو نہ ٿئي."

مان ۽ چاچو صبح جي سير تان موٽڻ ڪان پوءِ ڪجيءَ وٽ ضرور ويهندا هياسين. چاچي نبي بخش ۽ گل محمد وارا سير تان واپس ايندا هيا تہ چوندا هئا: "جڏهن ڏسو تہ هيءُ چاچو ڀائيٽو دربان وٽ ويٺا آهن." ۽ چاچو علي محمد مرڪي ڏيندو هو. مان چاچي ڪان پڇندو هوس: "چاچا، هن ڪجيءَ کي دربان ڇو ٿا چون؟" چاچو ڪجيءَ جي اوچائي ڏي ڏسندو هو ۽ چوندو هو :" بابل، مٿي نهار هيءَ ڪجي توکي ٻين ڪجين ڪان اوچي لڳي ٿي يا نہ ؟"

"ها چاچا، هيءَ ڪجي حويلي مان بہ ڏسبي آهي، هيءَ حويلي جي لنگهہ وٽ دربان وانگر بيٺل آهي. سڌي، اوچي، اڏول ڪو ڦيڏ. ٽيڏ. ڦير يا ڦند بہ تہ ڪونهيس. هيءَ ڪجي اسان جي حويلي جي دربان آهي. پٽ! تو کي خبر ڪانهي! پٽ، جڏهن بہ هن حويليءَ تي چورن اچڻ جو ارادو ڪيو آهي تہ هن ڪجي هميشہ ڪين ڊيڄاري ڀڄايو آهي. جڏهن رات جو اونداهي ۾ هن ڪجيءَ جو ڏيل ڏسندا آهن ۽ هوا جي زور تي سندس آرو آرو ورندو آهي ۽ مٿن وار ڪندو آهي تہ هنن کي جتي بہ هٽ نہ ايندي آهي."

ائين چاچو علي محمد مون کي ورهين جا ورهيہ دربان ڪجي جي ڪهاڻي ٻڌائيندو هليو ۽ ان جي عظمت ايتري تہ منهنجي مٿان ڇائنجي وئي جو مان جڏهن ان ڪجي وٽان لنگهندو هوس تہ نئڙي سلام ڪندو هوس ۽ مون کي ائين لڳندو هو تہ دربان بہ جواب ۾ ٿورو جهڪي نئڙي آهي. مان وڏو ٿيندو ويس. منهنجو بت پربو مضبوط هڏ ڪاٺ وارو ٿيندو ويو. منهنجا سوٽ ماسات بہ مون سان گڏ قداور ۽ سهڻي هڏ ڪاٺ وارا ٿيندا ويا. هاڻ اسين زمين جو ڪم ڪار بہ سنڀالڻ لڳا هياسين. مان جڏهن سوٽ گلڻ. نصير. نازڻ ۽ شيرل سان واندڪائي ۾ وهندو هوس تہ ڪين چوندو هيس."اچو تہ هلي دربان وٽ ويهون." هو بہ منهنجي ڳالهين ۽ چاچي علي محمد جي ڳالهين مان دربان ڪجي جي عظمت کي گهڙي پل لاءِ بہ هيٺ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هيا. مان بہ جتي چاچو علي محمد دربان جي داستان کي ڇڏيندو هو، اتان ڪٺندو هيس.

"شيرل، توکي خبر آهي تہ دربان جا ڏوڪا ۽ڪتل ڇو ايڏا منا آهن. چاڪاڻ تہ هن ڌرتي جي مٽي ۾ ڪڙاڻ جو نالو ئي ڪونهي. هتي جو پاڻي، مصريءَ مليل پاڻي آهي، هتان جا ڪوهہ ۽ واهہ

سنڌوءَ مان پاڻي ڪڍندا آهن. جنهن سنڌوءَ کي ازل کان ابد تائين وڏڙن جي دعا آهي ته ان جو پاڻي ڪڏهن ڪارو نه ٿيندو. دربان سنڌوءَ جي مٽي پاڻيءَ ۽ مصري هاڻي ڌرتيءَ جو ميلاپ آهي. اهڙا ڪيئي دربان اسان جي وطن ۾ پکڙيل آهن. ڪو جيڪر انهن جو خيال ڪري ڏسي گلڻ، ڏيان سان ٻڌ. جي اسين دربان کي ايترو نه پائيئيون ته جيڪر اهڙو مٺو ڦل به نه ڏئي ۽ ائين اسان جو خيال به نه ڪري."

ائين نه هو ته ڪو دربان ڪجي رڳو اسان جي هئي پر ڳوٺ وارا به سندس ڏنگ ڏونڪا، ڪتل ڪائڻ لاءِ حيران هوندا هيا. چاچو علي محمد دربان کي پنهنجي سنڀال هيٺ رکندو هو. وقت اچڻ تي ان جي پريل چڳن تي تڏهن چاڙهائيندو هيو ۽ جڏهن ڪتل لهندي هئي ته تبرڪ طور حويلي جي هر گهر ۾ ويندي هئي ۽ وڏڙيون خاص طرح چاهه سان کائيندين، کارائيندين ۽ چونديون هيون:" ابا، دربان وڏڙن جي پوکيل آهي. جيڪو هن جي رس پريل ڪتل کائيندو. اهو وڏڙن جي دعا به ماڻيندو."

جڏهن به عيد جو چنڊ ڏسبو هو ته وڏڙيون چونديون هيون : "ابا دربان جي مٿان نهاريو ۽ ڪجي جي مٿين شاخ اپي تي ضرور ان ڏانهن اشارو ڪندي. جي چنڊ نه هوندو ته شاخ اپي تي نه ورندي."

پر چوندا آهن ته هر بقا جي فنا آهي. حويلي ۾ رهندڙ ڪٽنب وڌندا ويا. نينگر وڏا ٿيندا ويا. جاءِ سوڙهي ٿيندي وئي ۽ پٽن جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي. وڏڙا وينا ورهاستون ٿيون. حويليءَ جا حصا ٿيا ته باغ به وراهيو. اجا ورهاست کي ڏينهن ئي نه ٿيا ته چيائون باغ وڍايو ته پٽ ٺهن ۽ جايون جڙن. مان اها گهڙي ڪيئن وساريندس. جڏهن چاچو علي محمد جنهن جو هاڻ پيريءَ ڏانهن پير هيو. پڙ ڪڍي بيٺو چائين: "اڙي. چو چتا ٿيا آهيو. اول چار ڏوڪڙ جوڙيو پوءِ ڪيو خيال جاين جوڙائڻ جو. اهو ته نهيو، هليا آهيو باغ ڪپائڻ. چار پيسا ملنو تا. اهي به تا وجايو. اها ڪا ڪيو جو مينهن وسندي ڪم اچيو."

پر سائين شل نه گهر ڦٽي، پائر اچي ڦتا، سوٽن ۾ سيٽ گهٽي ماساتن ميسٽي نموني سان وار ڪيو ۽باغ ڪپجي ويو. اسين ته ننڍا نينگر هياسين چاچو علي محمد پنهجي پراڻي ڏڦي هوندي به هنن سان وڙهي نه سگهيو.

اها منجهند به عجيب هئي، چاچو علي محمد ڪاٽيرن تي وريون وريو پي ويو ته دربان کي جيڪو هٿ لائيندو سو مئو پيو هوندو. سندس هٿ ۾ ڏڦلو چمڪيو پي، منهن تامٽي هنيل هوس. اسين ٽي چار پائيتا سندس پر ۾ هياسين. اتي چاچو گل محمد، نبي بخش ۽ سندس سوٽن مان نواز علي ۽ غلام علي پڻ آيا. جن ڏاڍي رمز سان ڪيس گهر آندو ۽ پک ڏياري ته باغ پلي پيو سڄو وڍجي پر دربان ڪجي نه وڍبي.

منهنجي وڏي پڦي ۽ چاچي پڻ روئينديون آيون ۽ اچي ڪين چيائيون. "هيءُ ڪهڙو ڦهر ٿا ڪريو. دربان اسان جي سالن جي ڪجي آهي. اسين ٻارڙيون هن ڪجيءَ هيٺ پليون آهيون، هن جي ڪتل تي ويلا تاريا اٿئون. ڏکين ڏينهن جي پرجهلاٽو کي ائين ڪپيندي ڪو قياس نه ٿو اچيو." ماسي جنان ته دانهن ڪري چيو :"اڙي رحمت جي فرشتي کي ٿا هٿئون وڃايو. دربان آهي ته حويلي به آهي."

پوءِ ته اچي حويلي ۾ تاڪوڙا پيو ۽ سڄي ويڙهي ۾ دانهن هئي ته دربان ٿي ڪپجي. مون ائين محسوس ڪيو ته ڄڻ ته ڪو جاندار ٿي ڪٽيو، ڪو عزيز ٿي رٺو، ڪو دلدار ٿي ڇنو. نيٺ چاچي علي محمد ۽ پائرن گڏجي سوچن، نواز علي ۽ پناهه علي کي مڃايو ته دربان نه وڪبي، چاڪاڻ ته دربان سندن حصي ۾ ٿي آئي ۽ دربان وڏڻ سان سندن پٽ سڃئون ٿي ٿيو.

منجهند خير جي گذري، چاچو علي محمد ساڻو ٿيو پيو هو. مونکي چيائين: ”بابل، تون وڃي ٻاهران چڪر ڪر ڏئي آ، اڄ پڪي رستي تي گهمڻ ڪو نه ٿا هلون.“

شام وري آئي هئي. مان جيئن ئي حويليءَ جي وراندي مان نڪري اڱڻ ۾ آيس ۽ سامهون نظر ڪيم ته حويلي جي وڏي پيٽ ٻسي پانيم. اڄ ات دربان جا پاڇولا نه هيا. دربان ايڏي وڏي عالم پناهه کان ٻه مٿي چڙهي حويليءَ اندر ليٽا پائيندي هئي. ويڙهي جا پاتي سندس شاخن کي ۽ ڦرن کي ڏسي هوا جو رخ پرکيندا هيا. اڄ ڪا هوا ئي اهڙي لڳي هئي جو سڀ رخ ڌرتي ڏانهن هيا. ايا ٻه سنئين چوٽيءَ فرش تي هيا. مون کان بي اختيار دانهن نڪري وئي ”چاچا، دربان!“ چاچي وٽ دانهن ڄڻ پتيون ڏاري اندر ڪوٺيءَ ۾ پهتي ۽ هو اتان پيرين اگهاڙين ٻاهر پڄندو آيو ۽ پيٽ جا خالي ٻنا، پسي وسامي ويو. بي اختيار نڪتس.

اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
هو جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

هو جهڪيو ۽ ويهي رهيو. جيئن چاچو ڌرتي ڏانهن جهڪيو ۽ وڃي فرش ڪنيائين. تيئن وري نه اٿيو. ٻن ٽن ڏينهن اندر مٽيءَ واءُ ٿي ويو.

جنهن شام جو دربان ڪڄي وڃي، ان رات حويلي جي ڪيترن گهرن ۾ ڪنو نه چڙهيو ۽ ڪنهن ڪٽنب شايد ڪو ڪٽو چکيو هوندو. سڄي رات ٻڪرين جي جاءِ ۾ ٻڪريون ٻاڪاريندڙيون رهيون. صبح جو ڪنهن نه ڪنهن جو ننگ ڪٽل هو. گهٽيون پٽ پيو هيون. خاموش ائين جيئن دربان وڃي خاموش پٽ پئي هئي.

بابي ۽ چاچي علي محمد جي ماسات نواز علي وارن کي ارهائي نه هئي هٿ سرهائي ٻه نه ئي. ڪيو ته ڪڏو ڪم هٿائون، پر چين ڪنهن ٻه ڪو نه. چاڪاڻ ته پٽ هنن جو هيو، مالڪ هو هيا پر انهي صدمي سڄي حويلي ۾ روڻ وجهي ڇڏي هئي. اهي قرب ۽ مٺ محبت جون ڳالهيون، اهي اڱڻ ۾ ڇهڇتا ۽ چوٻول، هڪ ٻئي جو ڏيڻ وٺڻ، ماني گڏ ڪائڻ سڀ ائين ختم ٿي ويو. جيئن دربان ۽ چاچي علي محمد وڃي پٽ ڪنيو هو. ڪو ڌرتي تي ائين بي ڪفنيو پيو هو ۽ ڪو ڌرتي هيٺ وهنجي سنهجي ڪفن سوڌو آرامي هو.

اڃا اهي صدما نوان هيا ته هڪ رات حويلي ۾ چور گهڙيا. اسين ننڍا نينگر سڀ اوطاقن تي سمهندا هياسين ۽ حويلي ۾ ڪجهه وڏڙا سمهندا هيا. جنهن رات چور گهڙيا، اسان اڃان اوطاق تي ڳالهيون پي ڪيون ۽ ائين اسان رڙيون ٻڌيون، سڀ پڳاسين کي حويلي جي وڏي دروازي ڏانهن جيڪو بند هيو. مان ۽ شيرل حويلي جي صفا پنيان، جتان حويلي جي پيٽ ڪجهه ڏڙن جي ڪري هيٺ پيرو هئي. اتي پهچڻ کان اڳ اسان ديڪي جو آواز ٻڌو ۽ اونده ۾ ڪجهه پاڇن کي گم ٿيندو

ڏنوسين. حويلي جي تاريخ ۾ پھريون ڀيرو چور آيا هيا. پر پاڳين جي سجاڳ ٿيڻ تي مايوس ٿي هليا ويا. حويليءَ جي رھواسين لاءِ اھو ھڪ اھڙو ٽڪو ۽ نشان ھو، جنھن ڪين مجبور ڪيو تہ ڪنڌ هيٺ جھڪائي ھلن. متان پيشاني تي آيل ٽڪو ڪنھن ڪي نظر نہ اچي وڃي.

مان ھاڻ ان دربان جي ٿڙ وٽ وھڻ لڳس. جت ويھي سوچڻ لڳندو ھوس تہ ڇا دربان سچ پچ اسان جي محافظ ھئي. ھن جي سمھي پوڻ سان اسان جو تحفظ. اسان جي عزت سڀ ڪجھہ ختم ٿيڻ تي آھي. ڇا واقعي حويلي دربان جي دم سان آھي؟

آھستي آھستي سوٽ گلڻ، شيرل، نصير، نازڻ ۽ ولي محمد سڀ اتي دربان وٽ شام جو گڏجڻ لڳاسين. ڪي ٿڙ تي ڪي ڪجي جي بنڌ تي ويھي رھندا ھيا. ھاڻ آھستي آھستي اسان دربان ڪجي جي چوڌاري ويھي ھڪ سجاڳ منڊلي قائم ڪئي. ڪچھريون ھلڻ لڳيون. سجاڳيءَ جون ڳالھيون ماحول جي سڌاري جون ڳالھيون ۽ ائين اسان محسوس ڪيو تہ دربان ستل ھوندي بہ اسان کي آھستي آھستي اھڙي قوت بخشي رھي آھي. جيڪا اسان کي نہ رڳو جسماني طرح پر ذھني طرح بہ پختو بڻائي رھي آھي. ائين آھستي آھستي جوانن جو ميڙ روشن ذھن سان اڳتي وڌي رھيو ھيو. ڪي وري پڙھڻ لڳا، ڪي محنت سان ڪم ڪرڻ لڳا. ڪن ڳوٺ کي ناھڻ جو پروگرام ٺاھيو. تہ ڪن کوھن کي تي صاف ڪيو ۽ ڪن نالين تي ڌوئرايون. اسين سڀ جڏھن چاچي علي محمد جي نڪتي ڪان قصي کي ڪٽي دربان تائين پھچائيندا ھئاسين ۽ دربان وڌڻ ڪان موجوده وقت تائين غور ڪندا ھياسين تہ اسان کي ائين لڳندو ھو تہ اھي ڪي اھم نڪتا آھن، جن جو ڳانڍاپو ڪو موڙ پيدا ڪري سگھي ٿو.

مان اھو موڙ ڪيئن وساريندس جڏھن ھڪ رات ڳوٺ تي ڌاڙيلن حملو ڪيو. رئيس شاھنواز جي بنگلي تي پھريون ڏڪ ھنيائون. دانھون ٿيون ۽ اسين اٿياسين. ھوڪر تي سڀ سوٽ ۽ اسان جي ٽولي جا جوان اوطاقن مان نڪري پيا. ڪي حويلي کي ويڙھي ويا ۽ ڪن اڳيرو وڪ وڌائي ھوڪرن تي ۽ شاھنواز خان جي بندوق جي ٺڪائن تي ڌاڙيل ڦيرو ڏئي ٽتا سڌو حويلي ڏانھن جيڪو ڳوٺ جو اھم نشان ھيو. مون ڪارا پاڇا ڏٺا. مان دربان جي وڏيل ٿڙ تي چڙھيو بيٺو ھيس. جوان ڦھليل ھيا. مون وٽ ھڪ ڪھاڙي ھئي. اسان کي پنھنجين ڪوتاھين جو احساس ھو. پر ھمٿ ھئي جنھن اسان کي اڳيرو تي ڪيو. ڌاڙيل متين گھٽي ٽپي، حويلي جي دروازي تي آيا ھيا. اسان رستي واري پاسي ڪان گھيڙ وٽ بيٺا ھياسين. اسان ڪين حويلي وٽ جمع ٿيندي ڏٺو. ھن ھڪلون تي ڏنيون تہ دروازو کوليو. ڪين شايد خبر ھئي تہ حويلي وارا صدين ڪان حفاظت جي اثر ھيٺ ھيا. ھنن وٽ تہ مڏو ھٿيار بہ ڪونھي. ڪين اھا بہ خبر ھئي تہ ڪي نوجوان ڳتو جھليو بيٺا آھن. مون گلڻ ۽ نصير کي گھيڙ تان متي چڙھندي ۽ وڌنڌي ڏٺو. مون دانھن ڪري ڪين چيو ”گھيڙ نہ چڙھو. ھو سامھون آھن. توھان لڪل رھو.“ مون ھڪل ڏئي ڪين چيو ”نہ ويندا. چور، چور جا پٽ“ ھنن اونڌھہ ۾ نھاريو. ھنن کي متان ڏسڻ ۾ آيا. ھو ھٽڪيا پر دوروازي وٽ جھڪي جاءِ سنڀاليئون. ائين شيرل سھڪندو، شاھنواز خان جي بندوق ڪٽي اچي پھتو. مون سٽ ڏئي بندوق ڪانئس ورتي، دربان جي ٿڙ جي اوٽ وٺي آ ڪرايو مان ”نہ ويندا آھيو.“ ھنن جوابي فائرنگ ڪرڻ جي ڪئي. مقابلو شروع ھو. شيرل ڪھاڙيءَ سان دربان جا ڳپل لاھڻ شروع ڪيا. مون گھڙي پلڪ لاءِ ڏانھن نھاريو پر فائرنگ تي توجہ ڏيٽي پيم. پر ھر ھڪ ڏڪ ھنيانءَ ۾ پي پانيم. ائين ڏٺم تہ گلڻ، نصير ۽ پاڙي جا جوان

گهيڙ جي آڙ وٺي سري آيا ۽ اچي ڪجي جا ٽڪر ڪنيائون. هنن انهن ڪي تيزي سان ڏانهن اڇلڻ شروع ڪيو. ڪنهن جوان ڪجي جي بجن ڪي باهه ڏئي ٽڪر اڇلڻ شروع ڪيا. اوچتو حويلي مٿان ڪوٺي تان سرن ۽ پراڻن دبن ۽ ٽينن جو ٽڙڪو شروع ٿي ويو. شيرل وري ڪڪ پن گڏ ڪري دربان جي هڪ حصي مٿان رکي باهه ڏئي ڇڏي. هاڻ ته ڏينهن هو. اوچتو مون محسوس ڪيو ته نصير ڪريو. جيئن مان ڏانهنس وڌيس ته مون سمجهيو ته ڪنهن پگهاريل سيهو منهن جي ٽنگن ۾ پري ڇڏيو آهي. ڪي جوان ڪريا ڪي جوان وڌيا. رئيس شاهنواز جي ماڻهن ڏاڙيلن جو پريون ڳٽ بند ڪيو. جڏهن مان هوش ۾ آيس ته ماڻهن جا ميڙ هيا. ڏاڙيلن مان ڪي مئا، ڪي ڏڪيا ۽ جيئرا جاڳندا جهليا.

مون دربان ڏانهن نهاريو جيڪا سڙي رک ٿي چڪي هئي. سندس ٽڙ قائم هو ۽ قائم آهي. اهي گهيڙ گهٽ اها حويلي، اهو ڳوٺ اڄ به موجود آهي. نوجوانن جو عزم ۽ حوصلو اڄ به بلند آهي. پوءِ به ائين نه چوان ته تاريخ جي صفحن تي جي ماڻهو اڪريل آهن ته اهي وستيون. اهي واٽون ۽ پنڌ، اهي گهيڙ ۽ گهٽ، اهي وڻ ۽ ٽڻ، اهي ڪوهه ۽ واهه به اڪريل هجن جن جو انهن ماڻهن ڪي تاريخ بنائڻ ۾ وڏو هٿ آهي ته دربان جو نالو ان ڪان به اڳيرو اچڻ ڪپي. اسين سڀ ڳوٺ جا رهواسي اڄ به دربان ڪي ياد ڪريون ٿا ۽ اسان انهيءَ دربان جي پرسان نئين ڪجي به پوڪي آهي، جنهن جو نالو به دربان آهي.

❊

# هڪ هرڻيءَ جي ڳالهه

هيءَ ڪنهن خاص هرڻيءَ جي ڳالهه ڪانهي. هيءَ سيني هرڻين جي آهي. جن جون سهڻيون من موهيندڙ اکيون مشهور آهن. حقيقت ۾ هيءَ ڳالهه سيني اکين جي آهي، جيڪي ڳالهائي ڄاڻنديون آهن ۽ هيءَ آهي به ته هڪ ڳالهه.

اڇو ته توهان کي هرڻي جي ڳالهه، اکين جي ڳالهه. ڳالهه ڳالهه ۾ ٻڌائي ڇڏيا. ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڳالهه مون کي چرڪائي ڇڏيو آهي.

ڪجهه ڏينهن ٿيا جون مان اباڻي زمين تي زميندارِي ڪرڻ ويو هوس. منهنجو ننڍڙو ڏهن ورهين جو پٽ به ساڻ هيم. ڇاڪاڻ ته هي به سندس اباڻي ملڪيت هئي ۽ ڪيس ئي سنڀالڻي آهي. پوءِ پلا ڪيس، پاڻ ڪان. زمين ڪان ڇو الڳ رکان؟ زمين تي پهتس ته هارين جي گهرن جي ٻاهران ئي ديري تي هنڌ کٽولا وڇايل هئا ۽ ڏاڍو بالم تي وڃي ڪرت ڪي لڳس.

ٿوري ويرم ڪان پوءِ ڏٺم ته مون وارو نينگر گم هو. پڇا ڪيم ته ڇيائون. " سائين! علو ڪمدار ڪيس گهرن ڏي وٺي ويو آهي." دل ۾ خوش ٿيس. ڇيم ته هاري به سندس ۽ انهن جا ننگ به سندس، ڪيس ئي سنڀالڻا آهن. ڪا مهل تي ته ڏسان ته هڪ ننڍڙي ٻچڙ هرڻي نچندي اچي ۽ هو انهيءَ سان ڪيڏندو اچي.

" اڙي بابا، هي هرڻي ڪنهن جي گهلي آيو آهين."

"بابا، چاچا ڪمدار وٺِي ڏني آهي. غلامون هاري جي پٽ جي آهي. بابا، هو وري ڏئي نه پيو ۽ روئي پيو، چاچا ڪمدار دڙڪا ڏئي هرڻي کڻي آيو."

الائجي ڇو مونکي چرڪ پئجي ويو. اتي ٻيهي رهيس. "پر پٽ، هي پرائي آهي، غلامون جي پٽ جي آهي توهان کي نه وٺي اچڻي هئي."

مون سندس اکين کي پرجندي ڏٺو. سندس اکيون التجا سان پربل هيون. مون ڪمدار ڏي ڏٺو.

"سائين ڪهڙي ڳالهه آهي، هي راڄ سڄو تنهنجو آهي، سڄي تنهنجي ملڪ آهي، هرڻي ڪهڙي شيءِ آهي. غلامون جا مائٽ جبل ڏي رهندا آهن. حڪم ڪيو ٻيون هرڻيون ڪوڙ."

غلامو اڳتي وڌي آيو. "بادشاهه. ننڍڙي حاڪم تان هڪ ڇا، سئو هرڻيون قربان. منهنجي پٽ اها پالي آهي، تڏهن ڪيتو ڪيو اٿائين. ڪيس ٻي گهرائي ڏيندس. هرڻي ننڍڙي حاڪم جي ملڪيت آهي. منهنجا سائين."

مان ويهي رهيس. ڪمدار، غلامو، علڻ، جانڻ ولو گلو ۽ رحيم واري واري تي ڳالهائيندا رهيا. هو ڇا ڳالهائيندا رهيا سو مان سمجهي نه سگهيس. منهنجو اکيون پنهنجي نينگر تي کتل هيون، جيڪو هرڻي سان ڪيڏي رهيو هو. منهنجي لاءِ ته وقت پنيرو هليو ويو هو ۽ ان نينگر جي جاءِ تي مان انهيءَ ئي هرڻي سان ڪيڏي رهيو هيس. رڳو زمان و مڪان جو فرق هو. هاڻ منهنجي سامهون ڏنڌ ۾ ويڙهيل ڪارا ٽڪر هئا. انهن جبلن جي هنج ۾ لس ئي لس ميدان ۾ ننڍڙو ڳوٺڙو هو، انهن گهرن ڪان پريرو سرڪاري بنگلا هئا. ڪجهه ڪوارٽر ها ۽ مان هيس. هڪ مون وانگر ننڍڙي هرڻي جنهن جو نالو ڪونجڙي هو. مون سان ساڻ هئي. مون به پئي ساٽنس ٽينگ ڏنا. مون سندس ڳچيءَ

۾ هٿ وجهي سنڌس اکين کي چميو. مون کي سنڌس اکيون اهڙيون وڻنديون هيون، جو جڏهن بابا جي آڏو انهن اکين جي ساراهه ڪندو هئس، ته بابا کلي منهنجي ماءُ کي چوند هو ”پٽهين ته ڪو شاعر ٿيندو!“

هرڻي چانگ ڏئي ۽ سنڌس اکين ۾ مستي نه پرجي، اڻ ٿيٽي آهي. انهي مهل سنڌس اکيون سنڌس انگ انگ جي مستيءَ کي ظاهر ڪنديون هيون. مان انهي مستي ۾ ئي گم هيس ته بلاول ڊوڙندو آيو ۽ هرڻي کي رسي کان وٺي ڪاهڻ لڳو. ”هي هرڻي منهنجي آهي، هاڻ توکي نه ڏيندس. سچو ڏينهن ٿو ڊوڙائينس. منهنجي هرڻي ٽڪجي پئي آهي.“

مون وٽ آهر وڌي ڪانئس هرڻيءَ جي رسي ڦرڻ جي ڪئي، پر مان آفيسري ٻار، ڪاتي هو جابلو نينگر هڪ ئي ٺيلهو ڏنائين مان پري وڃي پيس.

مون روئي اچي بابا کي دانهن ڏني. پلا ڪاتي بابو منهنجو ضلع جو وڏو آفيسر، ڪاتي هڪ پٽيوالو ۽ ان جو پٽ. ان مهل هرڻيءَ اچي بنگلي تي ٽڪاءُ ڪيو. بلاول جو ڪوارٽر پري نه هو، سنڌس رڙيون سڄي رات پئي ٻڌڻ ۾ آيون، بابا منهنجي هرڻي، بابا منهنجي ڪونجڙي!“

هيءَ ته ڳالهه ئي نه هئي جو پٽيوالو همت ڪري پنهنجي آفيسر کي چوي. بلاول ٻئي ڏينهن ٽيجي پيو. مان وٽس هرڻي ڪٺي ويس. چيو مانس ته گڏجي کيڏون جيئن اڳي کيڏندا هياسين، پر هو چوي، ”ڪونجڙي منهنجي آهي رڳو منهنجي آهي.“

سرڪاري ضد ۾ هرڻي منهنجي هئي ۽ مان هرڻي سان وڃي کيڏڻ لڳس. شام جو اهوئي ميدان، اهي جبل ۽ ڪونجڙي هئي. ائين ڏٺم ته بلاول ڊوڙندو آيو.”هاڻي هيءَ هرڻي منهنجي آهي، بيگم صاحبه چيو آهي ته پلي وڃي تون کڻ. منهنجي امان مونکي بيگم صاحبه کان هرڻي وٺي ڏني آهي.“

مون سامهون نظر ڪئي، بنگلي جي ٻاهرئين ٿلهي تي منهنجي امان بيٺي هئي ۽ اشاري سان مون کي سڏي رهي هئي. مون کي ياد آيو ته بابا به ٻاهر گشت ۾ ويل آهي. پاسو ڪٽڻ وارو به ڪونهي ۽ هرڻي به کسجي ويندي. ڏاڍي خار مان هرڻي ڪاهيندو بنگلي ڏانهن آيس. اتي پهتس ته امان پيار سان سمجهايو ۽ مان هرڻي ڏي ڏسندو رهيس. جا آرام سان ٿلهي وٽ ويهي رهي هئي.

الائجي چو ايڏي بي عزتي پانيم جو جلد هڪ فيصلو ڪري ورتم. مونکي ان مهل نه ته هرڻيءَ جون چانگون ياد آيون، نه من موهڻيون اکيون. بس چپ چاپ ٿلهي تي چڙهي ويس ۽ اک هڪ چڱي ڳري پٿر تي هيم، اک ڇنڀ ۾ پٿر کڻي هرڻي مٿان اڇلايم. جيستائين امان پهچي، بلاول ڊوڙي يا هرڻي سجاڳ ٿئي. هرڻيءَ جو مٿو بنهه ڏاري وڌم. منهنجي اکين آڏو هرڻي جون اهي اکيون ياد آهن. جن ۾ اهڙيون التجائون صدين جون صدائون هيون. جو ائين سمجهيم ته سڄي وادي گونجي اٿي آهي. ان سان گڏ بلاول جون دانهون اپ ڏاري رهيون هيون. مون بلاول ۾ به اهي ئي صدائون پسيون الائجي چو سنڌس اکيون مون کي هرڻيءَ جي اکين کان مختلف نه لڳيون.

اڄ جڏهن منهنجو پٽ اهڙي هڪ هرڻي کڻي آيو ته سچ پچ ته ڏڪي اٿيس. ۽ جيئن چرڪ پريم ته ڏسان پٽ مونکي ڪجهه چئي رهيو آهي.

”بابا، هو آهي غلامونءَ جو پٽ!“ ڏٺم ته هڪ نينگر ڪنڌ هيٺ ڪيو، ٻني تان وڃي رهيو آهي. چانگ ڪرڻ لاءِ هڪ ننڍڙي ڪهاڙي هٿ ۾ اٿس، جا ٻوڙن تي هٿندو نڪتو پئي ويو.

مون غلامونءَ کي چيو تہ ڪيس سڻ ڪري. غلامونءَ جي سڏ تي هن لوٽو ورايو ۽ ڪجھ وقت اتي بيٺو رهيو ۽ پوءِ سري ويجهو آيو. سندس اکيون روئڻ ڪري ڳاڙهيون هيون.

”پٽ اوري آ تو کي هرٽي ڪپي“

يڪدم مون واري پٽ دانهن ڪئي ”بابا مان هرٽي ڪو نہ ڏيندس!“ مون ڏٺو تہ سندس اکين ۾ جا جوت جاڳي ٿئي، ات مايوسي جا پاڇولا اچي ويا هيا.

”نہ سائين هرٽي ننيڙي حاڪم جي آهي. اڙي هل ڇورا! وڃي ٻڪرين کي ڏس، هل“ غلامونءَ ڇهڙ ڏنس.

مون يڪدم ڪيس روڪيو. ”پٽ، بيهہ اسان هرٽي ڪٽون ٿا. پر ائين نہ. اچي هيءُ وٺ. تون ٻي هرٽي وٺجانءِ“ ڏانهنس پنجاهہ جو نوٽ وڌايم. ڏٺم تہ سندس اکيون پرجي آيون هيون. هن نوٽ وٺي هرٽيءَ ڏانهن ڏٺو جا پرپرو وڻ سان ٻڌي بيٺي هئي. اوچتو سندس اکين ۾ مون هڪ عجيب چٽنگ ڏٺي. هن مون ڏانهن ڏٺو، هن جو اکيون ڳالهائي رهيون هيون اهڙي ڳالھہ، جنهن ۾ نہ التجا هئي، نہ صدا هئي. ڇيي هئي، جنهن پڙڪو ڪاڏو هو ۽ الر ڪري هرٽيءَ ڏانهن وڌيو. مان تہ پنڊ پهڻ ٿي ويو هوس. هن جي ڊوڙ، تڪائي ۽ جلدائي حيرت ۾ وجهندڙ هئي.

هن هڪ ئي ڏڪ ۾ ڪهاڙيءَ سان هرٽيءَ جي منڍي لاهي وڌي. وڃ هئي جنهن وراڪو ڏنو هو. مون ڏانهنس ڏٺو، هن مون ڏانهن ڏٺو ۽ سندس اکين هڪ دفعو وري ڳالهايو. مان ڇا ٻڌايانوَ تہ هن جي اکين ڇا ڳالهايو. شايد وقت اهڙو اچي جو توهان سان ائين ئي ڪي اکيون ڳالهائين ۽ سمجهو تہ هو ڇا ٿيون چون. هن نوٽ ڦاڙيو، ڏڙها هنيا ۽ واڪا ڪندو ڊوڙند نڪري ويو. مون ڏٺو تہ ڇوڀول پئجي ويو. مان وڌي هرٽيءَ تائين ويس. اهي اکيون اهي ئي التجائون، اهي ئي صدائون.

هرٽيون شايد هرٽيون آهن. سڀ ساڳيون، من موهٽيون اکيون، اهي ئي اکين ۾ التجائون ۽ صدين جون صدائون پر ماڻهو! منهنجي آڏو بلاول جون اکيون، پوءِ غلاموءَ جي پٽ جون اکيون ڦري آيون. ڪيڏيون نہ مختلف هيون!

”ڪيڏو نہ زمان و مڪان جون فرق آهي!“ مون سوچيو.

مون پنهنجي پٽ ڏانهن ڏٺو جو هرٽيءَ مٿان رڙيون ڪري روئي رهيو هو. مون کي ائين لڳو تہ هو بلاول بڻجي ويو آهي.

❊

# سونهن ۽ سوڀيا

هوءَ ڪا گهڙي ڇهن سونين چوڙين کي تڪيندي رهي. سندس هٿ ان جي گولائي، سونهن ۽ چمڪ کي توريندا رهيا. آهستي آهستي سون جي چلڪي جا ترورا وڌي سندس اکين جي چمڪ کي وڌائيندا ويا. هوءَ هاڻ چٽو ڏسي پئي سگهي. سندس اکين ۾ آيل ڳوڙهن جي نار ٽٽي پئي هئي. ان جو بند وقتي جهلاٽو بند مثل هو. هو ٽڪرو ٽڪرو ڏسڻ لڳي. ڪيس ڊپ هو ته ڪٿي وري اهو جهلاٽو بند نه ٽٽي پئي ۽ سندس اکين جيڪي ڏٺو آهي سو نه گم ٿي وڃي. هن ڏٺو ته سندس آڏو هو بيٺو هو. سنئون سڌو ساڻس ڳالهائي رهيو هو.

”رونق!“

”جي“

”رونق، مان ايڏو تونگر ناهيان، پر جيڪو خزانو مون کي مليو آهي، ان سان منهنجو من ايڏو ته مالا مال آهي جو سوچيندو آهيان ته سونهن جي ديويءَ لاءِ ڪهڙو جڙاءُ؟ پر منهنجي رونق منهنجي گهر جي روشني ئي منهنجي سونهن ۽ سوڀيا آهي رونق!“

هن ڏٺو ته سندس هٿ وڌي سندس ڳلن تي پهتا ۽ سندس پيشاني چهي چيائين. ”توهان جي طبيعت ته ٺيڪ آهي. اڄ ڪهڙيون ڳالهيون پيا ڪريو. مان ڀلا توهان کان ڪڏهن ڪجهه گهريو به آهي. مون وٽ سونو زيور ڪونهي ته ڇا ٿي پيو توهين مون لاءِ ڪنهن قيمتي زيور کان گهٽ آهيو ڇا؟“

”نه رونق، مون هميشه تنهنجي ٻانهن ۾ ڪچ جون ڪڙڪندڙ چوڙيون ڏٺيون آهن. رنگ به سهڻا هوندا اٿن. تنهنجي سهڻين ٻانهن جي وڻندڙ وراڪن سان واڄو به وڻندڙ ڪنديون آهن پر نه مٺي! سون جي سونهن ئي ٻي آهي. تون اڄ اهي سونيون چوڙيون پاءِ ته مان تنهنجي سنگ مرمر جهڙين ٻانهن ۾ انهن جي سونهن ڏسان ۽ ٻڌان ته اهي ڪهڙو واڄو ٿيون ڪن.“

هن ڇتي طرح ڏٺو ته هن ڪلي، چوڙيون پاتيون ۽ وراڻيائينس: ”ڪڏهن ڪڏهن ته منهنجي سلسلي ۾ شاعري نه ڪندا ڪريو.“

”رونق منهنجي شاعري تنهنجي دم سان قائم آهي. جنهن ڏينهن تون نه هوندينءَ ان ڏينهن مان پنهنجي شاعري جو انت آڻي ڇڏيندس.“ هن ڏٺو ته سندس مڙس چپ ٿي ويو نهايت ئي ڳنڀير ٿي آهستگيءَ سان چيائين: ”رونق، تون نه هوندينءَ ته منهنجي شاعري مري ويندي، جي منهنجي شاعري مري وئي ته مان مري ويندس. پر جي مان مري وڃان مٺي! ته پوءِ؟“

هن ڇتيءَ نهاريو ۽ ڏٺو ته هوءَ ڪا گهڙي چپ ٿي وئي ۽ نيٺ اونهاين مان آواز نڪتيس: ”ڏٺي نه ڪري، سائين! خدا توکي سلامت رکندو. رب ڪندو ته مان تنهنجي هٿن ۾ سرهي ٿينديس.“

”پر رونق! جي مان مري ويس ته ايترو ته ضرور ٿيندو جو هاڻ تنهنجيون ٻانهون شيشي جي چوڙين ڀڄڻ سان زخمي نه ٿينديون. ان جي سونهن کي ڪٿي به داغ نه لڳندو. توکان جي سونيون چوڙيون لهرايائون ته به تنهنجي ڏکين ڏينهن جون ضرور ساٿياڻيون ٿينديون.“

هن جي اکين جو جهلاٽو بند پڇي پيو ۽ اهو سڄو نظارو غائب ٿي ويو. هاڻ هوءَ اڪيلي ويٺي هئي سندس هٿن ۾ اهي ئي سونيون چوڙيون هيون، جن کي سندس اکين مان اٿل ڪائيندڙ پاڻي اجرو ڪري رهيو هو پر هاڻي ان جي چلڪي سندس اکين ۾ ڪا به جوت ڪانه ٿي جلائي. هوءَ ڪنٽ ڪان هٽي ڪٽ تائين آئي ۽ پاڻ چڏي ڏنائين. ڪي گهڙيون هوءَ روئندي رهي. اوچتو ڇڻ ڇڻ جو آواز ٻڌائين. ٻي خيالي ۾ چوڙيون سڀ هيٺ ڪري پيون هيون، وکر ڪان وچڙيلن وانگر ڏار ڏار پري پري پيون هيون.

هن جيئن پهرين چوڙيءَ کي کنيو ته هن ڏٺو ته ڪو درتي بيٺو آهي. هن سڃاتو ته هو سندس ڏير اسلم هو. هو آهستگيءَ سان وٽس آيو ۽ هن چپ چاپ هڪڙي چوڙي کڻي هن کي ڏني. هو ڪا گهڙي ڄميو بيٺو رهيو پوءِ چيائين: "ڀاڄائي! سونهين ته نٿو نه توکي چوان پر توکي خبر آهي ته منهنجي ڪهڙي حالت آهي. مهمانن جا لڏا لٽا پيا آهن. ٽيجهي جو خرچ به جهڙو تهڙو نه ٿيندو. منهنجي خيال ۾......"

هن سڀ چوڙيون ميڙي ڏير آڏو جهليون. ڏيرس ان مان هڪ چوڙي ٻي کنئي ۽ چپ چاپ هليو ويو.

هن وري چوڙين ڏانهن ڏٺو. اوچتو در وري کليو ڪيس پنهنجي ننڊڙي نينگر حور نظر آئي. هوءَ بيٺي رهي ۽ حور پدمڙا پير کڻي اچي ڪيس ڀاڪر پاتو. جيئن هن حور کي کنيو، حور چوڙين ۾ هٿ وڌس، هوءَ ڪا گهڙي ٽبيءَ ۾ پئجي وئي.

"حور به ته سونو زيور گهرندي، اڄ ننڍي آهي، سياڻي وڏي، جي هيءُ باقي چار چوڙيون به کڻي ويا ته پوءِ ڇا ٿيندو!"

❊ ❊ ❊

چون ٿا ته وقت جو بادشاهه پرن واري گهوڙي تي سوار، اڏامندو رهي ٿو. رونق وقت جي رفتار کي تڪيندي رهي. سندس ترڳءَ تي رکيل باقي چار چوڙيون به اڏامي زماني جي نرالي دستور ۽ رسمن جو بک ٿي ويون. ماڻهو به ان گهر جو مري ۽ گهر به انجو ئي لٽجي، شايد موت وانگي قدرت جو اهو به اٽل قانون آهي.

ٽيجهو ٿيو، چاليهو ٿيو، ائين هن گهر جا ٻيا ٽپڙ به ڪيدي ڏنا. مهمان، عزيز قريب، همدرديءَ جا انبار کنيو سندس آڏو ڦيريون پائيندا رهيا. سندس مانيون کائيندا رهيا. پر ڪنهن ڪيس ائين ڪونه چيو ته هيءُ به چار ڏوڪڙ اٿئي. توکي به ضرورت هوندي. رونق جڏهن هٿين خالي ٿي هڪ ڏينهن سندس فضا ۾ تڪيندڙ خالي خالي نظرون وجي ڏيرس اسلم تي ڪتيون جيڪو ميسٽي شڪل ٺاهيو بيٺو هو.

ڪا گهڙي خاموشي هئي، نيٺ اسلم ڪڇيو : "ڀاڄائي، ڀاڄائي." هوءَ خاموش رهي. ائين جيئن هميشه رهي هئي. ائين جئين سندس گهر خاموش ٿي ويو هو. ڀريل وسيل گهر اڄ ويران هو، جنهن جي ڪا شئي نه بچي هئي. هن جي نظرن کي ڏسي اسلم تڪڙو چيو : "ڀاڄائي، مان تولاءِ فڪرمند آهيان، آخر تنهنجو ڇا ٿيندو. مان هڪ غيرت مند پاءُ آهيان. مان نه ٿو چاهيان ته تون ڪو

ڪم ڪر ۽ خاندان تي ڪو بدنامي جو داغ اچي. مان اهو به نٿو چاهيان ته تون ڪو نڪاح ڪرين. هونئن ته مان توکي اجازت به ڏيان پر حور جو ٻئي گهر ۾ پلجڻ جوان ٿيڻ ۽ انهي خاندان ۾ وڃڻ مون کي پسند نه آهي. مان اهو به نٿو چاهيان ته تون اوڙي پاڙي کان مدد وٺين ۽ ڏاريا مرد تنهنجي در تي روز بيٺا هجن."

هوءَ ڏانهنس انهن ئي نظرن سان تڪيندي رهي. اسلم چوندو ويو.

"توکي خبر آهي، پاڻ وارو سئوٽ جان محمد ڪيڏو نه پلو ماڻهو آهي. هو مون وٽ آيو هو ته حور سندس پٽ گل محمد لاءِ ڪيس ڏيون. هن نه رڳو ڇوڪري کي پالڻ جو پر توکي به پالڻ جو سرڻو ڪنيو آهي. مان ته انهيءَ مهل ئي ها ڪرڻ وارو هيس پر چيم ته توکان پڇان. توکان پڇڻ ضروري ته نه هو ڇاڪاڻ ته آخر ڇوڪري جو وارث مان به ته آهيان."

اسلم، رونق ڏانهن ڏٺو. هاڻ ڪيس خالي نظرن ۾ هزارين طوفان نظر آيا. هوءَ ڏانهنس انهن نظرن سان تڪي رهي هئي. جنهن ۾ هزارين شڪايتون هزارين ڏک، باهه جي شعلن وانگر ڇپيون ٻڻجي پڙڪي رهيا هئا. هو وڌيڪ انهن نظرن آڏو بيهي نه سگهيو. ڪيس هزارن ارمانن ۽ خواهشن جي اتت ۽ تاءُ محسوس ٿي رهيو هو. انهي گرمي ۾ گهٽ ۾ صرف ايترو چئي سگهيو: "چڱو مان هلان ٿو پلي تون سوچ، مان ادي جان محمد کي توڏانهن موڪليان ٿو."

هو يڪدم ٻاهر نڪري ويو. رونق جي زبان تي اهو ايندي ايندي رهجي ويو ته : "توهان مائٽ ڪهڙي حساب سان منهنجي ڇوڪريءَ تي حق ڄمايو ٿا. جڏهن ٿن ورهين ۾ منهنجو الهه تلهه پورو ٿيو ته توهان مان ڪنهن به خبر نه لڌي. اڄ مون بي وسيلي کان توهان اهو وسيلو به کسڻ چاهيو ٿا. مون پنهنجي گهوٽ جون نشانيون قربان ڪيون. چوڙيون وڪيم. انجا ٽپڙ وڪيم، سڀ ڪجهه وڪيم پر اڄ اوهان منهنجي نياڻي به وڪڻڻ چاهيو ٿا. سو به انهي عيوض ته توهان منهنجي خبر گيري ڪندو ۽ منهنجي نياڻيءَ کي ڪارائيندئو پيارينديو."

هن گهڻو ڪجهه چوڻ ٿي چاهيو. هن چتيون لڳل وڳو ڏيکارڻ ٿي چاهيو، هن ليڙون ٿيل رئو ڏيکارڻ ٿي چاهيو. جيڪي هن کي خاندان جي عزت سانڍڻ جي عيوض ۾ مليا هئا. هن هڏا ٿيل جسم ڏيکارڻ ٿي چاهيو. هن بک ۾ پاهه ٿيل حور کي ڏيکارڻ ٿي چاهيو. هن خاندان جي اها عزت ۽ آبرو ڏيکارڻ ٿي چاهي جنهن جي مٿان هڪ قاتل ڳوڻ پئي هئي. پلئه ڪٽڻ جي دير هئي ۽ ننگ ناموس ننگو ٿي سامهون اچيس ها. پر سڀ حسرتون دل ۾ سانڍي هوءَ ڳوڙها ڳاڙيندي رهي، سڄي رات سڏڪندي رهي.

صبح جو ماڻهن رونق جي گهر تي تالو ڏٺو. ماڻهن ۾ چوپچو هئي، اسلم جي خاندان جي عزت لٽجي وئي هئي. پاڙي جي عزت هلي وئي هئي ڇون ٿا ته رونق پيجي وڃي ڪو مڙس ڪيو هو ۽ حور کي وڪڻي ڇڏيو هيائين.

مون کي اعتبار نه آيو. ڇاڪاڻ ته مان به سندس پاڙي جو رهاڪو هئس ۽ مان ڪيس چڱي طرح سڃاڻيندو هئس. چڱي طرح، اهڙيءَ طرح جهڙي طرح سندس مڙس کي سڃاڻيندو هوس.

هڪ ڏينهن مون ڪيس سنڌ جي هڪ ٻئي ڏورانهين شهر ۾ ڏٺو.

جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهه کي ورهيه گذريا هئا پر مون ڪيس سڃاڻي ورتو. مان سندس ڪِد لڳس. سندس گهر تائين پهتس. مون ساڻس ملڻ نٿي چاهيو متان سندس چاڪ چڪي پون. شايد،

شايد انهيءَ ڪري جو مان سندس مڙس جو گهاتو سنگتي به هوس ۽ مان زماني وارن سان گڏجي پيو هوس ۽ مون سندس هڪ ڪوڙيءَ جي به مدد نه ڪئي هئي. مان اهو دستوري سنگتي هوس جيڪو وقت جي حالتن ڪري پيدا ٿيندو آهي. جيڪو صرف شاعر سان گڏ واهه واهه لاءِ هوندو آهي. جيڪو سندس مال کائيندو آهي ۽ وقت تي اوڏو نه ويندو آهي. جيڪو ڪائڻ ڇاٽيندو آهي، پر ڪارائڻ نه. جيڪو وٺڻ ڇاٽيندو آهي پر ڏيڻ نه. جيڪو مارڻ ڇاٽيندو آهي پر جيارڻ نه.

مان ڪا گهڙي در تي بيٺو رهيس ۽ ائين گهر مان اچن ڪپڙن سان هڪ نينگري هٿ ۾ اسٽيٿاسڪوپ ۽ اڇو جبو ڪنيو ٻاهر نڪتي. مون سڃاتو هوءَ حور هئي. اها حور جنهن جي ماءُ ڇهه سونيون چوڙيون ڏئي ڪيس ورتو هو. ننڍڙي حور اڄ وقت جي مسيحا هئي. مون هٻڪندي سندس مٿي تي هٿ رکيو ۽ تڪڙو تي ٽپڙي ڪٽي گهر ۾ داخل ٿي ويس.

رونق منهنجي سامهون وڏيون هڙون کوليون، ڪپڙا ماپي ۽ ڪڇي رهي هئي. سامهون هڪ سبڻ جي مشين به پئي هئي. اوچتو سندس نظر مون تي پئي، هن ڪا گهڙي چتائي نهاريو. سندس اکين تي عينڪ چڙهيل هئي. هن هميشه وانگي ڪجهه ڪو نه ڪڇيو ۽چپ چاپ ڳوڙها ڳاڙيندي رهي. چوڻ لاءِ به وٽس ڇا رکيو هو. سڀ ڪجهه سامهون هو هڪ کليل ڪتاب وانگيان. اوچتو پويان ڪڙڪو ٿيو ڏٺم ته حور اتي جو اتي موتِي آئي هئي ۽ تڪي تڪي ماءُ ڏانهن وڏي. هن رئي سان ماءُ جا ڳوڙها اگهيا ۽ پيار مان چيو : ”نه امي، نه رو، هاڻي ته نه رو، مان جو ويٺي آهيان. مون کي ڏس نه. منهنجي ڪري نه رو.“

حور تڪين نظرن سان مون ڏانهن ڏٺو، سندس اکين ۾ هزارين طوفان، هزارين شڪايتون هيون. انهي سان گڏ زماني جي خلاف بغاوت جا شعلا پي پڙڪيا جو ان جي تپش ۽ گرمي ۾ دم گهٽجڻ لڳو. منهنجي پيشاني پگهرجي وئي، مون رونق ڏانهن ڏٺو اتي هاڻ مامتا ۽ قرب جا ٿڌا وهندڙ جهرڻا هئا. ٿڌي ڇانو ۽ ٿڏڪار هو مون چاهيو ته وڏي انهيءَ ٿڏڪار ۾ ڪا گهڙي وهان پر بيهڻ جي سگهه ساري نه سگهيس ۽ ويندي ويندي رونق ڏانهن نهاريم.

همشيه وانگي رونق ڪجهه نه ڪڇيو، ڪجهه نه چيو، پر اڄ مون کي سندس خاموشي ڳنڀيرتا انهيءَ ديويءَ جي مجسمي وانگر لڳي جو خاموش ضرور هوندي آهي پر ان جي سونهن ۽ سوڀيا ذهني دنيا ۾ گهڻو انقلاب آڻي ڇڏيندي آهي.

# ٿوٺ ڏرتي

مستن تي کهڙي ميار. پرو ننهڻ اس ۾ کي کلاڪ جهمر هڻندو رهيو. ڊگهي چولي جو پلو مٿي ڪري جهولي جهلائي دانهون ڪندو هيو: "پيچ مولا!"، "هڻ ڪو مولا گوڏي جيڏو."،"هڻ ڪومولا گوڏي جيڏو"،"پيچ مولا.."

رب جي ذات وڏي آهي. اگهي ته ڪائو ڪچ، نه ته ماڻڪن ڪي به موٺ. پروءَ جي چوڌاري ماڻهن جا ميڙ هئا. پر رب جي ذات اڃا به وڏي آهي. پروءَ جي جهول ۾ نه هو ڪائو ڪچ، نه هن آڇ ڪئي، نه هيس لڄ. انگ اگهاڙو هڪ وڏو چولو جنهن جي هيٺيان ڪجهه به نه هيس. هو ٻاڏائي رهيو هو. رڙيون ڪري رهيو هو. پر رب جي ذات اڃا به وڏي آهي. جڏهن ڪو ڪرم ڪري. پروءَ جهڙا مست ته گهٽيئي، پر پرو سڏبو ئي هو مينهاٽي مست! پرو کهڙو چي: "مينهاٽي مست."

اڄ هن لاءِ آزمائش جي گهڙي هئي. ماڻهن جا ميڙا ڪ اک منجهس، سندس چرپر تي ماڻهن ۾ چرپر اچيو ٿي ويئي. سندس هر نعري تي نعرو پي لڳو "پيچ مولا!"، "پيچ مولا"، "هڻ ڪو مولا گوڏي جيڏو."،"هڻ ڪومولا گوڏي جيڏو".

"جيڏو تنهنجو ناءُ اوڏوئي آسرو." واري آسري تي خلق ڄميو بيٺي هئي. پگهر پي ڳڙيا، جسم پي سڙيا، پر هو سڀ آسروند هئا ۽ سندن هڪ نظر پروءَ ۾ هئي ۽ هڪ نظر آسمان ۾. اڃا ته ڪٿي به آگم جو اهاءُ نه هو. ابر جو اهڃاڻ نه هو. پر آسروند اهو ئي آسرو رکيو بيٺا هئا ته رب جي ذات گهٽي گهٽي وڏي آهي وسي ته وڏڦڙو، اچي ته اچڻ آگهاري، برسي ته بُهاري، اتي ته اڃايل پياري. اڃايل اڄ ڪنيو بيٺا هئا. ڌرتي ٿوٺ هئي، سو کهڙي ساوا به سڪائي ڇڏيا هئا.

انهي ٿوٺ سڪل ڌرتي تي اڄ پرو بيٺو هو، جنهن سان هن جو ازلي ناتو هو. سڄي ڳوٺ وارا سنيرن ته هو پروءَ مان مينهاٽي مست ڪيئن ليکيو.

پرو ڪو ڄائي ڄم کان مست ڪو نه هو. پرو ائين ئي هو جيئن عام ٻار ٿئي. هڪ غريب پيءُ ماءُ جو غير پٽ. ڦاٽل چولو، هيٺيان ڪجهه به نه، گهٽيءَ ۾ ليٽڙيون پائيندڙ. مٽيءَ سان راند، ٻاراڻي وهيءَ جي مستي ڪيس انهي ڳالهه جو پتوئي نه رهيو ته هن جا پيءُ ماءُ مري ويا آهن. هڪ نديڙي گهر ۾ پڦين جي حوالي، چاچي جي مار موچڙي هيٺ پئي پليو. پروءَ لاءِ سوٽن جو ولر وڏي نعمت هو. ڪيڏڻ رڙيون ڪرڻ، واڪا ڪرڻ سندس وس هو. نديڙي ڪچائين گهر جي وڏي اڱڻ ۾ ويهي جڏهين ٻارن جي لڏي سان گڏ ڦيريون پائيندو هو ته سندس ڪيفيت ڪنهن مست کان گهٽ ڪانه هوندي هئي. جيتوڻيڪ سندس ڪا به اهميت ڪا نه هئي، پر هو پنهنجي دلبريءَ جا داو ڏيکاريندو رهندو هو. سندس ڪلٽي، ملوڪ منهن لاءِ ڪنهن ڪي ڪو خاص چاهه نه هو. هو هڪ يتيم ٻار هو ۽ اهڙا ٿوهه پٽن ۾ ڪيئن پيا هئا.

پرو انهي ۾ به خوش هو. سندس خوشي تڏهن وڌي ويندي هئي. جڏهن سندس پنهنجي سوٽ مومل ڪي آگر ڪان وٺي هلائڻ جي ڪندو هو. هوءَ جڏهن پدمڙا پير ڪٽي هن سان گڏ اڱڻ ۾ هلندي هئي ته هو خوشي وچان رڙيون ڪندو هو ۽ پڦي زينان ڪي سڏ ڪندو هو. "پڦي، او پڦي، هيءَ مومل ته ڏس ڪيئن هلي ٿي. جهڙي ديل!"

پڦي! جنهن پرو کي پنهنجو ڪري رکيو هو. وراڻدي مان جواب ڏيندي هيس: ”ها، ها پريل مومل تہ ڍيلن جي بہ راڻي آهي.“ هو خوش ٿي، مومل کي مٺي ڏيندو هو ۽ زور سان چوندو هلندو هو: ”هلي منهنجي ڍيل راڻي، هلي منهنجي ڍيل راڻي!“ ۽ وني اچي پڦي وٽ بيهندو هو. پڦي هيڏانهن هوڏانهن نهاري چوندي هيس: ”اڙي پريل، هوءَ تہ ڍيل آهي تون ڇا آهين، منو مور؟“ تہ پرو مومل کي ڇڏي ٻانهون کولي مور وانگر نچندو هو ۽ نچندي ٽپندي ٻاهر هليو ويندو هو.

پروءَ جي اها نچڻ ڪڏڻ جي مستي ويتر وڏي ويندي هئي. جڏهن آڙهڙ جا ڏينهن سانوڻ اچي ٺاريندو هو. مينهوڳيءَ جي موسم پروءَ لاءِ من مستي ۽ ٿوهہ ٿلارجڻ جا ڏينهن هوندا هئا. هو پهرين ڪٺيءَ تي ٻاهر نڪري ايندو هو ۽ خوشيءَ وچان دانهن ڪندو هو: ”پيچ مولا!“ ۽ پوءِ سندس سوٽ بہ هنبوچيون هڻندا نڪري ايندا هئا. نعرن جو ڏوڏڪاٽ هوندو هو: ”پيچ مولا چاندي جا گولا.“ ”پٽ تي نوڙي، مينهن آيو ڊوڙي.“ پر پروءَ جو وٽندڙ نعرو هوندو هو: ”هڻ ڪو مولا گوڏي جيڏوا!“ نعري هڻڻ ۾ هو بنهہ مست ٿي ويندو هو. جڏهن تکو مينهن پوندو هو، ٻار سڀ اندر وراندي ۾ ڊوڙي ويندا هئا، تہ بہ پرو بيٺو هوندو هو. سندس رڳ رڳ بهاريءَ ۾ هوندي هئي. هو مينهن ڦڙا ٻٽ تي وراڻيندو ويندو ۽ مينهن ڦڙن کي پيئندو ويندو هو. ڪڏهن تہ گپ ڪٺي ٻت تي لائيندو، منهن تي مليندو، ڪڏهن تہ ڏبن مان پاڻي پيئندو هو. پڦيس رڙيون ڪندي هيس: ”پرو، اڙي پرو، مري پوندين، اندر اچ.“ پر هو مينهن جي گوڙ ۾ جڻ تہ ٻڌندو نہ هو. پر جڏهن چاچو نڙ ڪڍندو هو ۽ وراندي مان الاريندو هيس: ”اڙي اچين ٿو يا نہ، هڏ گڏ پيچي ڇڏيندو ساڻءِ.“ تڏهن لاچار اندر ايندو هو. پڦيس چولو سڪڻ وجهندي هيس ۽ هو پوتڙو ٻڌي، وراندي جي هڪ ڪنڌائتي در وٽ بيهي مينهن جي ڪا لار جهٽي وٺندو هو.

ڪڪر اچا اڪري مس هلندا هئا تہ پروءَ لاءِ ساوا پٽ پٽيهر ٻڻجي پوندا هئا. هو لهي اچي رئيس جي باغ ۾ پوندو هو. خوشي جون للڪارون ڪندو ليٽڙندو ويندو. يارن سان مستي ڪندو ويندو. موٽندو تہ اچڻ سان مومل کي ڪڍندو ۽ چوندس: ”منهنجي ڍيل راڻي هلي تہ سائي پٽ پٽيهر تي. هت نہ هلي، هلي تہ سائي پٽ تي. راڻي! باغ ۾ هلندينءَ؟“

يڪدم چاچيس رڙ ڪندي هيس ”مئا، باغ ۾ نہ ڪٺي وڃانس، ڪو تو وانگر پنڌ تي ڪري، تنهنجي ٽنگن ۾ لوهہ پيو آهي.“

”چاچي مومل وڏي ٿئي تہ پوءِ هلندي؟“

”چڱو، چڱو، وڏي تہ ٿئي.“

هو مومل جي پدمڙن پيرن کي تڪيندو توريندو رهندو هو. پرو خوش هجي ۽ مومل پير نہ ڪٺي ۽ خوشي وچان چيتون نہ ڪري. مومل جڏهن چنو ڳالهايو تڏهن بہ پروءَ دانهن ڪئي: ”پڦي ڍيل تہ ٻولي ٿي! “ پڦي وراڻيندي هيس: ” ٻولي سدا ٻولي، منو مورا!“ ۽ هو ٻانهن جون ڪنيڙاٽيون هڻندو، پيرڙا ڪڍندو چڻ لڳندو هو ۽ مومل بہ هاڻ ساڻس گڏ پيرڙو ڪڍندي هئي. مومل نچي ۽ پرو خوش نہ ٿئي.

ائين نئين موسم آئي، نئون سانوڻ آيو. پروءَ ۾ جڻ تہ وڄ واسو ڪيو هو ۽ ڪيس اسڪول جو بہ خيال نہ رهيو، نہ وري موسم جو ئي ڊپ! ڪڪرن جي اهڃاڻ تي هو اسڪول مان ٻاهر نڪري آيو. ڇا جو پڙهڻ ڇا جو لکڻ. هو پلا هو من جي مستيءَ ۽ بهاري ۾ اچڻ وارو پڪي سو خشڪ پٽن، سڪل ميدانن کي ڏسندو ڊوڙندو آيو. ڪيس بس نہ هئي، جيستائين گهر نہ پهتو. هن دانهن

ڪئي: "هڻ مولا گوڏي جيڏو" سيني سرتن گڏجي ورائيو: "هڻ مولا گوڏي جيڏو." مومل ٻاتائي چيو: "هن مولا تو دوڏي ديڏو." ائين ابر ۾ اهاءُ ٿيو. گوڙ ٿي، گجگوڙ جا ٺڪاءُ ٿيا. وڄ وراڪو ڏنو. بادل مستيءَ ۾ ورندا آيا. ڦڙ ڦڙ ڦري لارون ٻڌي، پرو تئين بهاري ۾ آيو: "هڻ مولا ڪو گوڏي جيڏو هڻ." وسڪارو ٿيو. نيسارا وهيا. ٻر پرو اجا ٻه مستيءَ ۾ هجي، مور ڪٽي پر ڪنديريا، ڊيل پريان آواز ڪري پرو ڪنيڙاتيون هٽندو وجي، چوندو وجي: "مولا اصل گوڏي جيڏو، گوڏي جيڏو!" جيئن پرو صدا هٽي تيئين ڪارونيار ۾ وڄ وراڪو ڏئي، وڄ جو وڄ اجا وڃي بس ڪري ته بادل بر تي بيهن ۽ گوڙ جا ٺڪاءُ هنياءُ ڏڪائن پر پرو مستيءَ ۾ مست هو. سندس ساٿي وراندي ۾ وڃي لڪا. هاڻ ته مومل جو ٻه آواز نه هو پر پروءَ جي صدا صدين جون سڪون لاهي ڇڏيون. وسيو ٻه ائين وسيو جو هاڻ پڪي پڪڻ لڪڻ لڳا، ماڻهوءَ جا ته اڳيئي ڦڦڙ ڏڪڻ لڳا هئا. ڪچيون جايون سو هڪ هڪ ٺڪاءُ تي سندن پيتيون تي لڏيون. چتيون ته اڳ ئي وهي هليون هيون گهر وارن جو ٻنهه ساهه منجهيل هو. هر هڪ اهو پي ورائيو : "جل تون جلال تون آئي بلا ڪي ٽار تون."

پڦي زينو ته وراندي ۾ بيٺي هئي، هاڻ ته هوءَ پروءَ کي سڏ ٻه نه ٿي ڪري سگهي، متيون منجهيل هر هر "حسبي الله..." جو ورد پئي ڪيائين ۽ شوڪارا پئي هنيائين. چاچي، پڦي صفوران ۽ ماسي نعمت، تغاربون ۽ بالتيون چت هيٺان ڏيڻ ۽ گاري ڊوڻ ۾ پوريون هيون ۽ چاچو تيشي ڪنيو ٻرگهلن کي بند ڪرڻ ۾ لڳو پيو هو. مينهن هٽي جاءِ کي چني وڌو هو. ڪلاڪ ڪن ۾ مينهن اصل پوريون ڪري ڇڏيون.

ماسي نعمت ته وهلور پئي ويئي: "هئڙو مينهن نه ڏٺوسين نه ٻڌوسين. اصل قيامت آهي قيامت." چڱي ويل وهي ويئي، مينهن گوڙ، وڄ جي ٺڪائن سان گڏ هڪ آواز بند تي ويو آهي. چاچو يڪدم ايو تي ٻاهر ڊوڙيو پرو اتي ئي بيٺو هو. هاڻ هو نعرو نه هٽي رهيو هو : "واهه ڙي مولا واهه. ٻنهه بهاري ڪري ڇڏيئه مولا. اصل رنگ لڳي ويا. واهه منهنجا مولا!"

ائين چاچي وڃي ڳتڙ ڪان جهليس. ڪنيي اندر ڪٽي آيس: "ڪتي جا ڦر، اسان جو ٿو وڃي سر ۽ تون آن بهارين ۾!" هڻ مولا گوڏي جيڏو!" نڙ ڪٽي چلم مان ڪديائين ۽ اچي ورتائينس:" اڙي چوندين هڻ مولا گوڏي جيڏو، پڻهين ٻرگهل بند ڪندو، ماڻهين گارو ڪندي. توکي اصل نه ڇڏيندس. اڙي ٻيا ڪهڙا هئا. جن گوڏي جيڏو جو نعرو هنيو هو؟"

ٻين نينگرن جو ساهه مٽ ۾ هو. ڪن ته ڪندون پاسا ورتا هئا، گلو ۽ شيرل ته ڪٽ هيٺان وڃي لڪيا هئا. "نڪرو ٻاهر نڪرو، شمو، يارو، هيڏي اچو."

چوڪرا جيئن ايندا ويا تيئن چاچي نڙ ڦيرايو: "اڙي گهوڙاڙي مري وياسين. اڙي بابا ڙي، الا ڙي، پي پئي. ائين وڏو ٺڪاءُ ٿيو. سڀ چپ ٿي ويا. ان سان گڏ "ڌبڪ" جو آواز ٿيو. سيني وراندي مان ٻاهر ڏٺو، رنڌٽي جي چت ويهي وئي هئي. ان سان گڏ سيني ڏٺو ته پرو چپ چاپ ٻاهر وڌيو. وڄ اڳڻ ۾ بيهي رهيو. نندڙا هٿ متي ڪٽي چيائين، "مولا هاڻ هالار ۾ هارينس." هن وري صدا هنئين. "مولا، هاڻ هالار ۾ هارينس." "مولا، مولا، منهنجا مولا!"

پروءَ جي صدا ٻه ڪا صدا هئي. مينهن جهڪو ٿيڻ لڳو، ڪا گهڙي نه گذري جو مينهن بس ٿي ويو. پرو اتي ايستائين بيٺو رهيو. جيستائين ڪڪر تڙي پکڙي نه ويا. هاڻ ته ڏينهن شينهن هو. سڀ ٻاهر نڪري آيا. پڦي زينو وڏي پروءَ وٽ اچي بيٺي ۽ سندس منهن ۾ نهارڻ لڳي. ائين وڏي

واڪي چاچس کي چيائين:” ادا نصير، هيءُ ڇوڪر فقير اٿئي، ملنگ مست اٿئي. آئيندي سنيالي هٿ ڪٽندو ڪر. سندس ڪرامت ڏٺئي!“

گهر وارا سڀيئي پروءَ جي چوڌاري مڙي آيا. هن کي ائين ڏسي رهيا هئا، جڻ ڪا نئين شئي ڏٺي هئائون. چاچي نصير ويجهو اچي پروءَ جي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ پوءِ ڪربل رنڌٽي ڏانهن وڌي ويو. هاڻ ته مومل به پدمڙا پير ڪٽندي ٻاهر نڪري آئي هئي.

”پلو، مولا دوڙي ديڏو نه. ڊيل راني هلي ڪيون.“ پرو هن کي هلائيندو: ”منهنجي ڊيل راڻي هلي.“ ڪندو، ٻاهر نڪري ويو. هن ڀيري سندس چاچي خاموش ڄمي ببٺي هئي. هن کي مومل جي ٻاهر وڃڻ تي شايد ڪو به اعتراض نه هو. پرو سڌو اچي رئيسن جي باغ مٿان بيٺو ۽ برسيل جي بهار، اٿي جي هڳاءُ ڪان مست ٿي مومل کي ڏسي رهيو هو. جيڪا ڪيس هن مست ڪنڌڙ موسم جهڙي پئي لڳي. هيءُ ڏوتل، پوتل وڻ، اجريل ڏرتي، هو گپ ۾ ويهي رهيو. مومل گپ ڪٽي ڪيڏڻ لڳي. اڄ پرو بهاري ۾ هو. مينهن وسيا هئا. بهاريون ٿيون هيون. ڊيل راڻي ساڻس گڏ هئي.

هوڏانهن ماسي نعمت کي برقعو نه ٿي هٿ آيو. ٿوري دير ۾ گهر گهر ۾ اها ئي وات وائي هئي: ”پرو ڪوئي ڪرامت وارو آهي“ ۽ ائين پروءَ جي ڪرامت سڄي شهر ۾ پکڙجي وئي. الائي ڪٿان ڪٿان ماڻهو اچڻ لڳا. سيني نندڙو مست ڏسڻ تي گهريو. اڄرج مان پروءَ کي ڏسندا هئا ۽ ڪانئس دعا گهرائيندا هئا. پرو منڍ ۾ ته حيران هو، ته هيءُ آهي ڇا؟ پوءِ جڏهن نذر نياز ملڻ لڳو، اسڪول بند ٿيو. مار موچڙو بنهه گم. پرو بالم تي مست بڻجي ويهي رهيو. چاچي نصير ۽ پڦي زينوءَ جي چاندي هئي. آهستي آهستي گهر رونق اچڻ لڳي پرو ڪوڙا سچا ليڪا پائيندو وڃي. ”حق الله هو“ جو نعرو هڻندو وڃي ۽ چاندي نه وسي!

جيئن ڪرامتون ڪامياب ٿينديون ويون، پرو ڪامياب مست بڻبو ويو. هو ڪڏهن ڪڏهن پڦي کان پڇندو هو: ”پر پڦي مون کي ته ڪجهه به نه ٿو اچي، مان قرآن به پڙهيل نه آهيان. الف ب به پوري نه ٿي اچيم، مان ڪيئن ڪرامت وارو ٿيس.؟“

پڦي هش ڪري آهستي چوندي هيس: ”منو مور، ڪرامت جي صاحبن کي ٻاهرين علم جي ضرورت نه هوندي آهي. توکي باطني علم آهي پٽ! تون رڳو نيت سان ابتو سبتو ليڪو تو پائين يا هٿڙو تو گهمائين يا پاڻيءَ تي ٿو شوڪارين يا پاڻي ۾ تو هٿ ٻوڙين ته سيني جا ڪم سولا ٿيو تا پون ۽ ان سان گڏ اسان جا به ڪم سولا!.“

پروءَ ڪجهه به نه سمجهندي ڪنڌ ڏوڻيندو هو. پرو جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويو. سڀ ڳالهه ڪيس سمجهه ۾ ايندي وئي. هن چاچي جي مجبوري به سمجهي، سڄي گهر جي بي وسيءَ جو به پتو پيس. هن پاڻ کي مست سمجهڻ شروع ڪيو. هاڻ هنن جي گهر ۾ غريبي جو نانءُ نشان نه هو. ڪچي گهر مان پڪو گهر ٿي ويو. اوطاق نهي وئي. وڏي ڳالهه ته پروءَ لاءِ ڌار ڪمرو نهيو، جنهن کي آڏو سهڻو ڇاپرو هو. سيڪجهه چاچي نصير جي نظرداريءَ هيٺ نهيو. آخر چاچو پراڻو رازو هو. هاڻ ته سندس هٿ به ڏڪندا هئا. پوءِ هو ڪيئن رازپو ڪري ٿي سگهيو! هونءَ به ڪيس رازپي جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ قدرت جا به عجيب رنگ آهن. ڪنهن کي هٿ ۾ شفا ڏئي ته ڪنهن کي هٿ ۾ ڪرامت. پرو جو هٿ ڪجيو ناهي ۽ سوالي جو سوال پورو ٿيو ناهي! هاڻ ته پروءَ جا هٿ مضبوط، جوانن وارا هٿ هئا. ڪرامت ۾ به اوڏوئي زور هو.

پروءَ لاءِ هاڻ اها ڳالهه ڪا دلچسپي واري ڳالهه نه هئي. هن لاءِ جيڪي ڪجهه هو، سا مومل هئي. مومل هاڻ پوري ڏيل راڻي هئي. هوءَ هن جي سامهون جوڻ متائيندي رهي. هاڻ هوءَ خوبصورت ۽ ڏڳهن وارن، جهٽ ڪلڻ ۽ جهٽ بند ٿيڻ وارين وڏين اکين واري سهڻي راڻي هئي. پرو جيئن ڪيس راڻي سڏيندو آيو هو، تئين سڏيندو ايندو هيس، مومل جو چاهه به رنگ متائيندو رهيو. هاڻ جڏهن هوءَ پروءَ جي پير ۾ وهندي هئي ۽ پرو سندس هٿ وٺي مٿ ۾ وجهندو هو ته ٿڌو پاڻي سندس رڳ رڳ ۾ ڦلهجي ويندو هو. اهو پاڻي ٻين لاءِ ته شفا هو، پاڻي هو، پر مومل لاءِ آب حيات هو. هوءَ روز ان هٿ لاءِ واجهائيندي هئي ته ڪڏهن ٿو پرو سندس هٿ وٺي. هوءَ نه چوندي به چوندي هيس: ”پرو منهنجي هٿ ۾ ڪهڙي شفا آهي؟ تون منهنجو هٿ ڇو ٿو مٿ ۾ وجهرائين؟“ پرو سندس منهن ڏي ڏسي مرڪي ڏيندو هو.

پرو ان ڏينهن ته ٻنهه سندس ويجهو وهندو هو. جنهن ڏينهن هوءَ وهنجي سهنجي، اجريل ڪپڙا ڍڪي، الا وار پکيڙي، ڌبڪيءَ ۾ ماني ۽ ان تي ٻوڙ جو پريل وٽو رکي. تلندي سندس ويجهو ايندي هئي. پرو ماني پاسي تي رکي، ڪيس ٻانهن کان وٺي وهاريندو هو. سندس اکين ۾ نهاريندي، هو ويجهو وڃي سندس وارن جي اڻ اٽيل تاجي پيتي کي ڇڪي، نڪ جي ويجهو آڻي، وڏا ساهه کڻندو هو. ان مهل بي بي اختيار ٿي چوندوهو: ”رب منهنجي جي قدرت!“ مومل ور ور ڪري پڇندي هيس ۽ ان جو جواب به ساڳيو ملندو هيس، ته به هوءَ چوندي هيس: ”پرو ان ۾ ڪهڙي رب جي قدرت آهي؟“

”راڻي تنهنجي آلن وارن مان اهوئي هڳاءُ اچي ٿو، جيڪو انهي ويل ڌرتي ڇڏيندي آهي ۽ ملڪ واسجي ويندو آهي. ڇا اهو هڳاءُ عطر عنبير کان گهٽ آهي!“

انهي جي ويل سان سندس قرب هليو آيو. انهي جون بهاريون آيون ناهن. پرو ڇاپري مان نڪري ايندو. سندس صدا اهائي هوندي: ”هڻ مولا گوڏي جيڏو.“ اجا هڪ به صدا مس هڻندو ته مومل پري کان ڊوڙندي ايندس: ”بس پريل!“ هو ماٽ تي ويندو پر اپو تي پيو نچندو. مينهن ٻت تي وراڻيندو، پاڻيءَ جون لارون پيئندو. ڌٻن مان ڍڪ پريندو. مٽي ڪٽي ٻت تي لائيندو. هڪ وڏو مٽيءَ جو چاڻو ڪٽي مٽي تي رکندو هو. هڪ چاڻو ڌوپجي ويندس ته ٻيو ڪڻندو. ڇڳي ويل کان پوءِ مومل سڏ ڪندي هيس ۽ هو اندر ڇاپري ۾ هلي ايندو هو. مومل پوتڙو ڪٽي انگ اگهندي هيس. هو ڌيرج سان هٿ وٺي سندس هٿ ۾ پيل نڪر جي ڇتيل ڇلي کي وٺي ڦيرائيندو ۽ پوءِ انگوڇو وٺي پاڻ کي پاڻ اگهندو هو. هوءَ چپ چاپ ٻاهر وڃي ڇاپري ۾ ٻيهندي هئي ۽ پرو لتا متائي اچي پير ۾ ٻيهندو هيس. مومل سندس اکين ۾ نهاري چوندي هيس: ”پريل تون، مينهاڻي مست ڇو آهين؟ مينهن توکي مست ڇو ٿو ڪري؟“

پرو مرڪي چوندو هيس: ”راڻي مينهن ۽ ڌرتي جو ازلي لاڳاپو آهي. اسين هن ڌرتي جا نندڙا ڏٽي آهيون، اسين به مست نه ٿينداسين ته ٻيو ڪير ٿيندو! ڇا توکي مينهن مست نه ڪندو آ؟ هن جهڙ ڦڙ جي بهار ۾ تون ڪجهه به محسوس نه ٿي ڪرين؟“

مومل انهي جملي سان جڻ ته ڇڪجي سندس پير ۾ هلي ويندي هئي ۽ پوءِ سامهون وراندي ڏي نظر ڦيرائي هڪدم پوئتي ويندي هئي. رڳو ايترو چوندي هيس: ”پرو مون کي پتو ناهي!“ اهو چئي رئو ڪٽي ڇباڙيندي هئي يا انهيءَ نڪر جي ڇلي کي ڦيرائيندي هئي. جنهن ۾ سندس ساهه هو ۽ پرو هڪدم هٿ وٺي چوندو هيس:

”انهي چلي جا چڪر مان ڦيرائيندس، گهمي ته ٿو پر سولو نه. ڪاڏي ويندو، نيٺ ته هن هٿ وس ايندو.“
مومل مرڪي چوندي هيس: ”هاڻي تنهنجي هٿ وس ناهي ڇا، هينئر به ته تنهنجو آ.“
”نه راڻي جڏهن مان موڙ ٻڌي هٿ لال ڪري، تنهنجن رتڙن هٿن ۾ هٿ وجهي انهيءَ چلي ڪي مقدر سمجهي ڦيرائيندس پوءِ جيڪي نصيب!“
مومل شرمائجي ڇاپري جي ڪنڌ وجي ڪٽندي هئي ۽ سندس ساهه اپو ڪڄندو هو. پرو ويجهو ويندو هو ته هوءَ هٿ وڌائي چوندي هيس: ”پرو انهيءَ چلي ڪي ڦيرائيندو ڪر، الائجي ڇو منهنجو شاديءَ ۾ ايمان نه ٿو ٻيهي، هونئن به پرو شادي محبت جو معراج ته ڪونهي.“
پرو هڪ سادي سودي نينگر ڪان اهي اڪر ٻڌي، چرڪي ويندو هو ۽ ڳالهه ٽارڻ لاءِ چوندو هيس: ”تون به ڪنهن ڪان گهٽ ناهين. بنهه مست آهين. مون ڪان به وڌيڪ تو ۾ هونئن به مٽيا آهي، پر راڻي جڏهن سمجهه پريو ڳالهائين ٿي ته بس، پوءِ اسان پاربو مست وڏو مست ٿي وڃي ٿو.“
ايئن ٻئي ڇٽا ڪلي ڏيندا هئا ۽ پڦي زينو، جيڪا هاڻي قبر ۾ پير لڙڪايو ويٺي هئي. سامهون وراندي مان اهو نظارو پئي پسندي هئي. نور اجا سڄو هيس، پر سندس پاءُ چاچي نصير ڪي ته پتو نه ٿي پيو. پڦي زينو ڏسندي ڏسندي ڪنڌ لاڙي پاءُ ڪي چوندي هئي. ”ادا، هو جوڙو ڏسين ٿو؟“
”ڪهڙو جوڙو؟“
”پڪين جو“
”مينهن ۾ اجا پکي وينا آهن؟“
هوءَ گهڙي مات ڪري، پوءِ چوندي هيس: ”ادا، پريل جي پارت اٿئي.“
توکي به رکيو رکيو تا پور پون. الله ڪري جڙي هجين، مون ڪي پارت چو ٿي ڪرين!“
”ادا، مومل ڪي پريل ڪان ڏار نه ڪجانءِ نه ته سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندءِ، ٻڌاياڻءِ ٿي. اهو به ٻڌاياڻءِ ٿي ته نهيا ئي هڪبئي لاءِ ........“ ۽ اچي ڪنگهه چڙندي هيس، هو ساڻي ٿي ڪرندي هئي ۽ چاچو نصير ڪيس اوچڻ ڊڪي سمهاريندو هو.
”چري، ڳٽتي چو ٿي ڪرين؟ گهر جي گهر ۾ ڳالهه آهي، ڪا پري آهي ڇا. ڪنهن ڏينهن مکا ميڙو ڪرائي ڇڏينداسون.“ ائين چوندي هو مرڪي به ڏيندو هو ۽ پيڻ ڪي دلداري به ڏيندو هو. پر پريان ماسي نعمت جيڪا ڪن لايو ويٺي هوندي هئي، ڪوڙو منهن ڪريو، موڙو ڏيندو هئي ۽ آهستي پٽڪندي چوندي هئي، ”رک ڏٽيءَ تي، رڳو منهنجو شيرل روزگار سان لڳي، ڏس ته مان ڪيئن ٿي پنهنجا ٻيڙا ٻني لايان.“
ماسي نعمت جي ٻيڙن ڪي واقعي ڪو واءُ سولو لڳو، جو پڦي زينو ته الله ڏي هلي، پر چاچي نصير به ڏڪ نه جهليو. مٺي پيڻ جي ڏڪ هٽي ڏڪي وڌس. ٻئي ڇٽا وڏي جيءَ سان ٿي جيا، پر جيءَ جو ڪهڙو جياپو سڀ ڪي ڏٽيءَ وس، وٽيس ته جياري وٽيس ته ڪک پن ڪري ڇڏي.
پروءَ ڪي ڪنهن به اج تائين روئندو نه ڏٺو هو، سو وسيو ۽ سندس اکين جي وسڪاري، مومل ڪي ويتر رئاري وڌو. مومل هجي پئي ۽ سندس هجيل هانءُ ڪي ڏسي، پروءَ ڪٽي مات ڪئي نه ته شايد اپ ڪي به رئاري ها، پر پروءَ جو هانءُ تڏهن بنهه ڪاچي ويو، جڏهن هڪ ڏينهن مومل ڏانهنس نه لڙي،

منجهند جو ماني بہ ماسي نعمت کڻي آيس. هن رات تائين صبر ڪيو. پر جڏهن رات جو بہ ماسي نعمت اچي سندس آڏو ماني اچلائي تڏهن هو ٻر تي ويو. ”مومل ڪاٿي آ.“

”مومل ڪا تنهنجي ٻڌل آ جو هر ويلي تنهنجي ماني ڪٽي اچي، ٿهل ٽڪور ڪري.“

”ماسي مستن ڪي نہ چيڙ.“ پروءَ رڙ ڪئي ان سان گڏ سندس اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون.

”اهي اکيون ٻين کي ڏيکار، اهو مينهاڻي مست تون ٻين لاءِ هوندين. مان سڃاڻانءِ ٿي تہ تون ڪهڙو مست فقير آن! مون سان گهٽي ٽين ٽين ڪندي، تہ وجهندس هٿ برقعي ۾ جيئن مون پاڙي اوڙي وچي توکي مست ٺاهيو هو. هاڻ تنهنجي مستي ڪڍي ڪنديس ٻاهر.“

پروءَ يڪدم ماني کڻي ٻاهر اڇلائي: ”نڪري وڃ هتان“

”وڃان ٿي پر اهو ياد رک تہ مومل هاڻي شيرل جي نالي ٿي چڪي آهي. جي تو ان جو نالو بہ کنيو تہ مون جهڙو بڇڙو نہ ٿيندءِ!“

پرو حيران ٿي سندس منهن ۾ ڏسڻ لڳو، ڪا گهڙي هو خاموش رهيو. پوءِ تہ ڄڻ جلالي اچي ويس، يڪدم ٽپڙ کڻي اڇلايائين مستن وانگر مست ٿي پيو. دانهن اهڙي ڪيائين جو ماسي نعمت ڇرڪي وٺي ٻاهر ڀڳي. پروءَ رڙ ڪئي: ”مولا، ڪٿي آهين، مولا ! هڻ ڪو گوڏي جيڏوا مولا هڻ ڪو گوڏي جيڏوا“

ٿار جا ڏينهن هئا، سڀ وراڻدي مان نڪري آيا. ماسي نعمت وڃي ڪنڊ جهلي هئي، پروءَ جي چاچي وڏي آيس: ”ماسي ڇا ڪيس!“

”اڙي امان ماريئي کي ڇا ڪيم، ڇيومانس تہ منهنجي مومل جو نالو نہ کڻي.“

”ماسي تو کي جهليو بہ هيم تہ في الحال ڳالهہ نہ ڪر، پر اصل پيٽ جي هلڪي آهين. هوڏانهن ڇوڪريءَ کي بہ بند ڪيو اٿئي جا پئي جهجي، هيڏانهن هيءُ ممڻ مچائي ڇڏيو اٿئي.“

”ممڻ ڇاجو، پلي پيو رنيي، رنيي رنيي مات ڪندو. هليو آ گوڏي جيڏو وسائڻ، مينهن جي ڪا موسوم آ، جو بس هاڻ اڀ ڏري پوندوا“

پروءَ رڙي رڙي، گهڙي ساهہ کنيو ۽ آسمان ڏانهن ڏٺو، پر اتي ڪجهہ بہ نہ هو.

اوچتو سندس ڪنن تي پڙلاءُ پيو. آواز وڃ واري ڪمري جون حدون لتاڙيندو وراندو ٽپندو، سندس مستي کي مست ڪندو ويو.

”پرو، پرو!“

پروءَ کي ائين محسوس ٿيو تہ ننڍڙي ڊيل پئي ڪوڪاري، سندس هٿ مٿي ڪجي ويا ۽ ڪنيڙاٿيون هٽي ڦيريون پاتائين. سڌو وڃين ڪمري ۾ پهتو، اندرين ڪوٺيءَ کي ڪلف هو. اندران اهوئي آواز: ”پرو، پروا“ هن ڪلف کي ست ڏني، پر نہ ڪليو. هن مستيءَ ۾ در کي هڪ ٽڪر هنيو، ٻيو ٽڪر هنيو، سندس رتو ڇاڻ منهن تي اهائي مستي هئي. هو هاڻ رڳو اهو چئي رهيو هو: ”منهنجا مولا، ڪٿي آهين، ڏسين ٿو، اجا چئين ٿو تہ نہ، بس مولا هڻ ڪو گوڏي جيڏو، ڪر ڪا ٻهاري!“ هو رت ڳاڙيندو رهيو، ٽڪر هڻندو رهيو، پر ڊپ ڪان ڪير بہ سندس ويجهو نہ پئي آيو. ماسيءَ شيرل کي ڏڪو ڏنو، پر شيرل اتي ئي ڄمي ويو. سندس سوٽ پري بيٺا هئا. پرو رت ڳاڙيندي ڳاڙيندي، ڪري پيو. ڪيس ائين محسوس ٿيو تہ هاڻ اندران ڪير ٽڪر پيو هڻي. هن اٿڻ جي ڪئي، پر اٿي نہ سگهيو. رت ڦڙن وڃي ڌرتي ڪنئي، هاڻ رت جو مينهن هو، جو پئي وسيو. ائين گوڙ جو آواز ٿيو،

وچ جو چمڪاٽ تيڻ لڳو. سپ ٻاهر پڳا ڪارن ڪڪرن جي ڪارنهن سڄي آسمان کي ويڙهي وئي هئي. هڪ گوڙ جا ٺڪاءُ ٻيو وچ جا چمڪاٽ. اونده انڌوڪار تي ويو. وچ جي روشني ويتر تي هنياڻءُ ڇنو ۽ ائين اچي وڏ ڦڙي ٺڪاءُ ڪيو. مينهن بہ مينهن هجي، پاڻي هجي جو ڇڇڪارا ڪيو پيو وسي، ڇڻ ڪير ڇڄ پري پيو هاري. پروءَ جي چاچي ڪجهہ پاڻ سنڀالي ورتو ۽ هوءَ پنين پير واپس وري، پرو کي اورانگهي وڃي ڪلف ڪوليائين. پرو بي سرت پيو هو. ڪوٺيءَ جو در ڪوليندي وسامي ويئي، مومل بہ ٽڪر هٽي رتو ڇاڻ ٿيو پئي هئي. يڪدم دانهن ڪيائين.

”اڙي مري ويئي ماٽس، ماسي، شيرل، گلو، اڙي هيڏانهن اچو.“

سپ ڊوڙندا آيا، مومل کي ڪٽي ڪٽ پيڙو ڪيائون. ڪو سرمو ڪٽي آيو، ڪو پٽيون، ڪو پاڻي، مومل اک ڪوليندي چيو: ”پريل! سيني اوڏانهن نهاريو، جت پرو پيو هو، هو ڏک جي پرواهہ نہ ڪري پروءَ ڏانهن وڌي، نئڙي هن کي ڏنائين، ڳوڙها ڳڙي آيس، پوءِ يڪدم هوش سنڀالي چيائين: ”ادا گلو! هن کي ڪٽوس.“ هن پاڻ ٻيهي پروءَ جا زخم صاف ڪيا، سرمو پريائينس، آهستي آهستي هن جي پرسان ويهي رهي. ماسي نعمت جيڪا اچا بہ وهلور پئي ويئي، تنهن شيرل ۽ گلوءَ کي سرٻاٽ ڪيو تہ پروءَ کي ڪٽي سندس ڪوٺيءَ ۾ اچلي اچو. مومل سرٻاٽ ٻڌو، ڪنڌ ڪٽي چيائين تہ: ”خبردار جو ڪنهن پروءَ کي هٿ لاتو آهي، رکو پنهنجو خير گهرو.“

ان ويل وڏو ٺڪاءُ ٿيو، ڪنهن وراندي مان دانهن ڪئي: ”رڌٽو ويو.“ ان ويل ٻيو ٺڪاءُ ٿيو: ”وهنجڻ جي جاءِ وئي.“

ٻئي ڏڏڪي تي هيسيل آواز آيا: ”وراندي جو هڪ حصو بہ هليو ويو.“

ائين سيني ڊوڙي اچي ڪمري ۾ پناه ورتي، مومل پروءَ کي ڏسي رهي هئي. جيڪو هاڻ هوش ۾ هو ۽ مومل جي اکين ۾ اکيون هيس. هو گهڙيءَ ڪان پوءِ آهستي اٿيو، وچ جو چمڪاٽ ڏنائين، مينهن جو شپڪو ٻڌائين، اصل ڪٽ تان لهي ٻيٺو، مومل ٻانهن ڪان ورتس، پرهو اڳتي هلندو ويو. ائين چوندو ويو: واهہ منهنجا مولا اصل بهاري ڪري ڇڏيئہ. اصل رنگ لڳائي ڇڏيئہ. واهہ منهنجا سائين؟“

هو وراندي ۾ ئي هو تہ پرواري جاءِ جو ڏڏڪاٽ ٻڌائين، رڙيون واڪا، ان سان گڏ پاڙي مان بانگن جو آواز اچڻ لڳو مومل اچي پرسان ٻيٺس: ”پريل هاڻي بس، رب جي ذات بيشڪ وڏي آهي، هاڻي سندس در ڪڙڪاءِ پريل!“

”مومل، منهنجي مولا آڏو سپ نندا برابر آهن. تون بہ ٻاڏاءِ اچ مون سان.“

وچ اڱڻ ۾ مينهن جي پناهہ وٺيو ٻيئي ٻيٺا هئا، مومل هٿڙا ايا ڪيا، ”مولا هاڻي بس. منهنجا مولا هاڻي هالار ۾ هارينس منهنجا مولا رحم!“ ڪا گهڙي هوءَ ٻاڏائيندا رهي، رڙيون ڪندي رهي ۽ پرو خاموش ٻيٺو رهيو. ائين مينهن جهڪو ٿيو. تان جو ڦڙڦڙ وڃي بچي. ويل ئي ڪا نہ گذري جو آسمان تي تارا چٽا ڏسڻ ۾ آيا. پروءَ آهستي سندس هٿ ورتو، ٽڪر جي چٽيل چلي کي ڦيرايو: ”راڻي اهو سچ آهي، شادي محبت جو معراج ناهي، پر هاڻي هيءُ جهڙ ڦڙ جون بهاريون نہ ٿينديون. هاڻي مينهن نہ وسندا. هاڻي ملڻ ڪهڙا. جدايون تہ ڪينهن منهنجا سائين!“ پرو آهستي سندس هٿڙو ڇڏائي وڌيو ۽ ڏيڍي وٽ ٻيهي مومل کي ڏنائين. جيڪا بت ٻٽيو ٻيٺي هئي، چوڌاري سپ ياتي مڙي ويا. ماسي نعمت جو آواز چٽو هو. ”ٻڙي، هن جو خيال ڪيو، هيءُ الله لوڪ نينگر اٿو.

ڪرامت ڪانه ڏٺوَ. وٺي هلي اندر ويهاريوس. هيئڙا الله لوڪ ماڻهو ڪانيءَ ڪرامت وارا ورلي پيدا ٿيندا آهن.“ پرو ڪڙو ڪولي ٻاهر نڪري ويو. هن جي وڃڻ تي مومل ڇڻ سجاڳ ٿي پئي، دانهن ڪيائين ”پريل، پريل!“

پرو جيئن ڏيڍي جي چائنٺ ٽپيو، تيئن وري نه آيو. هو هاڻي سچو پچو مينهاڻي مست هو. هل الفي ۽ پاڻ، ڪڏهن ڪهڙي دڪان تي، ڪٿان ريوڙيون ڪنيائين، ڪٿان پڳڙا، ٻوڙون پيو پائيندو هو. رکي رکي دانهن پئي پوندس: ”هاڻي جهڙ ڦڙ ٻهاريون نه ٿينديون، هاڻي مينهن نه وسندا.“

ڪو ڳالهائڻ جي ڪندس ته وران ۾ ڊڪيل چپ ڪلي پوندا، چوندو: ”مٺا، شادي محبت جو معراج ناهي.“

ڪو دل جليو اتي ئي پڇندس: ”مينهاڻي مست! پوءِ محبت جو معراج ڇا آهي؟“

”جهڙ ڦڙ هي ٻهاري ۽ وسندڙن جو خير!“

”پر تون چئين ٿو ته هاڻي مينهن نه وسندا، هاڻي جهڙ ڦڙ جي ٻهاري نه ٿيندي.“

”اکين جي جهڙ ڦڙ کي ڪنهن روڪيو آ!“

پرو، غلاموءَ جي دڪان تي گهڻو ويهندو هو. غلامون سان دل به هوندي هيس. رات جو سندس دڪان جي دڪيءَ تي سمهي پوندو هو. ٿڌ ۾، ولهه ۾، سوڙ يا رلي به نه ورتائين. دڪان مان ته ٿي ڦاٽل گوڻيون ڪنيائين جيڪي ڪيس رات جو اوڇڻ جو ڪم ڏينديون هيون. غلامو جو پاڻ به ڦٽيل هو. ڪو نينهن لاتو هئائين، پر دل جو دلبر ڪيس ڏک ڏئي هليو ويو هو. هو جڏهن ٻرندو هو ته يڪدم دانهن ڪري چوند هو: ”پريل! دل ڪنهن سان لائجي؟ هنن ماڻهن سان جن ۾ وفا ناهي؟“

پريل رکي رکي چوندو هيس: ”منهنجي مولا جا غلام، تون هن مولا جي ڌرتيءَ جو به غلام آهين. هن ڌرتيءَ سان نينهن لاءِ ڏاڍي سوادي اٿئي.“ پوءِ مٽي کڻي مٽي ۾ وجهندو. منهن تي مکيندو، ڏڏڙ اڏائيندو، ٻوڙندو ويندو: ”واهه منهنجا مولا. اصل ٻهاريون ڪري ڇڏيئه“

هاڻي ته واقعي مٽيءَ جو مينهن وسڻ لڳو هو. ڪيترين مندون ٽري ويون ۽ نئين مند به خير سان پوري ٿيڻ تي هئي. مينهن جو ته پتو ئي نه هو. چوڌاري خشڪيءَ جو سمنڊ هو. جنهن ۾ سڀ پئي سڙيا ۽ ٻريا. ڍورا ڍوريون، ڪسيون ڪورون، تل تلايون سڀ خشڪ هيون. وڻ ٽڻ، پڪي پکڻ، ڍرو دڳو سو ڪهڙي جو ساءُ نتي ماٺي سگهيا. ڪن دم تي ڏنو، ته ڪي پوين پساهن ۾ هئا. ٻنيون ٻارا ته ٻري ٻارڻ ٿيا. هاڻ ماڻهن جو وارو هو.

سڀ پروءَ کي ڦري ايندا هئا. پر هو دانهن ڪري چوندو هو: ”هاڻ جهڙ ڦڙ جون ٻهاريون نه ٿينديون. هاڻ مينهن نه وسندا.“ ۽ ٻوڙ پائي شاهن جي درگاهه واري ميدان ۾ لهي ويندو هو. پوءِ هن کي ڪير وٺي. نيٺ غلاموءَ چيس: ”پرو، ائين نه ڪر، مينهن وساءِ!“

”مينهن منهنجي مولا جي هٿ وس آهي، پروءَ کي ڪهڙي طاقت آهي.“

”پر پرو تنهنجي دعا ۾ وڏي طاقت آ. تون ڪٽي دعا گهر. ڏس ڌرتي سڄي ٽوٽ ٿي ويئي آ. هاڻ ته ڪوهيون به سڪي ويون آهن. باقي بچيو آ مارڪيٽ وارو ڪوهه. اهو به گهٽا ڏينهن؟ هيءَ ڌرتيءَ وڏيڪ ٽوٽ رهي ته اسين سڀ ٽوٽ ٿي ويندا سين پريل!“

پرو ڪلندو هو ۽ پور پوڻ تي چوندو هيس: ” منهنجي مولا جا غلام، منهنجي مولا جي ڏرتي جا غلام، هن ڌرتي ۽ سندس ماڻهن جو ٺوٺ هجڻ ۾ شڪ اٿئي ڇا؟ پر اهو ياد رک ته ڌرتي هميشه دان گهرندي آهي. سمجهيئه! ڌرتي دان گهري ٿي!“

غلامون دان تي چرڪيو. سيني ڪي سڏي چيائين ۽ خير خيراتيون شروع ٿي ويون. پر شايد اتي نه اگهاميون يا اجا دير هئي.

هن پيري غلاموءَ ڪي جيئن پرو منهن تي چڙهيو، اصل ٻر تي بيٺس: ”تون مست ٿيو آن. ڏوڙ جو مينهاٽي مست آن! تون الله لوڪ آن. رڳو عاشق جيئڙو آن. مومل جي عشق ۾ حيران. اڙي ڪو اٿئي هن ڌرتي سان به عشق؟ ڌرتي دان گهري ٿي. ڏوڙ نه چائي. هاٽي ڏوڙ پاءِ. مومل ڪارو منهن تي ڪرئي. سڀ مومل ڪي مڃائي آيا آهن. هوءَ توکان فقيري ۽ مستيءَ ۾ گهٽ ڪانهي. اڄ دعا گهرندي، ڏس ته منهنجو رب ڇا ٿو ڪري؟“

پرو ڪا گهڙي ڄمي ٻيهي رهيو. پوءِ ڊوڙ پاتائين. سڏو وڃي پنهنجي گهر جي ڏيڍي وٽ پهتو. پر چانئٺ نه ٽپيو. اندران مومل جو آواز پئي آيو: ”مولا! هڻ ڪو گوڏي جيڏو!“

”پيچ مولا، منهنجا مولا رحم!“

پروءَ ات بيٺي ئي سين هنئي: ”پيچ مولا! هڻ ڪو گوڏي جيڏو!“ هڪ ئي صدا تي مومل ڊوڙندي ڏيڍي وٽ پهتي. پرو هن ڪي سڃاڻي نه سگهيو. هڏن جو پڃرو! ڪاڏي ويا چوتا چنبيل جا. ڪاڏي ويون پنبٽيون پناهه واريون ڪاڏي ويا گل گلاب جا. ڪاڏي ويا عطر جا هڳاءُ! هو هڪ ٺوٺ خشڪ سڪل ڌرتي ڪي ڏسي رهيو هو.

مومل هن جي ملوڪ منهن ڪي چيڙهالي وارن جي ڪڪرن ۾ پسي ڪو خوش ڪانه ٿي. اڇي اجري ماڻهوءَ ڪي ڏڏڙ ۽ مٽيءَ جي تهن ۾ ڏسي ڳوڙها ڳڙي پيس. هوءَ وڏي وٺس آئي. پروءَ ڏيرج سان سندس هٿ ورتو. اتي اهوئي ٺڪر جو چٽيل چلو موجود هو. هن ان ڪي ڦيرايو ۽ چيائينس: ”راڻي! هاڻ بهاريون ٿينديون. مينهن وسندا. سيڪجهه اجري پوندو. تون دل نه لاهه.“

۽ هن زور سان نعرو هنيو. ”مولا ! هڻ ڪو گوڏي جيڏو.“

هن ڏٺو ته ماسي نعمت اڃي پيرن ڪان جهليو هيس. ” ابا، پنتي نه موٺ. بس. جيڪا ٿي، سا ٿي. مومل اڄ به تنهنجي آهي، تنهنجي رهندي، مون ڪان خطا ٿي.“

هن آهستي پير ڇڏايا ۽ گهوري ماسي نعمت ڏانهن نهاريو. ”ماسي مستن سان وڏيڪ مستي ڪندينءَ ته تنهنجي شيري ڪي خاڪ ڪري ڇڏيندوسانءِ.“

” اڙي ابا. هن ته ڪجهه به نه ڪيو آهي. هن تنهنجي ڊپ ڪان مومل سان شادي ئي نه ڪئي.“

”مومل سان شادي؟“ پرو ڪليو. ڪلندي ڪلندي چپ پڪوڙي جي ويس. ”هي مومل ٿورٺي آهي. هيءَ ته منهنجي ڌرتي آهي ۽ هن سان لائون لهڻ لاءِ ڳاڙهو گهوٽ ڪپي. ڌرتيءَ لاءِ سر ستڙو ناهي. ڌرتي دان ڪان سواءِ ڪنهن جي ڪانهي. سمجهيئه ماسي!“

ماسي ڪجهه به نه سمجهندي وڃي پيٽ ۾ لڳي هئي.

پروءَ مرڪي، مومل جو هٿ ورتو. وٺي چلي ڪي ڦيرو ڏنائين ۽ صدائون هڻندو ٻاهر نڪري ويو. ”هڻ مولا گوڏي جيڏو.“ جيئن گهٽي ٽپي پرئين پر ٿيو. ته نظر وڃي رئيسن واري باغ تي پيس. جتي هاڻ سلا به سڙي خاڪ ٿي ويا هئا. وٽن جي جڻ ڪنهن چانگ ڪري ڇڏي هئي. هو آهستي

لهي ان پٽ تي بيٺو، جيڪو ڪنهن وقت هن لاءِ پٽ پٽيهر هو. جنهن جي سائي گاهه تي هو ليٽڙيون پائيندو هو. هو ان ئي پٽ تي ڏڙها هڻڻ لڳو، جيڪو هينئر خشڪ ميدان جي صورت اختيار ڪري چڪو هو. جنهن جو هر حصو ٽوٽ ڦٽجي چڪو هو. گهڙي ۾ ماڻهو اڇي مڙيا سڀ آسائتا. اڄايل اڄ ڪنيو بيٺا هئا ۽ ڌرتي ٽوٽ هئي.

هاڻ پروءَ جي مينهاڻي مست هجڻ جو به ايمان لڏڻ لڳو. پروءَ جي زبان ٽوٽ تي وئي هئي. هو نچي ڪڏي ٽپا ڏئي ڪنيڙاٽيون هڻي سهڪي پيو هو. سندس نڙي ويهجي وئي هئي، پر سندس صدائن ۾ ڪا به ڪمي نه آئي هئي. اهائي صدا، پر منهنجي رب جي ذات اڄا گهڻي وڏي آهي. جڏهن راضي ٿئي. پروءَ ڪي الائجي ڇا ٿيو. اوچتو هن دانهن ڪئي.

”ها منهنجا مولا. هيءَ ٽوٽ ڌرتي دان گهري ٿي، رت جو ريج گهري ٿي، تون سو منهن نه موڙ. باقي بندو حاضر آهي. ”ائين چئي پرو نوڙيو، وجي نراڙ پر فرش ڪنيائين ۽ زور سان ڌرتي تي ٽڪر هڻڻ لڳو. پلا ڌرتي ورهين جي اڄايل، صفا ٽوٽ، اصل رڪ تي لڳس. ٻئي ڌڪ ۾ رت جون ٽينڊيون وهڻ لڳس پلا خشڪ زمين رت ائين پيئندي وجي جيئن ڪو اڄايل اڃ لاهيندو آهي. پر پرو به ريج ڏيندو وجينس ۽ هو ايستائين ڌڪ هڻندو رهيو، جيستائين آبر ۾ اهاءُ نه ٿيو پهرين ڦڙي متس وسڪارو نه ڪيو ۽ پرو بي نور اکيون متي ڪٽي چيو: ”واهه منهنجا مولا اصل رنگ لائي ڇڏيئه. بنهه بهاريون.........!“ پرو وڏيڪ چئي نه سگهيو ۽ وجي ڌرتي جو پاسو ورتائين. هاڻ سندس رت به ڌوپيو پئي ويو، آهستي آهستي رت جي لالاڻ مينهن جي ڌارائن ۾ گڏجيو ڦهلبي وئي. ڪو وهڪرو ڪنهن طرف هو، ڪو وهڪرو ڪنهن طرف. رت جي لالائي پاڻي جي سونهن کي وڌيڪ سهڻو ڪري ڇڏيو هو. ڌرتي ته متاهينءَ تان، جتي مومل رهندي هئي. اتان جيڪي به وهڪرا آيا پئي، تن ۾ به اهائي لالاڻ، اهائي سرخي هئي. ٻئي وهڪرا جڏهن پاڻ ۾ ملي اڳتي وڌيا ته سڄي ڌرتي پٽ پٽيهر جو وڳ ڪٽي پاتو.

چون ٿا ته جڏهن به اسان جي ڌرتي ٽوٽ ٿي ويندي آهي ته ڪو نه ڪو مست ان کي رت جو ريج ڏيندو آهي ۽ الائجي ڪيترن مستن جو ان ڌرتيءَ کي ريج ڏنل آهي. جو هاڻ ڪڏهن به هٿ سوڪهڙو نه ٿيندو آهي. هميشه جهڙ ڦڙ جون بهارون هونديون آهن ۽ اتي جي مند ڪڏهن به ڪوٽي نه ٿي آهي.

# سنڌ سلامت

**www. sindhsalamat. com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books. sindhsalamat. com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play. google. com/store/apps/details?id=com. sindhsalamat. book